مڪمل 36 ئي سُر

# شاهه جو رسالو

(شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت
پنجاهه قلمي ۽ ڇاپي رسالن
سان ڀيٽيل متن ۽ معنيٰ وارو
زيرن زبرن سان سچو صحيح رسالو)



محقق ۽ شارح
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Sindhica
سنڌيڪا

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

Marfat.com

# شاهہ جو رسالو

(شاهہ جي سوانح ۽ فڪر سميت پنجاهہ قلمي ۽
جملي ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل متن ۽
معنيٰ وارو زيرن زبرن سان سچو صحيح رسالو)

محقق ۽ شارح
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Sindhica
سنڌيڪا

Marfat.com

# عنوانن جي فهرست


ناشر طرفان هـ-و

شڪريہ ادائي ز

تعارف: شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ تي هڪ صديءَ کان هلندڙ

تحقيق جي تڪميل ط-ع

مهاڳ ف-ق

شاهہ عبداللطيف جي سوانح حيات ١-٤٤

- سُر ڪلياڻ ٤٧-٦٢
- سُر يمن ٦٣-٧٩
- سُر ڪنيات ٨٠-٨٩
- سُر بروو ٩٠-٩٨
- سُر ساموندري ٩٩-١١١
- سُر سري- راڳ ١١٢-١٢٤
- سُر گهاتو ١٢٥-١٢٧
- سُر ڪاهوڙي ١٢٨-١٣٤
- سُر ڪاپائتي ١٣٥-١٣٩
- سُر بلاول ١٤٠-١٤٦
- سُر پرڀاتي ١٤٧-١٥٢
- سُر ڪارايل ١٥٣-١٥٩
- سُر ڏهر ١٦٠-١٧٢
- سُر آبري ١٧٣-١٩٣


Marfat.com

| | |
|---|---|
| ■ سُر معذور | ٢٠٦-١٩٤ |
| ■ سُر ديسي | ٢٢١-٢٠٧ |
| ■ سُر کوھياري | ٢٣٠-٢٢٢ |
| ■ سُر حسيني | ٢٥٢-٢٣١ |
| ■ سُر راڻو | ٢٧٠-٢٥٣ |
| ■ سُر ليلان | ٢٧٧-٢٧١ |
| ■ سُر ڪاموڏ | ٢٨٥-٢٧٨ |
| ■ سُر سورٺ | ٢٩٣-٢٨٦ |
| ■ سُر رپ | ٣٠٢-٢٩٤ |
| ■ سُر پورب | ٣٠٧-٣٠٣ |
| ■ سُر رامڪلي | ٣٣٠-٣٠٨ |
| ■ سُر آسا | ٣٤٨-٣٣١ |
| ■ سُر مارئي | ٣٧٧-٣٤٩ |
| ■ سُر سنهڻي | ٤٠٣-٣٧٨ |
| ■ سُر سارنگ | ٤١٢-٤٠٤ |
| ■ سُر ڪيڏارو | ٤٢١-٤١٣ |
| ■ سُر ڌناسري | ٤٣١-٤٢٢ |
| ■ سُر شينه ڪيڏارو | ٤٣٤-٤٣٢ |
| ■ سُر هير رانجهو | ٤٣٨-٤٣٥ |
| ■ سُر بيراڳ هندي | ٤٤٧-٤٣٩ |
| ■ سُر ڍول ماروي | ٤٤٩-٤٤٨ |
| ■ سُر بسنت | ٤٥٠-٤٥٠ |
| ■ ٽيهه اکري سسئي | ٤٥٢-٤٥١ |
| ■ تمر فقير جو ڪلام | ٤٥٩-٤٥٣ |
| ■ ڪلام فارسي | ٢٦٢-٤٦٠ |


Marfat.com

## پبلشر نوٽ

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو پنهنجي ٻوليءَ، توڙي فڪر ۾ اسان سنڌين جي لاءِ حيات جو پيغام آهي. جيستائين رسالو باقي آهي تيستائين اسان کي ڀٽڪائڻ ۽ مٽائڻ وارن جون ڪوششون هرگز ڪامياب نہ ٿينديون. شاهه ڀٽائي رسالي کي "آيتون آهين" سڏيو، جيئن جيئن اسان انهيءَ رسالي مان آيتن جو پيغام ۽ فڪر پنهنجي لاءِ سرچشمو بڻائيندا سون تيئن تيئن اسان جي انفرادي زندگي ۽ اجتماعي حيات ۽ شعور سگهارا ٿيندا ويندا. انهيءَ ڪري اسان سڀني ساڃاهه وندن جو فرض آهي تہ جيڪي ماڻهو ڀٽائيءَ جي "آيتون آهين" واري فڪر ۽ شعور جي انحراف جي دڳ تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پنهنجي نئين نسل کي انهن واري چالبازين کان بچايون. اسان جي ڪيترن نسلن انهيءَ انحراف جي سزا ڀوڳي آهي ۽ هي دور وري آفاقي حقيقتن ۽ سچائين کي ابلاغ جي ذريعن سان پڌرو ڪري رهيو آهي ۽ اهي حقيقتون فڪر، دانش ۽ شعور کي جهنجهوڙي رهيون آهن. مرحوم شيخ اياز انهن حقيقتن جي آشڪاريءَ جو برملا اظهار ڪندي چيو هو تہ "ڀٽائيءَ جو دڳ نيڪ آهي، ٻيا ورن وڪڙن وارا دڳ تو کي ڀٽڪائيندا رهندا."

اسان سنڌيڪا جي طرفان مسلسل ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ شاهه سائين جي رسالي کي عام ڪيون ۽ ان آفاقي پيغام کي سنڌ جي هر ماڻهوءَ تائين پهچايون. ان سلسلي ۾ لطيفيات جي حوالي سان سورهن ڪتابن جي مستقل سيريز ڇاپي چڪا آهيون.

هيءُ رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لڳاتار عالماڻين ڪوششن جو نرالو علمي شاهڪار آهي. بلوچ صاحب سالن جا سال علمي عرق ريزي ڪري شاهه جي رسالي جو مستند متن تيار ڪيو هو جيڪو ڏهن جلدن ۾ فڪر توڙي لغت جي تحقيق، تنقيد ۽ ٻيا سان مختلف وقتن تي شايع ٿيندو رهيو. آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي شاهه جو ڪلام مستند متن ۽ رسالي جو ڪلام ڳڏائي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي تڏهوڪي سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي جي ذريعي 2009ع ۾ شايع ڪرايو، اها اشاعت سنڌ ۾ بيحد مقبول ٿي ۽ جلد ئي ناياب ٿي وئي.

هينئر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ يادگار ڪاميٽيءَ فيصلو ڪري هن رسالي جي اشاعت جو ذمو سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي حوالي ڪيو آهي جنهن لاءِ اسان ڊاڪٽر بلوچ جي گهرياتين ۽ ڪاميٽيءَ جي سڀني ميمبرن جا بيحد شڪرگذار آهيون. خاص طور تي محترم پروفيسر محمد يوسف شيخ، سائين عبدالغفار سومري ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي پوٽي جناب محمد راشد بلوچ هر مرحلي تي هن رسالي جي اشاعت لاءِ نگراني ۽ رابطي ڪاريءَ جا وڏا وڙ ڪيا.

اسان کي اميد آهي تہ شاهه جي رسالي جو هي مستند متن شاهه جي عاشقن لاءِ فڪري رهنمائي، شخصي ۽ اجتماعي سڌاري ۽ قومي ترقيءَ جي لاءِ هڪ اهم ماخذ بڻبو جنهن سان موجوده دور جي نفسي مونجهارن، ويڳاڻپ ۽ ابتري جي خاتمي ۾ ڀرپور مدد ملي سگهندي.

**نور احمد ميمڻ**
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

Marfat.com

Marfat.com

# شڪريي ادائي

هڪ ئي جلد ۾ سمايل هي شاھ جو رسالو، پنجاھ قلمي رسالن ۽ سورهن ڇاپي رسالن سان ڀيٽيل وڏي تحقيق آهي، جنهن ۾ سڀ سُر شامل آهن ۽ سڄو ڪلام زيرن زبرن سان صحيح صورت ۾ ٻيهاريو ويو آهي. هن رسالي جي خوبي ۽ خصوصيت بابت گهڻو چوڻ جڳائي پر آءٌ ان ڪي ٿورن لفظن ۾ چوڻ چاهيان ٿو، حالانڪ شاھ صاحب چئي ويو آهي تہ "پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران." هي رسالو ٽن خاص خوبين سان سينگاريل آهي: ڪلام جي ڪاٿي جي لحاظ سان جامع آهي، صحت جي لحاظ سان مُستند آهي، ۽ تحقيق جي لحاظ سان معياري آهي.

هن ڪم کي ڪاميابيءَ تائين پهچائڻ ۾ ڀرپور ڪردار منهنجي پنهنجي ذوق ۽ جذبي جو آهي، پر ٻين بہ گهڻن سڄڻن مونکي سهارو پئي ڏنو آهي جن سيني لاءِ منهنجي دل ۾ جايون آهن.

مونکي دلي خوشي ٿي آهي جو منهنجي حياتيءَ ۾ هي وڏو ڪشالو ۽ ڪارنامو پورو ٿيو جنهن سان شاھ عبداللطيف (رحہ) جهڙي عظيم انسان ۽ سندس الهامي ڪلام جو ڪنهن حد تائين حق ادا ٿيو. آءٌ هن ڪاميابي جي موقعي تي پنهنجي والد مرحوم علي محمد خان کي ياد ڪندي سندس شفقت ۽ محبت کي وڏي پيار سان ميڃان ٿو. آءٌ اڃان ڇهن مهينن کن جو ڇاول هوس جو هن سائين هي جهان ڇڏيو پر وڃڻ ويل وصيت ڪيائين تہ "منهنجي پٽ کي پڙهائجو." منهنجي چاچي مرحوم ولي محمد خان جا احسان جو اهو قول پاڙيائين ۽ آءٌ ايترو پڙهي پيس جو سندن مِهر ۽ محبت جي ساڃاھ طور اڄ هي چند لفظ لکي سگهان ٿو.

هن موقعي تي خاص طرح، آءٌ جناب ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جو ممنون آهيان جنهن شاھ جي رسالي بابت هن کان اڳ وڏي تحقيق وارن جلدن جي تياري توڙي ڇپائي ۾ مدد ڪئي، ۽ ان بابت وڏي تحقيقي رٿا جي ڪاميابيءَ تي پڪن پختن دليلن سان مقالو لکيو، ۽ هاڻي هن جامع مستند ۽ معياري رسالي جي اشاعت جو تعارف ڪرايو آهي.

علام آء- آء قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
15- محرم 1429ھ
13 جنوري 2009ع

خادم العلم
نبي بخش
(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

Marfat.com

Marfat.com

# تعارف

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح تي
## هڪ صديءَ کان هلندڙ تحقيق جي تڪميل

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي سال 1102ھ/1690ع ۾ ڄائو، ۽ 1165ھ/1752ع ۾ وفات ڪيائين. هو دنيا جي انهن ڳاڻ ڳٿين شاعرن مان آهي، جن پاڻ ڪاغذ قلم کڻي شاعري نه ڪئي ۽ نه وري ٻين کي چئي ان کي لکرايو، جيئن مولانا رومي، جنهن جي مثنوي چويهه هزار شعرن تي مشتمل آهي، ان لاءِ روايت آهي ته هو پاڻ شعر چوندو ويندو هو ۽ سندس خاص مصاحب اهو لکندا ويندا هئا. دراصل شاهه لطيف جو سمورو ڪلام هڪ خاص ڪيفيت جي پيداوار هو، جيڪو سندس حاضريءَ ۾ ويٺل فقير ٻڌڻ ۽ ورجائڻ سبب ياد ڪري وٺندا هئا. اهو ان ڪري ممڪن هو چو ته شاهه جي زندگيءَ ۾ ئي راڳ هڪ مستقل روايت ۽ رسم طور نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه عبداللطيف لاءِ ٻه ڏند ڪٿائون خاص طور تي مشهور ٿي ويون هڪڙي اها ته هن پنهنجو سمورو ڪلام وفات کان اڳ ڪراڙ ڍنڍ ۾ ٻوڙائي ڇڏيو ۽ ٻي اها ته هو اُمي يعني اڻپڙهيل هو. بهرحال، شاهه جي شاعريءَ جو سندس زندگيءَ ۾ لکيل يا لکرايل مجموعو نه مليو آهي ۽ پهريون مڪمل مجموعو "گنج" جي صورت ۾ ملي ٿو، جيڪو 1207ھ يعني شاهه صاحب جي وفات کان ٻائيتاليهه سال پوءِ جو لکيل آهي، جيئن "گنج" لفظ مان ظاهر آهي ته اهو اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ شاهه جي ڪلام کان سواءِ سندس حاضريءَ ۾ ڳايل ٻين فارسي، هندي ۽ سرائيڪي يا پنجابي شاعرن جو ڪلام موجود نظر اچي ٿو. "گنج" جي خاص ڳالهه اها آهي ته شاهه لطيف کي مثنوي روميءَ سان جيڪا محبت هئي، ان لحاظ کان گنج جي شروعات به مثنويءَ جي پهرئين شعر سان مناسبت رکندڙ بيت سان ڪئي ويئي . مثنويءَ جو اهو شعر هن ريت آهي:

بشنو از ني چون حڪايت مي ڪند
و از جدائيها شڪايت مي ڪند

گنج جو پهريون بيت هن ريت آهي:

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪُوڪاري
هن پن پنهنجا ساريا، هوءَ هنجون هوتن لاءِ هاري

اهڙيءَ طرح ٻيا فارسي شاعر جن جو ڪلام گنج ۾ شامل آهي تن ۾ سنائي ۽ حافظ قابل ذڪر آهن. ازانسواءِ سنڌي اساسي شاعرن قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله ۽ شاهه عنايت رضويءَ جو ڪلام پڻ گڏيل آهي. شاهه جو رسالو پهريون ڀيرو مڪمل صورت ۾ سال 1283ھ/1867ع ۾ بمبئيءَ مان ليٿو پريس تي ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ان کان پوءِ لاڳيتو ڇپبو رهيو. تاهم ان کان اڳ يعني 1207ھ کان 1283ھ واري مني صديءَ جي عرصي دوران ٽوٽي ان کان پوءِ

Marfat.com

ڳولي تحقيقي انداز ۾ شايع ڪرڻا هئا. ٻئي مرحلي ۾ شاهہ جي رسالي جي ”جامع، مستند ۽ معياري متن“ کي مڪمل ڪرڻ هو. ٽيهرئين مرحلي دوران تحقيق ڪندي شاهہ جي رسالي جا ٽن قسمن جا متن معلوم ٿيا، جيڪي تحقيقي انداز ۾ ڇاپي پڌرا ڪيا ويا تہ پلي مستقبل ۾ حوالي جي لاءِ اهي بہ هر محقق جي آڏو هجن.

(الف) سال 1969ع ۾برٽش ميوزيم ۾ رکيل شاهہ جي رسالي جي اوائلي نسخي کي شايع ڪيو ويو، جنهن کي ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي غير مڪمل تحقيق ۾ پڻ استعمال ڪيو هو. اهو نسخو گنج کان اڳ يعني ٻارهين صديءَ جي آخر جو آهي.

(ب) سال 1974ع ۾ راڳنامي جي روايت يعني سرڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ 69-1270هہ دوران لکيل ٽن قلمي نسخن کي پيٽي هڪ مثالي متن شايع ڪيو ويو ۽ حاشين ۾ مختلف پڙهڻيون ڏنيون ويون.

(ج) سال 1977ع ۾ سرسسئيءَ سان شروع ٿيندڙ اوائلي دور (1165-1207هہ) جي ڏهن قلمي نسخن کي پيٽي هڪ ٻيو مثالي متن شايع ڪيو ويو.

ڪم جي ٻئي مرحلي جي شروعات 1980ع ۾ ڪئي وئي، پر خود ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب ڪم جي رفتار ڪيترن سببن ڪري سست رهي. آخر سال 1989ع ۾ ”شاهہ جو رسالو“ يعني ”شاهہ جو ڪلام“ جو پهريون جلد منظر عام تي آيو، جنهن ۾ سرڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جي معياري متن، پيٽ ۽ سمجهاڻيءَ کان سواءِ شاهہ لطيف جي سوانح تي جديد تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي وئي ۽ هر نئين ڳالهہ جي سند پيش ڪئي وئي. ان کان سواءِ انهن ٻنهي سرن جي سنڌي نثر ۾ سمجهاڻي يا شرح پڻ هر بيت جي آڏو ڏني وئي. شاهہ جي ڪلام جو ٻيو جلد، جنهن ۾ چار سر شامل هئا، ٽن سالن جي وقفي کان پوءِ 1992ع ۾ ڇجي پڌرو ٿيو. اهي ٻئي جلد ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪاميٽي تحت سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ طرفان شايع ٿيا.

سال 1994ع ۾ جڏهن حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر مقرر ٿيڻ سبب ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي چيئرمين جي ذميواري مون تي عائد ٿي تہ مون شاهہ صاحب جي ڪلام سان گهري عقيدت سبب هن ڪم کي هر لحاظ سان اوليت ڏني. مون کي هن ڳالهہ جو فڪر هو تہ جيڪڏهن ٽن جلدن تي تحقيق ۽ تياريءَ ۾ ڏهاڪو سال صرف ٿيا هئا تہ پوءِ ڪل رٿيل ڏهن جلدن يعني باقي ستن جلدن جي تياريءَ ۾ ڪيترو وقت لڳندو! آخر ڊاڪٽر صاحب سان مشوري ڪانپوءِ فيصلو ٿيو تہ جيڪڏهن گهربل وسيلا مهيا ڪري ڏنا وڃن تہ اهو ڪم تيزيءَ سان اڪلائي سگهبو. نتيجي طور مون پنهنجي انتظامي صلاحيتن کان ڪم وٺندي ڊاڪٽر صاحب کي گهربل وسلا مهيا ڪري ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان کان پوءِ رسالي جا باقي ڇهہ جلد ”علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا“ هيٺ شايع ٿيا. اهڙيءَ طرح آخرڪار ”شاهہ عبداللطيف جو ڪلام“ ۽ ”رسالي جو ڪلام“ صحيح صورت ۾ سال 1999ع ۾ منظر عام تي آيا. بقول ڊاڪٽر صاحب ”ٽيهن سالن جي تحقيق ۽ پنجاهہ قلمي ۽ سورهن ڇاپي رسالن جي مطالعي ۽ پيٽ“ سان، شاهہ جو پنهنجو ڪلام زيرن زبرن سان، صحيح صورت ۾ معياري ترتيب ۽ معنيٰ سميت پڌرو ٿيو. رسالي جي آخري ڏهين جلد ۾ اهو ڪلام، جيڪو تحقيق جي نتيجي ۾ شاهہ جو پنهنجو ڪلام ثابت نہ ٿيو، اُهو ”رسالي جو ڪلام“ تحت شايع ڪيو ويو، جنهن لاءِ تفصيلي مقدمي تحت علمي ۽ ادبي تنقيد جا معيار واضح ڪيا ويا ۽ هر بيت لاءِ سبب ۽ سمجهاڻي ڏني وئي تہ اهو ڇو شاهہ جو ڪلام نٿو ٿي سگهي يا اها وائي شاهہ جو ڪلام ناهي. ڏنل وچور موجب اٽڪل ٻہ هزار ۽ هڪ سو اسي بيت ۽ هڪ سو چاليهہ وايون شاهہ جو پنهنجو ڪلام ثابت نہ ٿيا، ظاهر آهي تہ اهو ڪلام مختلف رسالن ۾ شامل هو. مطلب تہ ان تحقيق جي نتيجي ۾ شاهہ جي پنهنجي ڪلام جو ڪل تعداد بيتن ۽ واين سميت ٽي هزار ٽي سؤ ويهن جي لڳ ڀڳ بيٺو.

ڊاڪٽر صاحب رسالي جو هڪ پورو جلد رسالي جي لغت لاءِ وقف ڪيو جنهن ۾ انوکن لفظن، اصطلاحن، عبارتن، فقرن ۽ جملن جي معنيٰ ڏني وئي ۽ انهن جو انداز ويهن هزارن کان مٿي آهي. هن جلد کي ڇپائڻ جو اعزاز

Marfat.com

”سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري“ کي حاصل ٿيو. اهو جلد ”روشني“ جي نالي سال 2002ع ۾ منظر عام تي اچي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح ڏهن جلدن ۾ شاهه تي هلندڙ تحقيق هر لحاظ سان مڪمل ٿي.

هتي تحقيق جي بنيادي اصلن کان واقفيت رکندڙ هر شخص اهو سوال ڪري سگهي ٿو ته پهرين پرک جا اهي ڪهڙا معيار يا بنياد آهن،جن کي ڪسوٽي بنائي اهو فيصلو ڪري سگهجي ٿو، يا ڪيو ويو آهي، ته هيءُ شاهه جو ڪلام آهي يا ٿي سگهي ٿو ۽ هيءُ شاهه جو ڪلام ناهي يا نٿو ٿي سگهي؟ ڊاڪٽر صاحب اهي معيار هيٺينءَ ريت مقرر ڪيا آهن:

(1) رسالن جي تعداد جو معيار

(2) رسالن جي قدامت جو معيار

(3) رسالن جي پيٽ جومعيار

(4) ٻوليءَ جو معيار

(5) شاعريءَ جو معيار

(6) اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار

ظاهر آهي ته اهڙو بيت جيڪو سڀني رسالن ۾ موجود هجي ته اهو هر صورت ۾ شاهه جو ڪلام چئبو. اٿين تحقيق جي ميدان ۾ ماخذ جي قدامت کي وڏ ۾ وڏ اهميت حاصل آهي يعني جيڪو شاعر يا مصنف جي زندگيءَ يا دور کي ويجهي ۾ ويجهو هجي. گهڻن رسالن جي پيٽ سان وڌيڪ صحيح پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي. باقي ٽي معيار داخلي نوعيت جا آهن جن جي اهميت کان پڻ ڪوئي انڪار ڪري نٿو سگهي، جو ته اهي علمي دنيا ۾ مڃيل آهن.

انهن معيارن کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪيو ويو آهي، ان وضاحت جي هتي گنجائش ناهي، البت ڊاڪٽر صاحب پنهنجي طرفان انهن تي تفصيلي روشني وڌي آهي. ليڪن اهو طئي آهي ته مستقبل جي ڪنهن به محقق يا تنقيد نگار کي انهن معيارن کي ڻي جاچڻو پوندو يا انهن تي تنقيدي نظر وجهڻي پوندي ته اهي ڪيتري قدر جديد تحقيق جي بنيادي اصولن مطابق آهن ۽ انهن جي ڪهڙي افاديت آهي.

شاهه جي رسالي بابت ذري گهٽ هڪ صديءَ تي ڦهليل انهيءَ تحقيق جي ايڏي پس منظر بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو ته جنهن جديد تحقيق جو آغاز ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو، اها تحقيق ايڏن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ، ويهين صديءَ جي آخر ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي هٿان ٽيهن سالن جي مسلسل محنت سان رسالي جي ڏهن جلدن ۾ پايهءِ تڪميل تي پهتي.

جيتوڻيڪ عام طور ائين سمجهيو وڃي ٿو ته ڪابه تحقيق حرف آخر نه هوندي آهي، پر اها به حقيقت آهي ته تحقيق جي دنيا ۾ ڪي شيون حرف آخر ثابت ٿيون آهن. اسان هتي صرف هڪ مثال تي اڪتفا ڪريون ٿا. مثنوي مولانا روميءَ جي سلسلي ۾ علمي دنيا ان حقيقت کان واقف آهي ۽ هينئر دنيا جا اڪثر محقق ان تي متفق آهن ته مثنويءَ جو اهو مستند متن (Critical Text) جيڪو مشهور مستشرق آر. اي. نڪلسن 1925ع کان 1940ع يعني پندرهن سالن جي مسلسل محنت ۽ عرقريزيءَ کان پوءِ تيار ڪيو، اهو حرف آخر آهي. ياد رکڻ گهرجي ته مولانا روميءَ 672هه/1274ع ۾ وفات ڪئي ۽ هيءُ متن گويا ڇهن صدين کان وڌيڪ عرصي بعد مرتب ڪيو ويو. نڪلسن نه رڳو اهي ڇهه دفتر ايڊٽ ڪيا، بلڪ انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو به ڪيو ۽ ٻن جلدن ۾ ضروري تشريح ۽ حوالا ڏنا. اڄ علمي دنيا ۾، ويندي ايران سوڌو، نڪلسن جو تصحيح شده ايڊيشن هڪ ڪلاسڪ (Classic) جي حيثيت رکي ٿو ۽ ان جو ئي حوالو معتبر ليکيو وڃي ٿو.

آخر ۾ هن ڳالهه جي وضاحت ڪري ڇڏجي ته شاهه جي رسالي جو هيءُ متن ان ڪري جامع آهي ڇاڪاڻ ته هن تحقيق دوران هڪ وڏو انگ يعني ڪل انهٺ رسالا مطالعي هيٺ آندا ويا، جن مان ڇائيتاليهه قلمي ۽ ٻاويهه ڇاپي رسالا

Marfat.com

آهن. جديد تحقيق جي اصولن موجب قلمي مواد کي بنيادي ماخذ (Primary Source) ۽ ڇپيل مواد کي ثانوي ماخذ (Secondary Source) جي حيثيت ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيو ته انهن سڀني رسالن جون اختلافي پڙهڻيون به ڏنيون ويون آهن. ان لحاظ کان جنهن شخص وٽ رسالي جا ڏهه جلد آهن، ان وٽ ڄڻ گويا اهي سڀ رسالا موجود آهن، جيڪي گذريل ٻن صدين دوران لکيا يا ڇاپيا ويا. جنهن ڪري هو انهن رسالن جي تقابلي مطالعي کان پوءِ پنهنجي راءِ پڻ قائم ڪري سگهي ٿو. مستند ان ڪري، ڇاڪاڻ ته جيڪا پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻي جنهن کي ڇڏي ڏنو ويو آهي، ان جي شاهدي يا سند ڏني وئي آهي. معياري ان ڪري، ڇاڪاڻ ته هر بيت کي مقرر ڪيل معيار يا ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو آهي ۽ ڪنهن پڙهڻيءَ کي اختيار ڪرڻ وقت اهو سبب يا سمجهاڻي ڏني وئي آهي ته اها پڙهڻي ڇو اختيار ڪجي ٿي يا هي بيت ڪهڙي معيار جي لحاظ کان شاهه جو بيت نه آهي.

## تحقيق جا ڪي اهم نتيجا:

(1) هن تحقيق کان اڳ عام طور اهو سمجهيو ٿي ويو ته شاهه جو رسالو سرڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. پر هن تحقيق جي نتيجي ۾ معلوم ٿيو ته اوائلي رسالا، جيڪي شاهه جي وفات کان پوءِ ۽ تيرهين صديءَ جي شروع تائين لکيا ويا، اهي سڀ سرسسئيءَ سان شروع ٿيندڙ هئا. 1207ھ ۾ لکيل ”گنج“ هن سلسلي جو اوائلي نه پر آخري رسالو هو.

(2) شاهه عبداللطيف بابت پهريون دفعو سائنسي انداز ۾ کوجنا ڪري معتبر سوانح عمري مرتب ڪئي وئي، جيڪا ڏند ڪٿائي انداز کان پاڪ آهي. پهريون دفعو شاهه لطيف جي ڄمڻ جي صحيح هنڌ جي نشاندهي ڪئي وئي، ڇو ته هن کان اڳ سڀئي سوانح نگار شاهه جي امڙ جي باري ۾ غلط فهميءَ جو شڪار هئا. اهي سڀ هالا پراڻا جي مخدوم عربي يا شاهه دياٽي کي شاهه لطيف جو نانو قرار ڏين ٿا. جيتوڻيڪ اهو بزرگ شاهه لطيف کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ ٿي گذريو.

(3) شاهه لطيف جي راڳ جي باري ۾ پهريون دفعو تحقيقات مڪمل ڪئي وئي ته 1144ھ کان ڀٽ شاهه تي راڳ جو باقاعده سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. شاهه جي راڳ کي سائنسي انداز ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهو نتيجو قائم ڪيو ويو ته اهو راڳ هندوستاني موسيقيءَ جو حصو ناهي، بلڪ شاهه لطيف پنهنجي راڳ واري روايت جو پاڻ موجد آهي، جيڪا هڪ قسم جي لوڪ موسيقي آهي، جنهن ۾ آواز جي موسيقيءَ جي بجاءِ لفظن جي موسيقي بنيادي حيثيت رکي ٿي.

(4) سنڌ جي مختلف علائقن ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ساموندي علائقي يا ڪاري جي سڃاڻ سگهڙن سان ملاقاتن کان سواءِ شاهه جي ڪلام جي ڄاڻو فقيرن ۽ پارکن سان وقت بوقت رهاڻيون ڪري شاهه جي ڪلام ۾ آندل ڪيترن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب معلوم ڪيو ويو آهي. جيڪو لغت جي ڪتابن ۾ قطعي موجود نه هو. انهيءَ قيمت معلومات هٿ ڪرڻ جو عرصو لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تي ڦهليل آهي. علمي تحقيق جو هيءُ نئون انداز هن کان اڳ سنڌ ۾ ناپيد هو.

(5) هن تحقيق ذريعي پهريون ڀيرو شاهه جي رسالي جي تاريخ کي اجاگر ڪيو ويو آهي ته رسالن لکڻ جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي، جدا جدا هنڌن ۽ وقتن تي جيڪي رسالا لکيا ويا، تن مان ڪهڙا اصل ۽ ڪهڙا نقل آهن، گويا شاهه جي وفات کان پوءِ اسان جي دور تائين اها رسالي جي ٻن سؤ سالن جي تاريخ آهي، جنهن سان رسالي کي سمجهڻ جو هڪ نئون باب کلي ٿو.

Marfat.com

اچو تہ هن بيت کي مثنوي روميءَ جي فکر جي روشنيءَ ۾ ڏسون، جو تہ شيطان کي مثنويءَ ۾ ڪيترا پيرا بحث هيٺ آندو ويو آهي. دفتر چوٿين ۾ رومي چوي ٿو:

**داند او کو نيکبخت و محرم است**
**زيرکي ز ابليس و عشق از آدم است**

يعني "جيڪو نيڪبخت ۽ محرم راز آهي اهو ڄاڻي ٿو تہ هوشياري يا چالاڪي ڪم شيطان يا عزازيل جو آهي، پر عشق ڪم انسان جو آهي."

گويا روميءَ جي فڪر مطابق عشق انسان جي خصوصيت آهي ۽ نہ ابليس جي، جنهن پنهنجي خالق سان اهو بحث ڪيو هو تہ آءٌ انسان کان بهتر آهيان، جو تہ آءٌ باهہ جي پيدائش آهيان ۽ انسان مٽيءَ جي پيدائش آهي. اهائي تہ سندس دليل بازي هئي، جنهنڪري تڙيل بنجي ويو. حقيقت ۾ سڀني صوفين انسان کي ئي عشق جو محور قرار ڏنو آهي. ان لحاظ کان ڏسجي تہ شاهہ لطيف اهڙو شعر ڪيئن ٿي چئي سگهيو، جيڪو صوفين جي عام مڃيل تعليمات جي خلاف هجي. اهو وري انڪري بہ تہ شاهہ لطيف جو ڪلام شطحيات کان پاڪ آهي. هاڻي ڏسو تہ ڊاڪٽر صاحب جيڪو نتيجو صرف بيروني شاهدين جي آڌار تي قائم ڪيو آهي، اهو شاهہ جي ڪلام جي فڪري يا اندروني شاهدين تي ڪيئن پورو بيهي ٿو.

سريمن ڪلياڻ ۾ شاهہ لطيف جو هڪ مستند بيت آهي، جنهن ۾ عزازيل جو نالو ورتل آهي ۽ اهو بيت سڀني رسالن ۾ هن ريت موجود آهي:

**اکر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪئاءَ،**
**جئن پيرئين ۽ پائيين، ايڏنهن ايئن نہ آءٌ،**
**ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي.**

هن بيت ۾ شاهہ لطيف انهيءَ انسان کي نياڳو قرار ڏئي ٿو، جيڪو ٿورو پڙهي، پاڻ کي عقل ڪل يعني فيصلي ڪرڻ واري حيثيت ڏئي ٿو يا قاضي سمجهي ٿو. هو هدايت ڪري ٿو تہ پاڻ کي هر وقت صحيح سمجهڻ ۽ ان تي غرور ڪرڻ واري عادت جي ويجهو بہ نہ وڃڻ کپي. آخري سٽ ۾ واضح ڪري ٿو تہ انهيءَ پاڻ کي صحيح ڀائڻ واري سزا جو مزو عزازيل چکيو. تڏهن تہ ابليس ۽ شيطان جو لقب مليس، توکي بہ ان مان سبق سکڻ کپي. هاڻي ظاهر آهي تہ هن بيت ۾ عزازيل يعني شيطان جي عمل جي سخت مذمت ڪيل آهي ۽ ٻين کي ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. عام رسالن ۾ هيءُ بيت مٿي ڄاڻايل عاشق عزازيل واري بيت سان گڏ رکيل آهي. ڏسو گربخشاڻي، شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارا رسالا. هينئر واضح ٿي ويو تہ ٻنهي بيتن جي معنيٰ ۾ سڌو سنئون تضاد آهي. ائين ٿي نٿو سگهي تہ هڪ بيت ۾ شاهہ صاحبُ جهڙو اعليٰ شعور رکندڙ شاعر، شيطان جي عمل جي مذمت ڪري ۽ ٻئي بيت ۾ وري ان کي اصل عاشق قرار ڏئي.

(8) ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي نتيجي ۾ ڇاپي رسالن ۾ ڪي اهڙيون فاش غلطيون نظر آيون آهن، جن جي هن کان اڳ ڪنهن بہ نشاندهي نہ ڪئي آهي. مثلاً: هيٺ ڄاڻايل اٺ وايون، جيڪي شاهہ جي نالي ۾ ڏاڍيون مقبول آهن، سڀ کان پهريائين ٽرمپ جي ڇاپي رسالي ۾ آيل آهن.

1- منڌ پيئندي مون ساجن صحيح سڃاتو (سرڪلياڻ)
2- ٿيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو (سرڪلياڻ)
3- دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو (سريمن ڪلياڻ)
4- يار سڄڻ جي فراق ڙي جيڏيون آلا مازي (سريمن ڪلياڻ)

Marfat.com

# مهاڳ

ٻٽيهن سالن (١٩٦٦- ١٩٩٦ع) جي مسلسل محنت ۽ مطالعي سان، 'شاهه جي رسالي' جو مستند معياري متن تيار ڪيو ويو ۽ شاهه عبداللطيف رحه جي سوانح، ڪلام ۽ فڪر بابت تحقيق کي توڙ تائين پهچايو ويو. ان مقصد لاءِ جدا جدا فقيرن جا لکيل "شاهه جا رسالا"، سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر، جتي به سُجهيا تي ڏٺا ويا، ۽ پنجاهه کن اهڙن قلمي رسالن ۽ ٻين جملي ڇاپي رسالن کي، علمي تحقيق جي معيارن مطابق پيئي، انهن ۾ شامل ڪلام کي زيرن زبرن سان صحيح صورت ۾ شايع ڪيو ويو. اها تحقيقي رٿا ڏهن جلدن جي اشاعت سان ١٩٨٠-١٩٩٦ وارن سورهن سالن ۾ پوري ٿي.

ان رٿا کي ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ خاطر هيٺين اصولن کي سامهون رکيو ويو. پهريون ته شاهه جا رسالا جيڪي اڳين فقيرن لکيا سي شاهه جي ڪلام جا پڪا پختا شاهد ڪري مڃيا ويا، ۽ جيڪي فقير شاهه جي دور کي وڌيڪ ويجها هئا تن جون پڙهٽيون ترجيحي طور تي اختيار ڪيون ويون. ٻيو ته هر بيت ۽ هر وائي جون جدا جدا رسالن واريون پڙهٽيون لازمي طور پويان لکيون ويون انهيءَ لاءِ ته اهي هن دور جي پڙهندڙن جي سامهون رهن ۽ پڻ ايندڙ وقت ۾ تحقيق لاءِ ڪارگر ٿين. ٽيو ته هر بيت ۽ هر وائي کي زيرن زبرن سان لکيو ويو ته جيئن اهي صحيح صورت ۾ پڙهي سگهجن. چوٿون ته هر بيت ۽ وائي ۾ آيل انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون لکيو ويون ته جيئن مطلب صاف طور سمجهه ۾ اچي. پنجون ته انهن اصولن مطابق ٿي هر بيت ۽ هر وائي کي مستند معياري متن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ڪوبه ڪلام ڌاريو ڪري ڪونه ڪڍيو ويو.

انهن اصولن مطابق ڪيل تحقيق سان هيٺيان مقصد پورا ٿيا:

- هڪ ته پهريون ڀيرو، شاهه جي رسالي جي تدوين ۽ تاريخ کي (جلد-١ ۾) تفصيل سان بيان ڪيو ويو. يعني ته 'شاهه جي رسالي' لکڻ جي شروعات ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي ۽ جدا جدا فقيرن جيڪي رسالا لکيا تن مان ڪهڙا اصل ۽ ڪهڙا نقل آهن. معلوم ٿيو ته اوائلي دور ۾ رسالن لکڻ جي شروعات سسئي جي سُرن سان ٿي، تان جو سنه ١٢٥٠هه ۾، راڳ جي سهوليت خاطر، رسالي کي نئين سر 'راڳنامي' جي صورت ۾ لکيو ويو، ۽ ان جي شروعات 'سُر ڪلياڻ' سان ڪئي وئي.
- ٻيو ته شاهه جي سوانح عمري تان رسمي روايتن وارو غلاف لاهي، ان کي اصلي ماخذن، تاريخي حوالن ۽ صحيح روايتن جي روشني ۾ نئين سر لکيو ويو. شاهه جي اها سوانح هن جامع مستند رسالي جي شروع ۾ شامل آهي.
- شاهه جي ڪلام کي قلمي ۽ ڇاپي رسالن سان پيئي، زيرن زبرن سان، صحيح صورت ۾ شايع ڪيو ويو.
- جدا جدا رسالن ۾ ڏنل ٻين وَلين، سالڪن ۽ سگهڙن جي ڪلام کي به قيمتي سمجهي، جانچي پيئي، صحيح صورت ۾ جلد ڏهين ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ان اڳين خيال کي رد ڪيو ويو ته اهو "ڌاريون ڪلام" آهي ۽ ان کي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي.
- رسالي جي سُرن، سرن جي داستانن، ۽ داستانن هيٺ بيتن ۽ واين جي ترتيب کي موضوع، معنيٰ، بيان ۽ شاهه جي عارفانه فڪر جي روشني ۾، وڌيڪ سهڻي سِٽاءَ سان سنواريو ويو. اها ترتيب هن جامع مستند رسالي ۾ به قائم رکي وئي آهي.

Marfat.com

هن جامع جلد ۾، شاهه جي سوانح بعد، پهرياڻين اڳئين جلد اٺين- نائين ۾ ڇپيل سرن کي رکيو ويو آهي، ۽ ان بعد جلد ڏهين ۾ ڇپيل سرن کي (سر بسنت تائين) رکيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته جئن هر پڙهندڙ، هن هڪ ئي جلد ۾، سڄي شاهه جي رسالي کي صحيح طور سان پڙهي سگهي. هر سڄاڳ عالم ۽ محقق لاءِ ضروري آهي ته هن جامع جلد ۾ شامل هر بيت ۽ هر وائي جي جدا جدا پڙهڻين کي وڌيڪ تفصيل سان سمجهڻ لاءِ اڳ ڇپيل ڏهن جلدن ۾ ڏنل تحقيق کي سامهون رکي. ان بعد، سسئي جي ٽيهه اکري، تمر فقير جو ڪلام ڏنا ويا آهن.

خادم العلم
نبي بخش

علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا
سنڌ يونيورسٽي (ايلسا قاضي ڪيمپس)
حيدرآباد سنڌ ٧١٠٠٠
١٠- آڪٽوبر ٢٠٠٨ع

Marfat.com

Marfat.com

تاريخي مقام کي بلڪل ويجهو اولهہ طرف هو. اها گهر واري جاءِ روينيو رڪارڊ موجب سروي نمبر ١٣٤ ديهہ 'سئي قندر جاگير' تعلقي شهدادپور ۾ آهي ۽ مقامي طور ٦٠- ١٩٥٠ع تائين اتي جي سيني ماڻهن کي، ان جي خبر هئي. "سئي قندر مقام" کان نمبر جي لام تي اتر – اولهہ طرف ۾ موجوده شاخ جي اوڀر، شاهہ حبيب جي گهر لڳ هڪ ڪڏ هئي جنهن کي "ساياتن جي ڪڙ" ڪري چوندا هئا. انهيءَ جي ڀرسان ١٩٣٠ع تائين، ڪنڊي جا وڻ بيٺل هئا جيڪي "شاهہ حبيب جا ڪندا" سڏبا هئا. اُتي سندس حويلي هئي جنهن جي پتين جون ڀنائون بہ ان وقت ماڻهن ڏٺيون. انهيءَ حويليءَ ۾ ئي شاهہ حبيب جا ڀهريان بہ ڀٽ ڇاوا جيڪي گذاري ويا ۽ 'سُئي- قندر مقام' ۾ دفنايا ويا. ڀنهي جون قبرون اڃا تائين موجود آهن(١).

ٽيون ڀٽ شاهہ عبداللطيف بہ انهي ساڳئي گهر ۾ ڄائو ۽ اتي ئي نپنو ۽ وڏو ٿيو. هجري سنہ مطابق اهو سال ١١٠٢هہ هو، جنهن جي تصديق انهيءَ روايت مان ٿئي ٿي تہ وفات وقت (١١٦٥هہ) شاهہ صاحب جي عمر ٦٣ سال هئي. ١٣- صدي هجري (١٩- صدي عيسوي) تائين باخبر ۽ ڄاڻو ماڻهن وٽ سال ١١٠٢هجري شاهہ صاحب جي ولادت جو مجيل سال هو جو ان وقت جي عالم فاضل شاعر سيد غلام محمد "گدا" اهوئي سال پنهنجي هيٺين تاريخي مادي واري شعر مان ڪڍيو(٢).

گدا، سال توليد سلطان 'ڀٽ'
شنيدم زهاتف 'عنايت شعار'
١١٠٢

شاهہ عبداللطيف ڪٿي ڄائو ان بابت البت پوئين دور جا لکندڙ صحيح راءِ قائم ڪري نہ سگهيا، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ سندن ڏيان تي اها ڳالهہ ويٺل هئي تہ شاهہ صاحب جي امڙ 'دياني' خاندان مان هئي، يعني تہ هالن پراڻن جي هئي، جنهن ڪري شاهہ جي ولادت بہ ان طرف ٿيڻ گهرجي ها. البت ٻئي طرف، مقامي طور تي جيڪا پڪي پختي ڳالهہ هلندڙ هئي سا هيءَ تہ شاهہ صاحب جي امڙ، 'ڀٽ' کان اوڀر طرف ڏيرن فقيرن مان هئي ۽ انهي ڪري ان طرف سندس ولادت جو فطري طور وڌيڪ امڪان هو. پر 'سئي قندر' لڳ ڏيرن فقيرن جي ڳوٺ جي حوالي ڏيڻ سان، 'دياني' خاندان مان شاهہ صاحب جي امڙ هجڻ واري نظريي جي نفي پئي ٿي، انهيءَ ڪري اوڀر طرف جا ٻيا حوالا آندائون: ٻوءِ هڪڙن 'ڀينءِ پور' کي تہ ٻين 'هالا حويلي' کي شاهہ جي ولادت جو ماڳ ڪري لکيو. لؤنگ فقير مهيسر جنهن جي مزار شادي شهيد لڳ خيرپور ضلعي ۾ آهي، تنهن جي فقيرن ڪٿان ٻڌو تہ شاهہ عبداللطيف 'ڀينءِ پور ۾ ڄائو هو يا اتي چلو ڪڍيو هئائين' سو اتي وڏي منسجد ناهيائون(٣). مير سانگي ٻوءِ 'لطائف لطيفي' ۾ ان جو ذڪر ڪيو ۽ 'ڀئي پور' ('صحيح ڀينءِ

(١) سنہ ١٩٥٩ع ۾ جڏهن راقم شاهہ حبيب جي گهر واري جاءِ وجي ڏٺي ۽ ڀڻ اندر مقام ۾ شاهہ عبداللطيف جي انهن سڳن ڀائرن جون قبرون وجي ڏٺيون تہ اهي تازو ڪجهہ وقت اڳ نئين سر ٺهرايون ويون هيون. هڪ تي 'عبداللطيف' جي نالي جي سِر لڳل هئي، پر ٻيءَ تي جيڪا سِر هنئي وئي هئي. تنهن تي 'عبدالرشيد' نالو لکايو ويو هو، حالانڪ اڳ ٻنهي تربتن تي 'عبداللطيف' نالا لڳل هئا. ٽڪڙ واري شجري ۾ بہ شاهہ عبداللطيف جي ٻين ٻن ڀائرن جا نالا ساڳيا 'عبداللطيف' ڄاڻايل آهن.
(٢) لطائف لطيفي، صفحو- ٢٠٤.
(٣) جم يا چلو ڪري ڀانيل جاءِ مسجد سان لڳو لڳ اتران آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن طرح شاهہ صاحب سان منسوب ڪئي وجي ٿي. بہ ڳوٺ هڪ ٻئي سان لاڳو ۽ ويجها آهن: 'ڀينءِ پور' اتر طرف، ۽ سمن جو ڳوٺ 'لڌا سما' ('لڌا' سمن جو پاڙو) ڏکڻ طرف آهي.

Marfat.com

ڪريم جي فقيرن سان ملايائين: ٻئي طرف ميين شاهہ عنات سان ملڻ لاءِ ڪيس شاهپور- نصرپور تائين گهمايائين. اهڙيءَ طرح بلوغت ڏانهن اُسرندڙ، سالم طبع ۽ ذهين لطيف پنهنجي والد سان گڏ انهن سفرن ۽ صحبتن مان گهڻو ڪجهہ پرايو. هاڻي سندس ڏسڻ وائسڻ جو دائرو ويتر گهڻو وڌيو: يعني اُتر طرفان هالن ڪان وٺي هيٺ لاڙ ۽ ٻُلڙي ۽ نئي تائين ۽ اوڀر طرف گنبات ڪان اڳتي پيڻ پور، هالا حويلي، شاهپور ۽ نصرپور تائين وڏيڪ وسيع ٿيو. البت سندس گهڻو سارو وقت ڪوٽڙي ۾ ئي پئي گذريو: شاهہ حبيب جهڙي اهل دل درويش پنهنجي صالح فرزند کي پاڻ جيڏن سان راند روند ڪرڻ ڪان ڪونہ ٿي روڪيو، جو ان ننڍيءَ ٿهيءَ ۾ لطيف جو گز ڪمان ڪٽڻ يا ساٿي ٻارن سان لڪ لڪوٽي راند ڪرڻ جو ڪن روايتن ۾ ذڪر آيو آهي. پر شاهہ حبيب ساڳئي وقت، وڏي سُرت سمجهہ واري لطيف کي پنهنجي خاص توجهہ، اعليٰ تربيت ۽ عارفانہ نظر سان اعليٰ اخلاق ۽ نيڪ اعتقاد ڏانهن مائل ڪيو. نوجوانيءَ واري دور ۾ قدم رکڻ سان گڏ ڪيس طريقت جي راهہ ڏسيائين ۽ نفساني خواهشن تي ضابطي خاطر زهد ۽ جهد جي تلقين ڪيائين. پنهنجي والد بلڪ مرشد جي اهڙي هدايت ۽ رهبري هيٺ نوجوان لطيف لوڪ ڪان پاسيرو ٿي، جهنگ ۾ گوشائتو ويهي، ڌڻيءَ جي ياد ۾ محو ٿي، پنهنجي نفس کي نمائڻ ۽ پاڻ پڇاڻڻ لڳو. هن خلق ڪان پري ٿي جن ماڳن تي رياضت ڪئي ۽ چلا ڪڍيا تن سڀني بابت معلومات موجود نہ رهي آهي، پر ٽن جاين بابت پوري پڪ آهي جتي هو وڃي گوشائتو وينو ۽ عبادت ۾ محو ٿيو. اهي جايون اڃان تائين نوجوان لطيف جي اُتي ويهڻ ۽ رياضتن ڪرڻ سببان مشهور ۽ محفوظ رهيون آهن.

انهن مان هڪ هو لئي جو وڏو شاهي وڻ، جيڪو پوءِ 'لال لئو' سڏجڻ لڳو، جنهن جي جُهنڊ ۾ لطيف وڃي ويهندو هو. اهو وڻ ڪوٽڙي ۾ سندس گهر کي ويجهو اولهہ طرف واري لاڳيتي جهنگ ۾ هو، جتي ڪنهن اڳئين درويش جو مقام هو ۽ جتي پوءِ شاهہ لطيف جي ڪڍيل چلي ۽ ڪشالي جي يادگار طور مسجد، کوهہ ۽ جايون نهيون، جن جا آثار توڙي انهي پيڙهيءَ وارا وڻ هن وقت (١٩٩٩ع) تائين موجود آهن. لئي جو وڻ جنهن جي جهُنڊ ۾ لطيف وڃي ويهندو هو سو اتر طرف، مسجد واري جاءِ کي ويجهو آهي. ان جاءِ تي اڃان تائين هڪ جهونو ڏوڙو ڏنگو 'لئو' بيٺو آهي جيڪو چون ٿا تہ ان اصلي 'لئي' جي بنياد مان آهي(١).

ٻيو نشان غالباً خود 'پٽ' واري اها جاءِ هئي جتي پوءِ شاهہ لطيف پنهنجو حجرو ٺهرايو. ان جاءِ تي هو هڪ وڻ جي جهُنڊ ۾ اڪيلو محويت واري حالت ۾ ويٺل هو جو قلندر شوري جنهن اتي پنهنجيون ڏاچيون پئي چاريون ڪيس ڏٺو ۽ ڏاچين پڻ ڏسي ٽاهہ ڪاڏو جو قلندر شوري ڊوڙي وڃي سندس ڳوٺ (جيڪو ڪوٽڙي ڪان ڪوهہ ڪن پٽ واري طرف هو) پنهنجي پيءُ صاحبڏني کي ٻڌايو جيڪو ساڻس گڏجي اتي آيو پر اُها جاءِ خالي پئي هئي. وڏيري صاحبڏني پوءِ پنهنجي پٽ (قلندر) کي سمجهايو تہ: 'شاهہ حبيب جو پٽ اڪثر هن جُوءِ ۾ ويراڳ ۽ بيخودي واري حالت ۾ اچي ويهندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو ٻئي ڀيري ڪيس ڏسي تہ ڪانئس دعا گهري'.

ٽيون نشان اهو هو جيڪو هاڻي 'شاهہ جو ڪنڊو' ٿو سڏجي، جيڪو پٽ ڪان ڏيڍ ميل ڪن اوڀر- اتر طرف ريلوي اسٽيشن ڪان ٻہ اوڀر ڪنب داڙون- شهدادپور واري رستي تي) آهي ۽ جتي اڃان تائين وڻن جو جهُنڊ موجود آهي. ان جو ذڪر اڳتي ايندو، پر مٿين روايت جيڪا ان وقت جي اکين ڏٺي شاهد قلندر شوري ڪان بيان ٿيل آهي ۽ پڻ سندس والد وڏيري صاحبڏني جي زباني تصديق ٿيل آهي ان مان ظاهر آهي تہ شاهہ حبيب مسلسل طور وڏي ڌيان ۽ پختي ارادي سان پنهنجي پياري فرزند جي تربيت پئي ڪئي تہ هو زهد ۽ رياضت ذريعي روحاني طور ڪماليت جي درجي کي پهچي. مٽياري جي درويش هاشم شاهہ جي عبدالطيف جي ولادت بابت

---

(١) لطائف لطيفي، ص-١٤٤.

Marfat.com

تڏهن هن لطيف کي محبت ۽ شفقت جي نگاهه سان ڏٺو ۽ دعا ڏيندي چيو ته:

"لطيف جو چراغ روشن ٿيندو."

يعني ته 'آئنده لطيف جو پنهنجو چراغ روشن ٿيندو'، يا ٻي مراد ته "هن وقت به روشن آهي پر اڃان اڳتي هلي گهڻو وڌيڪ روشن ٿيندو"(١). ٻنهي حالتن ۾ هيءَ ورندي واڳائي واري هئي: هڪ طرف شاهه حبيب کي اطمينان ٿيو ته سندس والدانه تربيت جو مقصد پورو ٿيو، ته ٻئي طرف شاهه لطيف کي مستقبل ۾ شمع روشن ٿيڻ واري واڌائي سان گڏ ويتر وڌيڪ ترغيب ملي ته ڪيس سلوڪ ۽ معرفت ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ اڃان به اڳتي قدم وڌائڻو آهي. درويش هاشم شاهه پوءِ سگهو ئي تاريخ ١٢- ربيع الاول سنه ١١٢٠هه ۾ وفات ڪئي. ان وقت شاهه لطيف جي عمر پريا ارڙهن سال هئي. آئنده تربيت جي واڳ هاڻي خود سندس پنهنجن هٿن ۾ هئي: شفيق والد پنهنجو فرض پورو ڪري چڪو هو، ۽ درويش هاشم شاهه پڻ سندس نالو وٺي ڪيس دعا سان نوازيو.

## پاڻ پنهنجي تربيت ۽ ڪماليت ڏانهن قدم وڌائڻ وارو دور (١١٢٠ـ ١١٤٢هه)

نوجوان لطيف جو 'خود پاڻ پنهنجي تربيت وارو' هي دور ويهه- ٻاويهه سال کن مسلسل طور جاري رهيو. اهو سندس زندگي جو خاص الخاص طلب ۽ تلاش، پرجهه ۽ پروڙ وارو دور هو، جيڪو ٿيڪ سندس عارفانه تحقيق جو سلسلو سڄي عمر تائين هلندو رهيو. زمان ۽ مڪان جي لحاظ سان، هيءُ دور ٻن ڀاڱن ۾ وراهيل نظر اچي ٿو: هڪ پهرين پنڌرهن سالن (١١٢٠- ١١٣٥هه) وارو دور جنهن ۾ سندس سلوڪي طلب ۽ تحقيق وارا پنڌ ڪجهه پراهان هئا، ۽ ٻيو پوين پنجن- ستن سالن کن وارو دور (١١٣٥- ١١٤٢هه) جنهن ۾ سندس ٻاهرين پنڌن سان گڏ 'ڀٽ واري ڀيٽي' تي پڻ توجهه ٿيو. انهن ٻنهي دورن ۾ حق ۽ حقيقت جي مسلسل طلب ۽ تلاش جا اڳتي هلي جيڪي نتيجا نڪتا، ۽ جن جا اهڃاڻ شاهه عبداللطيف جي پوئين دور واري زندگي ۾ نمايان ٿيا، تن جي بناءَ تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته هن عرصي ۾ سندس عملي ۽ فڪري ڪشالي جو رخ خاص طرح هيٺين پنجن طرفن ڏانهن رهيو:(١) ڏيهه پرڏيهه ۽ پرجهڻ پروڙڻ خاطر سير سفر جو سلسلو شروع ڪيائين، (٢) شاديءَ جي رسم پوري ڪيائين، (٣) عارفانه زندگي جي عملي راهه رسم جي ڄاڻ لاءِ پنهنجي وڏي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي سوانح ۽ طور طريقي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، (٤) سلوڪ ۽ معرفت جي اعليٰ معنوي فڪر ۽ ڄاڻ لاءِ ميين شاهه ڪريم جي بيان ڪيل نُڪتن ۽ حقيقتن توڙي مولانا رومي جي مثنوي ۾ مسايل رازن کي پروڙڻ طرف توجهه ڪيائين، ۽ (٥) ٻين جي تلقين لاءِ، پنهنجي فڪر کي سنڌي بيتن ۽ واين ذريعي ظاهر ڪرڻ جو پهه ڪيائين.

پنهنجي سر، شاهه لطيف جي بامقصد مسافرين ۽ ملاقاتن جي شروعات انهن ماڳن سان ٿي جتي اڳ هو پنهنجي والد سان گڏجي ويندو هو. انهن مان ڏکڻ طرف مٽياري، گنجو ٽڪر ۽ اڳتي ٻلڙي ۽ ٺٽو هئا. ٻلڙي سندس ڏاڏاڻو ماڳ هو، جتي سندس وڏي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم توڙي ڏاڏي عبدالقدوس شاهه جون مزارون هيون. اتر طرف (پراڻن) هالن جو تاريخي شهر ڪوٽڙي کي ويجهو هو ۽ پڻ ساداتن جو پهريون ماڳ هو. شاهه لطيف جي

---

(١) ان بعد هن روايت ۾ هيٺيان لفظ آهن:

"پوءِ (شاهه حبيب) سمجهيو ته ڪمال حاصل ٿيو آهي. پوءِ
ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪيائون ۽ مريد ڪيائون."

ظاهر آهي ته اهي الفاظ پوءِ راويءَ طرفان وڌايل آهن. هاشم شاهه واري زباني سان چئڻ انهن جي ڪاٻه مناسبت نظر نٿي اچي ڇاڪاڻ جو درويش "هوگا" (ٿيندو) جو لفظ چيو ۽ نه "هو گيا هي" (ٿي ويو آهي).

Marfat.com

پئي گذاريو ۽ جڏهن پٽ تي هوندو هو تہ بہ گهڻو وقت مسجد ۾ هوندو هو ۽ پنجئي وقت نماز جا جماعت سان پيو ادا ڪندو هو. ان ڪانسواءِ بہ گهڻو سارو وقت گهر ڪان ٻاهر گذاريندو هو، ۽ اندر حويلي ۾، جيڪا مسجد سان لڳو لڳ اتران هئي، گهٽ ئي ويندو هو(١).

**شاھ ڪريم جي طور طريقي کي سمجهڻ.** متي چئي آيا آهيون تہ زندگي جي سفر ۽ ڪشالي واري پئي دور ۾ گهٽي ۾ گهڻا گهمرا ميين شاھ ڪريم جي درگاھ تي ڪيائين جتي ذڪر ۽ سماع ۾ شريڪ ٿي ان سلسلي ڪان واقفيت حاصل ڪيائين، جيڪو پوءِ پاڻ پٽ تي قائم ڪيائين. شاھ ڪريم بابت ڳالهين هٿ ڪرڻ لاءِ ڪريمي فقيرن سان صحبتون ڪيائين جن مان جتن فقيرن سان پوءِ هميشہ لاءِ سندس نينهن ۽ ناتو ٿي ويو. شاھ ڪريم جي سوانح ۽ تلقين بابت ڪتاب (غالباً 'بيان العارفين') دستياب ڪري مطالعي لاءِ پاڻ وٽ رکيائين جيڪو پوءِ هميشہ لاءِ پاڻ سان گڏ کڻندو هو(٢). ميين شاھ ڪريم جي تواضع ۽ نهٺائي، تجريدي زندگي کي ترجيح، فطري مشاهدن ۽ روزمره جي ڏٺن ۽ مشغلن جي مطالعي مان حقيقت تائين پهچڻ وارن سلسلن شاھ لطيف جي ذهن ۽ فڪر کي گهڻو متاثر ڪيو.

ميين شاھ ڪريم پنهنجي طرفان ڪيل هدايت ۽ تلقين ۾ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار توڙي عارفانہ فڪر کي گاهي بگاهي پنهنجن توڙي ٻين درويشن جي چيل سهڻن سنڌي بيتن ذريعي سمجهايو هو. اهو طور طريقو هڪ بهترين مثال جي صورت ۾ شاھ لطيف جي سامهون آيو. ان ڪان اڳ ڪيس پنهنجي والد شاھ حبيب جي عام فهم بيتن ذريعي اهڙي تربيت ملي هئي. ان وقت ميون شاھ عنات رضوي، عام مقبول سنڌي بيتن ۾ سلوڪي شاعري جو بادشاھ هو. گنباٽ واري پيڙهي جتي شاھ عبداللطيف جو ننڍپڻ گذريو اتان ميين شاھ عنات جي شاهپور ويهن ميلن تي هئي. ڪوٽڙي ڪان بہ شاهپور ۽ نصرپور ايتري ئي پنڌ تي هيون. ميين شاھ عنات جي بيتن جو غلغلو هو ۽ اهو پڙلاءُ ننڍپڻ توڙي نوجواني واري دور ۾ شاھ لطيف جي ڪَنن تي پيو. پهريائين غالباً سندس والد شاھ حبيب ڪيس ميين شاھ عنات وٽ وٺي ويو جنهن ڪيس گهڻو پيار ڪيو. پوءِ شاھ عبداللطيف پاڻ ميين شاھ عنات وٽ وڃڻ ۽ سندس صحبت مان فيضياب ٿيڻ لڳو. اهي ملاقاتون ۽ صحبتون اندازاً سنہ ١١٢٢ھ ڪان وٺي، جڏهن شاھ لطيف جي عمر ويهہ سال هئي، وڌيڪ گهاٽيون ٿيون ۽ ڪم از ڪم سڄا سارا ڏهہ-ٻارهن سال پوءِ ويندي سنہ ١١٣٣ھ ۾ ميين شاھ عنات جي وفات تائين مسلسل طور جاري رهيون. پنهنجي جوان ذهن ۽ سالم طبيعت توڙي ميين شاھ عنات سان سندس محبت جي ڪري، شاعريءَ جي ذوق ۾ شاھ لطيف، ميين شاھ عنات ڪان گهڻو ڪجهہ پرايو. ميين شاھ عنات جي وفات بعد پڻ سندس ڪلام سان شاھ صاحب جي گهڻي رغبت رهي جنهن جو عڪس شاھ صاحب جي بيتن ۾ نمايان طور نظر اچي ٿو(٣).

---

(١) لطائف لطيفي، فارسي متن، ص- ١٢٧. باوجود انهن اهڃاڻن جي، شاھ جي شاديءَ کي مير سانگي 'افسانہ عشق' ۽ 'عشق بازي' طور منظوم ڪيو: نہ فقط ايترو پر شاھ جي گهر واري بابت مير علي شير قانع جي ڏنل اشاري کي محض عامي روايتن جي آڌار تي وڌائي وڌ ڪيو، حالانڪ اهي روايتون سنڌ جي ريت رسم توڙي شاھ جي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جي ابتڙ هيون. مثلاً شاھ لطيف کي اندر گهر ۾ دعا لاءِ وٺي ويا تہ وڃي پردہ دار بيمار ڇوڪريءَ جي چيچ جهليائين، پوءِ سندس پيءُ کي پٽيائين ۽ پڻ سنڌيس ننڍڙو پاءُ مٺو تہ چڻ شڪر ڪيائين. (ڏسو 'لطائف لطيفي'، فارسي متن، ص، ٥٩- ٧٣).

(٢) مير عبدالحسين سانگي جنهن هي ڪتاب ڏٺو هو، تنهن هن کي 'رسالو' ڪري ڄاڻايو آهي جنهن ۾ ميين شاھ ڪريم جو احوال درج هو (لطائف لطيفي، ص-١٢٢) مرزا قليچ بيگ ان کي "شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو" ڪري لکيو آهي. غالباً انهن حوالن مان مراد 'بيان العارفين' ئي آهي.

(٣) "ميين شاھ عنات جو ڪلام" (سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع) ۾ راقم هن موضوع تي تفصيل سان روشني وڌي آهي (مقدمہ، صفحا ٨٩- ١٠٦). ان وقت ميين شاھ عنات جي وفات جو سال معلوم نہ هو. پر پوءِ پڪيءَ طرح معلوم ٿيو تہ ميين شاھ عنات سنہ ١١٣٣ھ ۾ وفات ڪئي.

Marfat.com

جڏهن شاهہ حبيب وفات ڪئي تہ شاهہ لطيف پاڻ پنهنجي والد ڪي پٽ تي اُتي دفنايو جتي هن وقت سندس مزار آهي. اهو سال ١١٤٤ هجري هو جڏهن شاهہ حبيب گذاريو. شاهہ عبداللطيف جنهن اڳيئي سڪ ۽ صبر جا پيالا پيتا هئا سو رضا الاهي تي راضي رهيو جو سندس شفيق والد هن جهان مان سرخرو ٿي هُن جهان طرف لاڏاڻو ڪيو. ٺٽي جي ناماري عالم ۽ اديب ميان محمد صادق نقشبندي، جيڪو شاهہ عبداللطيف جي مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي چڪو هو، تنهن حضرت شاهہ صاحب جي رضا ۽ تسليم واري حال موافق شاهہ حبيب جي وفات جي تاريخ هيٺئين عربي ماده مان ڪڍي جيڪو معنوي اعتبار سان نهايت ئي موزون ۽ بي بدل آهي:

"اَلموتُ جِسر يُوصِلِ الحبيبَ لِلِقاءِ الحبيبِ"

يعني: "موت۔هڪ پُل آهي جيڪا هڪ دوست (حبيب) ڪي ٻئي دوست سان ملائي ٿي"(٢). پوءِ شاهہ صاحب جڏهن والد جو قبو تعمير ڪرايو تہ اهو ساڳيو تاريخي فقرو سامهون در تي سهڻو ڪري لکارايائين جيڪو اجان تائين موجود آهي.

**مرشدي جو مسند سينگارڻ.** شاهہ عبداللطيف ڪي مرشدي جو مسند ورثي ۾ مليو ۽ پنهنجي والد وانگر سندس طور طريقو پڻ 'رسمي مرشدي مريدي' کان الڳ هو. شاهہ حبيب پنهنجي وقت جو هڪ وڏو بزرگ ۽ حال جو صاحب هو. ميين شاهہ ڪريم کان پوءِ، ڪريم- پوٽن ۾ شاهہ حبيب تصوف جي قادري طريقي ۾ وڏي فيض وارو ٿيو، سندس وڏي مجوتي تي ۽ گهڻا ماڻهو سندس مريد ٿيا. سندس وفات بعد اهي سڀ فطري طور شاهہ عبداللطيف ڏانهن متوجہ ٿيا. شاهہ لطيف پاڻ قادري طريقي ۾ هيٺئين سلسلي موجب پنهنجي والد شاهہ حبيب کان دست بيعت ٿيل هو:

شاهہ عبداللطيف پنهنجي والد حبيب الله شاهہ کان قادري طريقي جي خلافت جو خرقو ڍڪيو، حبيب الله شاهہ پنهنجي والد عبدالقدوس شاهہ کان، ان پنهنجي والد جلال شاهہ (جمال شاهہ) کان، ان پنهنجي والد شاهہ عبدالڪريم کان، ان پنهنجي مرشد سلطان ابراهيم بهاري کان، ان پنهنجي مرشد سيد احمد قادري حسني حموي (شام جي شهر 'حما' جي) کان، ان پنهنجي والد سيد علي هاشمي کان، ان پنهنجي والد سيد شهاب الدين احمد کان، ان پنهنجي والد سيد شرف الدين قاسم کان، ان پنهنجي والد سيد بدرالدين يحيٰ کان، ان پنهنجي والد سيد نورالدين حسين کان، ان پنهنجي والد علاؤالدين علي کان، ان پنهنجي والد سيد شمس الدين محمد کان، ان پنهنجي والد سيد سيف الدين يحيٰ کان (جيڪو حضرت پيران پير جي اولاد مان پهريون بزرگ هو جيڪو بغداد مان لڏي اچي حما ۾ مقيم ٿيو هو)، ان پنهنجي والد سيد ظهيرالدين احمد کان، ان پنهنجي والد سيد شمس الدين ابونصر محمد کان، ان پنهنجي والد قاضي سيد ابو صالح نصر کان، ان پنهنجي والد سيد حافظ ابوبڪر تاج الدين عبدالرزاق کان، ان پنهنجي والد شيخ الاسلام حضرت غوث اعظم سيد محي الدين ابو محمد عبدالقادر جيلاني کان جيڪو قادري طريقي جو باني مباني هو(٢).

---

(١) شاهہ حبيب جي وفات بابت ڏسو راقم جو تفصيلي مضمون، سماهي 'مهراڻ' نمبر ٣-٤، سنہ ١٩٧٨ع.

(٢) حضرت پيران پير کان اڳتي سندس پنهنجن مرشدن مشائخن جو هي خاص سلسلو حضرت علي رضہ سائين تائين پهچي ٿو ان کان سواءِ قادري طريقي ۾ حضرت پيران پير جي مرشدن مشائخن جا ٻيا سلسلا حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ ٻين اصحابن ڪرامن تائين پهچن ٿا. مير عبدالحسين خان سانگي 'لطائف لطيفي' ۾ (صفحا ٢٣- ٢٤) شاهہ صاحب جو قادري طريقت ۾ هي سلسلو ويندي حضرت علي رضہ تائين ڏنو آهي پر هن پهرئين ڀاڱي ۾ ڪانئس ڪي نالا رهجي ويا آهن. هي ڀاڱو مٽيارين جي عالم فاضل مشتاق متعلوي جيئن لکيو آهي تيئن ڏنو ويو آهي. مولوي دين محمد وفائي مرحوم پڻ ان ڪي ئي 'لطف اللطيف' (صفحہ ٣١- ٣٢) ۾ نقل ڪيو آهي.

Marfat.com

**سوال خُدام حضرت شاھ صاحب سَلمه الله**

بسم الله الرحمن الرحيم

[١] چہ فرمايند علماء كرام مراجع انام اندر آنچہ لفظ "اويسي" در كلام طائفہ صوفيہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقع شده يا نہ؟ و بر تقدير كہ واقع شده باشد، چہ معنيٰ دارد؟ اگر "اويسي" كسي است كہ فيض از روحانيت گيرد، مرشد ظاهر با اين منافات دارد يا ندارد؟

[٢] و نيز فيض گرفتن از ميت در عالم برزخ عقل و شرع آنرا تجويز نمايد يا نمايد؟

[٣] و نيز فقر و سلوک را باقوال علماي ظاهر منافات هست يا نہ؟

[٤] و نيز يكي از كباران اولياء الله تعاليٰ كہ مشهور بخوارق عادات و كرامات باشد، ليكن سلسلهء ارادت بتعين مشائخ، مثل سلسلہ نقشبنديہ و قادريہ مشهور ندارد، طريقهء آن بزرگ راسست بنياد و بي اصل توان گفت يا نہ؟

[٥] شما كہ علماي حامي دين و بيان كننده قبيح و حسن اند، مي پرسم شمارا كہ جواب اين مقدمات چہ باشد؟ و ميخواهم كہ بعبارت فارسي سهل الماخذ آنرا بقيد قلم آريد كہ نفع عام شود و انتفاع باقي مانده جزاكم الله سبحانہ و عافاكم كشا يُحب و يرضي و أجركم و رضي عنكم آمين."

**جواب خُدام حضرت مخدومنا سَلمه الله**

بسم الله الرحمن الرحيم

**حامداً لِله سبحان العظيم و مصليا و مسلما علي رسونه الكريم و اهل بيته الفخيم و اصحاب ذوي الفضل العظيم- اما بعد:**

**[١] جواب سوال اول آن است كہ "اويسي" در كلام حضرات صوفيہ واقع شده و اشتهار يافتہ، چنانچه بر**

**حضرت شاھ صاحب سَلمه الله جن جي خادمن جو سوال**

بسم الله الرحمن الرحيم

[١] علماء ڪرام، جيڪي خلق جي رجوعات جا مرڪز آهن، هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائين تہ: لفظ "اويسي" صوفين سڳورن الله جي رضامندي وارن جي جماعت جي ڪلام ۾ آيل آهي يا نہ؟ جيڪڏهن آيل آهي تہ ڪهڙي معنيٰ اٿس؟ جيڪڏهن "اويسي" اهو شخص آهي جيڪو روحاني فيض حاصل ڪري ٿو تہ (ان حال ۾) ظاهري مرشد (وٽڻ سندس) هن (عمل ۽ اعتقاد) سان مخالفت رکي ٿو يا نہ؟

[٢] ۽ پڻ ڪنهن ميت کان جيڪو عالم- بزرخ ۾ آهي، فيض وٺڻ کي عقل ۽ شريعت جائز ڏيکارين ٿا يا نہ؟

[٣] ۽ پڻ فقر ۽ سلوڪ (جي نظرين) جي، ظاهري عالمن جي قولن سان مخالفت آهي يا نہ؟

[٤] ۽ پڻ اولياء الله مان ڪو وڏو ولي جو (سندس) عجيب ڪارنامن ۽ ڪرامتن سبب مشهور هجي، مگر (پنهنجو) مريديءَ جو سلسلو نقشبندي يا قادري طريقي جي ڪن خاص مشائخن سان رکندڙ نہ هجي، تہ ان بزرگ جي طريقي کي ضعيف ۽ بي بنياد چئي سگهجي ٿو يا نہ؟

[٥] اوهان، دين جي مددگارن ۽ برائي ۽ ڀلائي جي بيان ڪندڙن کان پڇان ٿو تہ انهن مسئلن جو جواب ڪهڙو آهي؟ گذارش آهي تہ انهن (جوابن) کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪندا تہ عام فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشہ لاءِ باقي رهي- شال ڏٿي تعاليٰ اوهان کي خير عطا ڪري ۽ بخشي جنهن پاڻ گهري ۽ چاهي، ۽ اوهان کي اجر ڏئي ۽ اوهان کان راضي رهي. آمين!

**اسان جي حضرت مخدوم سلمه الله جن جي خادمن جو جواب**

بسم الله الرحمن الرحيم

الله تعاليٰ جي حمد، ۽ صلواة ۽ سلام رسول ڪريم تي، ۽ سندس اهل بيت فخيم تي، ۽ فضل عظيم وارن اصحابن تي، ۽ ان بعد:

[١] پهرئين سوال جو جواب هيءُ آهي تہ لفظ 'اويسي' صوفي حضرات جي ڪلام ۾ آيو آهي ۽

Marfat.com

وصول باسرار شريعت مظهر و ختم بر كار بران حقيقت جي حاصل ٿيڻ ۽ شريعت پاڪ جي اسرارن كنند. تائين پهچڻ ۽ انهيءَ تي خاتمي ٿيڻ جي دعا ڪندا.

شاهہ صاحب هن خط ذريعي پنهنجي ذاتي ضرورت پوري ڪرڻ کان وڌيڪ ٻين جي تسڪين لاءِ وضاحت ٿي طلب ڪئي: ڪيس جيتوڻيڪ پنهنجي والد کان قادري طريقي ۾ فيض مليو، پر ان سان گڏ پاڻ پنهنجي سر اويسي طريقي ۾ اعليٰ مدارج کي پهتو ۽ حضرت نبي صلي الله عليہ وسلم جي روحاني فيض سندس قلب کي ويتر وڌيڪ روشن ڪيو. هن خط مان ظاهر آهي تہ سلوڪ ۽ طريقت جي راهہ ۾ ٻين جي رهنمائي خاطر، ظاهري اسباب طور پڻ شاهہ صاحب قابل قدر قدم کنيو جنهن مان سندس 'مرشد هئڻ' جي وڌيڪ تائيد ٿئي ٿي. خط جي عبارت ۽ سوالن جي سلسلي مان شاهہ صاحب جي علم ۽ فڪر تي ڪافي روشني پوي ٿي. مخدوم محمد معين کي سندس خاص تاڪيد تہ سليس فارسيءَ ۾ جواب ڏيو جئن هرڪو سمجهي سگهي، ڏيکاري ٿو تہ شاهہ صاحب کي سليس ۽ مشڪل فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي. اها شاهدي شاهہ صاحب جي فارسي مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.

(ج) **ڀٽ تي فاقيرو نظام ۽ انتظام قائم ڪرڻ**. ڀٽ کي وسائڻ ۽ اتي دائمي طور سڪونت اختيار ڪرڻ سان شاهہ صاحب جو عالم اسباب ڏانهن متوجهہ ٿيڻ لازمي هو. جڏهن کان ونئي ڀٽ کي هموار ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ شاهہ صاحب جو اتي ڪجهہ وقت رهڻ ٿيو، تڏهن کان ونئي فقيرن کي ڪم ونڊي ورچي پئي ڏنائون. ڪوٺڙيءَ مان ڀٽ تي لڏي اچڻ بعد ايندن ويندن جي آدرڀاءَ، ٻنيءَ جي انتظام، ۽ حويليءَ جي سنڀال جي سلسلي ۾ شاهہ صاحب وڏي پوئواري ڪئي. مسجد ۽ جماعت جي خدمت خاص فقيرن جي حوالي ڪيائين، ۽ پڻ راڳ لاءِ خاص فقير مقرر ڪيائين. اهو نظام ۽ انتظام جئن پوءِ تئن وڌندو ۽ وڌيڪ سهڻو ٿيندو ويو، تان جو سندس زندگيءَ جي پوين سالن ۾ اهو سڄو نظام هر لحاظ سان مڪمل طور پوري پابنديءَ سان هلڻ لڳو(١). ان وقت، جدا جدا ڪم هيٺينءَ طرح جدا جدا فقيرن جي حوالي هئا:

— مائي گنگا جت، مائي صالحان ٿُنياڻي ۽ مائي ٻُوئا وساڻ اندر حويليءَ ۾ خدمتگار هيون.

— عبدالواسع فقير سالارو، سڪر فقير ڏيرو، اسماعيل فقير سمون پينءَ پوري، فقير سيد نهال شاهہ، اسماعيل فقير ڏيرو، اجن فقير ڏيرو، ڪمال فقير سينهڙو، ورو فقير عرف 'وڳنڊ'، نور محمد فقير ابڙو ڪانڙي مڪان جو، عمر فقير سهتو، فقير سيد سائينڏنو موسيٰ پوٽو مٽياروي ۽ بچو فقير خاص حاضري جا فقير هئا. عمر فقير سهتو، شاهہ صاحب جو خاص خادم هو جنهن ڪيس نندي هوندي نپايو هو. شاهہ صاحب جو هنڌ بسترو سيد سائينڏني جي حوالي هو ۽ هو ئي هنڌ وڇائيندو هو. بچو فقير ڪونئرو جهليندو هو. عبدالجميل فقير انڙ، شاهہ صاحب جو مصلو ۽ تسبيح سنڀاليندو هو، ۽ نماز ۽ عبادت جو بندوبست سندس حوالي هو.

— خليفو محمد عالم ڏيرو، شاهہ صاحب جو ماسات، ذڪر ۽ سماع جو نگران هو(٢).

---

(١) مير سانگي جي هڪ روايت موجب، شاهہ جي زندگي جي پوين ڏهن سالن ۾ هيءُ سڄو نظام قائم ٿيو (لطائف لطيفي، فارسي متن، ص- ١٨١)، پر سانگي جي پنهنجي ئي ڪيترن بيانن توڙي ڪن ٻين حوالن مان تصديق ٿئي ٿي تہ شاهہ صاحب جي ڀٽ تي لڏي اچڻ سان ئي فاقيري نظام جي شروعات ٿي. البت هن نظام جي تڪميل ۽ پوري پابندي شاهہ جي زندگي جي پوين پنجن کي سالن ۾ ٿي، جڏهن هو ٻاهر مسافرين تي وڃڻ بدران گهڻو وقت سڄو ڀٽ تي ئي گذارڻ لڳو.

(٢) يعني محمد عالم ڏيرو 'وڏو' جيڪو اڳ ٿي گذريو. هن پوئين ويجهي دور ۾ حاجي عالم ڏيرو راڳائي هو جنهن اول ميين حسين کان ۽ پوءِ ٿنڀي غلام حيدر جي فقير حافظ چاڪي کان راڳ سکيو. هن پوئين محمد عالم جو ٻالڪو غلام دين آريسر ٿيو جيڪو تند جو وڏو قابل هو.

Marfat.com

جو شغل رات جو ٿيندو هو. ماهہ پهرئين سومار جي رات ۽ حج جي رات خاص سماع لاءِ مقرر ٿيون. جمعي جي ڏينهن ۽ عيدن جي موقعن تي پڻ نماز بعد سماع ٿيندي هئي. ميين شاهہ ڪريم جي وقت ۾ غالباً سماع جي شروعات سيازي ۾ ٿي: سياري ۾ ڀني ٻاري جو ڪم گهٽ هو ۽ فراغت وڌيڪ هئي. رات جو سماع جي شغل وقت، سياري جي سيءَ کان توڙي روشنيءَ خاطر مچ ٻاريندا هئا ۽ فقير پڻ چوڌاري مچ کي ويجها ٿي سماع ڪندا هئا. سماع جي سلسلي ۾ سُر سان بيت، ضربون ۽ ذڪر شامل هئا. انهيءَ ساڳئي نموني سان ڀٽ تي پڻ سماع ۽ ذڪر شروع ٿيو، جنهن جو اڳواڻ شاهہ صاحب جو ماسات ۽ وڏو خليفو محمد عالم ڏيرو مقرر ٿيو. خليفو محمد عالم سماع لاءِ مچ ٻاريندو هو، جنهن جي اُتر طرفان خليفو پاڻ ۽ سندس ساٿي، ۽ سامهون ڏکڻ طرفان تمر فقير ۽ سندس ساٿي ويهندا هئا. ان بعد شاهہ صاحب ايندو هو. پهريائين 'هو اَلو' جون ٽي تسبيحون ٿينديون هيون. ان کان پوءِ خليفي محمد عالم جي ٽولي جو فقير بلاول يا ڏناسري جي سُرن مان بيت ڏيندو هو، ۽ پهرين سٽ آلاپڻ بعد خليفو محمد عالم ”اَلقَارِعَةَ مَا القَارِعَةَ“ (قرآن شريف جي سورة جا الفاظ) جي ضرب هڻندو هو. ان بعد سامهون تمر فقير وارا ساڳي سٽ پڙهي ۽ ضربون هڻندا هئا. ساڳئي وقت فقير مچ جي چوڌاري بالڪل آهستي پير پير ۾ ڏيئي ڦرندا هئا. اهڙيءَ طرح جو سَوا ڦيري ۾ سڄي سماع ختم ٿئي. آخر ۾ مچ جي الهندي طرفان سڀ ويهي گڏجي ذڪر ڪندا هئا ۽ ذڪر ۾ پڻ سُر سان بيت پڙهندا هئا(١). پڇاڙيءَ ۾ دعا گهُري اٿندا هئا.

اهو چئي نٿو سگهجي تہ ڀٽ تي جڏهن پهريائين سماع جو سلسلو شروع ٿيو تہ فقير ڪهڙا بيت ۽ ڪنهن جا بيت پڙهندا هئا. ٿي سگهي ٿو پهريائين ميين شاهہ ڪريم يا ٻين اڳين بزرگن جا بيت پڙهيا ويا هجن، پر پوءِ شاهہ صاحب جا بيت ئي سماع ۾ پڙهيا ويا. اهو پڻ معلوم ناهي تہ ان وقت بلاول ۽ ڏناسري کان سواءِ ٻين ڪهڙن سُرن جا بيت پڙهندا هئا، مگر هن وقت ڀٽ تي سماع ۾ هيٺين سُرن جا بيت پڙهيا وڃن ٿا. ۽ ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ صاحب جي وقت ۾ پڻ انهن ساڳين سُرن جا بيت پڙهيا ويا هجن، جيڪي اجان تائين هلندا اچن.

**پهريون ڦيرو (سڄو)**

| | |
|---|---|
| ڦيري جي پهرين چوٿين پتي ۾ | سُر بلاول جا ڇهن ڪان وٺي اٺ بيت |
| ڦيري جي ٻي پتي ۾ | سُر سري راڳ جا ڇهن ڪان وٺي اٺ بيت |
| ڦيري جي ٽي پتي ۾ | سُر ساموندي جا ڇهن ڪان وٺي اٺ بيت |
| ڦيري جي باقي چوٿين پتي ۾ | سُر سورٺ جا ڇهن ڪان وٺي اٺ بيت |
| ٻيو ڦيرو (چوٿين پتي) | سُر راڻو ۽ سُر حسيني جا ڇهن ڪان وٺي اٺ بيت |
| **جملي سوا ڦير** | **جملي ڇهہ سُر** |

موجوده وقت ۾ عيدن جي ڏينهن تي نماز بعد سماع ۾ فقط ٽن سُرن يعني بلاول، راڻي ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن(٢).

**راڳ جو ادارو.** سماع جي هن نظام ۾ بيتن جو سُر سان پڙهڻ، سيني جو گڏجي ذڪر جي سُرائتي توار ڪرڻ، تار ۾ سمايل ضربون هڻڻ، ۽ گول حلقي ۾ ڦرڻ جا عنصر شامل هئا. جيڪي پوءِ راڳ جي اوسر لاءِ جاڻ ۽ بنيادي ترغيب جو باعث بڻيا.

سنہ ١١٤٢هہ ۾ جڏهن شاهہ صاحب 'ڀٽ' کي وسايو تہ فقير پڻ اتي رهڻ لڳا، جن مان ڪي خاص راڳ جي ذوق ۾ راڳائي ٿيا ۽ راڳ ڪرڻ لڳا. مير عبدالحسين خان 'لطائف لطيفي' ۾ اهو نڪتو نروار ڪيو آهي

---

(١) هي 'سماع وارو ذڪر' هو. ان کان سواءِ روزانو هر نماز بعد 'تسبيحي ذڪر' جدا ٿيندو هو.

(٢) پٺائي صاحب جي وفات بعد، ١٤ ۽ ١٦ صفر تي سماع قائم ٿي. ١٦- صفر واري سماع ۾ ٽن سُرن يعني بلاول، راڻي ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن. ۽ ١٤- صفر واري سماع ۾ چئن سُرن يعني پورب، ڪاموڏ، ڪارايل ۽ حسيني مان بيت پڙهندا آهن

Marfat.com

۾ ويهي ٺهرايو. ٣. راڳ ڳائڻ لاءِ وقت مقرر ڪيو ويو ۽ ان جي پوري پابندي ڪئي وئي، هن طرح جو عشا جي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ بعد راڳ جي شروعات ٿي ۽ فجر جي نماز کان اڳ راڳ جي خاتمي جي دعا گهري وئي. ٤. راڳ لاءِ، راڳائي فقير چونڊيا ويا ۽ تمر فقير کي راڳ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو.

ان طرح 'شاھ جي راڳ' جي اداري.جي هڪ باقاعدي تنظيم مطابق تڪميل ٿي جنهن موجب ڀٽ تي هر جمعي رات توڙي عيد ۽ حج جي موقعن تي راڳ ٿيڻ لڳو، پر اهو سڄو انتظام محض رسمي نہ هو: زندگي جي هن مرحلي تي (۽ غالباً ان کان اڳ پڻ) راڳ شاھ صاحب لاءِ روحاني خوراڪ بنجي چڪو هو. انهيءَ ڪري ايندڙ سورهن سالن کن تائين (١١٤٥- ١١٦١ھ)، شاھ صاحب جڏهن بہ ٻاهر سفر تي ٿي ويو تہ راڳائي فقير بہ پاڻ سان گڏ ٿي کنيائين، ۽ سفر ۾ بہ هر رات 'راڳ' باقاعدگي سان ٿي ٿيو. جڏهن شاھ صاحب وقت جي ڪن وڏن عالمن وٽ ٿي ويو تہ انهن پڻ سندس 'دل جياريندڙ راڳ' جي سلسلي ۾ ڪيس بيوس ۽ بي ميار ڪري ٿي ڇاتو. سفر ۾ 'شاھ جي راڳ' جي آخري محفل سنہ ١١٦١ھ ۾ ٺٽي جي شهر ۾ ٿي جنهن حاضرين جي دلين ۾ ايڏو تہ درد ۽ عشق الاهي وارو اثر پيدا ڪيو جو اتي وڏي حال وارن مان مخدوم محمد معين ان رس ڀريي راڳ جي پيدا ڪيل جذبي ۽ احساس جي اثر هيٺ وفات ڪئي.

**(ھ) وڏن جي درسگاهن جي سنڀال ۽ تعمير.** شاھ صاحب معنوي لحاظ سان 'وڏي حال وارو' هو، ۽ پڻ عملي طور 'حال' جو صاحب هو. انسان جي اعليٰ ڪردار ۽ ڪمال، حق جي تلاش ۽ حقيقي وصال وارين منزلن ماڻڻ جي لحاظ سان سندس فڪر، لاحد ۽ لامتناهي 'مستقبل' سان همڪنار هو جو چيائين تہ "جي قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين". ساڳئي وقت شاھ صاحب جي نظر ۾ 'ماضي' پڻ وڏو معنيٰ خيز ۽ سبق آموز هو، ڇاڪاڻ تہ اهو انسانن جي انفرادي اخلاق ۽ ڪردار توڙي سماجي ريت ڪُريت جو آئينو آهي. وڏن جو ادب ۽ ريت رسم جو لحاظ سنت جي تهذيب جو لازمي جز هو، جنهن کي شاھ لطيف وڏي اهميت ڏني، شاھ صاحب جي پنهنجي تربيت ۾ سندس وڏن جو هٿ هو، هاڻي جڏهن شاھ صاحب پاڻ اخلاق ۽ ڪردار جي اعلي منزل تي پهتو تڏهن وڏي احسان مندي سان پنهنجن وڏن جي آثارن جي سنڀال ۽ تعمير ڏانهن ڌيان ڏنائين.

سڀ کان پهريائين بلڙيءَ ۾ ميين شاھ ڪريم جي درگاھ سندس توجهہ جو خاص مرڪز بني. شاھ صاحب جو والد شاھ حبيب، ڏاڏو عبدالقدوس شاھ، پڙڏاڏو جلال شاھ (جمال شاھ) سڀ اتي ڄاوا نپنا هئا. عبدالقدوس شاھ وفات بہ اتي ڪئي ۽ پنهنجي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم جي مزار جي ويجهو دفن ٿيو. عزازت جي انهن رشتن کان وڌيڪ، شاھ صاحب جو پنهنجي وڏي ڏاڏي ميين شاھ ڪريم سان گهرو روحاني رشتو هو جو سندس هدايت ۽ تلقين کي دل سان لاتائين، ۽ 'بيان العارفين' کي سفر ۾ بہ ساڻ کنيائين. جئن شاھ ڪريم بُلڙيءَ ۾ نئين ماڳ کي وسايو هو تئن پاڻ 'ڀٽ' کي وسايائين. شاھ ڪريم وانگر ڀٽ تي 'سماع ۽ ذڪر' جو سلسلو قائم ڪيائين، ۽ ميين شاھ ڪريم جي چيل بيتن پران پاڻ بيت چيائين: نہ فقط ايترو پر ڪن فقيرن کي جيڪڏهن ميين شاھ ڪريم جي ڪنهن بيت جي سٽ ياد نہ هئي تہ پاڻ بي چئي ان کي پورو ٿي ڪيائين(١). مثلاً شاھ صاحب کي جڏهن ڪن فقيرن ٻڌايو تہ ميين شاھ ڪريم هيءَ هڪ سٽ چئي هئي (پر اڳتي سندس مراد الائجي ڪهڙي هئي) تہ:

ٺري 'ڀڳي ڪِنگري نلها ڦيرا ڏي

(١) عقيدتمندن جي روايتن موجب، شاھ ڪَريم ڪن موقعن تي بيتن جون پهريون سٽون چيون ۽ جڏهن فقيرن باقي بين سٽن بابت پڇيو تہ جواب ڏنائين تہ: سندس اولاد مان ڪو عارف ٿيندو، جيڪو انهن بيتن کي سڄو ڪندو

Marfat.com

تڏهن چيائين تہ: هائو ابا!

آٽي ئڪي ني، پر وڃي سَلهاڙي ساڻ سان.

اهڙيون روايتون انهيءَ ڳالهہ تي شاهد آهن تہ شاهہ صاحب جي مبين شاهہ ڪريم سان وڏي محبت ۽ عقيدت هئي. ننڍي هوندي پنهنجي والد سان گڏ، ۽ جوانيءَ ۾ پاڻ پنهنجي سر، بلڙي تي پيرا ڪيائين، پر هاڻي پنهنجن فقيرن سان گڏ ڪريمي درگاهہ تي وڏيڪ وجھڻ لڳو. اتي سماع ۽ ذڪر جي شغل ۾ شامل ٿيڻ سان گڏ 'پٽ' تي پنهنجو راڳ پڻ شروع ڪرايائين. ڪريمي فقيرن 'شاهہ جو راڳ' سکيو ۽ اهڙيءَ طرح پٽ کان پوءِ شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ئي سڀ کان پهريائين 'شاهہ جو راڳ' ٿيو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي.

زندگي جي هن دور ۾ ڏهن ٻارهن سالن تائين اهڙي عقيدت واري حاضري بعد، شاهہ صاحب اڄان بہ وڌيڪ خدمت خاطر مبين شاهہ ڪريم جي مزار تي روضي جوڙائڻ ۽ پرسان جامع مسجد ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو، ۽ ٥٤-١١٥٦ھ واري عرصي ۾ ان ڪم کي وڏي همت ۽ محبت سان پورو ڪيائين: شاهہ ڪريم جو سهڻي گنبذ سان روضو ۽ ان جي اُتران لڳو لڳ عاليشان جامع مسجد جوڙايائين، ۽ اتان ويجھو ڏکڻ- اوڀر طرف پنهنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاهہ جي تربت تي قبو ٺهرايائين. شاهہ ڪريم جي روضي ۽ مسجد شريف کي ڪاشي جي سرن سان سينگاريائين جيڪي ملتان مان آنديائين ۽ پڻ اتان ڪاريگر آنديائين جن بلڙيءَ ۾ ويهي وڌيڪ سرون ناهيون. اهو سڄو ڪم سنہ ١١٥٦ھجريءَ ۾ راس ٿيو، ۽ شاهہ صاحب جي ارشاد تي سندس معتقد ۽ مريد ۽ ٺٽي جي ناماياري عالم مخدوم محمد صادق نقشبندي ڪريمي درگاهہ جي تڪميل جي تاريخ هيٺئين سهڻي فقري مان ڪڍي:

"هست درگاهِ ڪريمي جلوه گاهِ حق ابد"

(ابجد جي حساب سان عدد= ١١٥٦)

شاهہ صاحب پوءِ انهيءَ تاريخي مصرع سان سينگاريل ڪَتبو، ڪاشيءَ جي سرن تي نيرن اکرن ۾ لکائي روضي تي هڻايو(١). ٻي هڪ ننڍي سِرَ جنهن تي 'لطيف' لکايائين سا روضي جي دروازي واري سامهين ديوار ۾ اتران هڻايائين. ان وقت ڪريمي درگاهہ جي گادي تي عبدالواسع شاهہ (بن عبدالغني شاهہ، بن محمد دليل شاهہ بن دين محمد شاهہ بن ميون شاهہ ڪريم) هو جنهن جو ڌيان درگاهہ کان وڌيڪ دنيوي ڪاروبار طرف هو. ان کي اچي وهم وينو تہ عبداللطيف شاهہ درگاهہ ٺهرائڻ کان پوءِ اندر وري پنهنجو نالو هڻايو آهي تہ جئين وارث بڻجي ۽ درگاهہ تي قبضو ڪري: سو شاهہ صاحب جي روانگي بعد خود پاڻ اچي اها سِرَ جنهن تي 'لطيف' لکيل هو پٽائي ڦٽي ڪيائين. ان وقت شاهہ لطيف 'بلڙي' مان اڄان 'ٻَنڊي' جي شهر ۾ (بلڙي ۽ ننڍي محمد خان جي وچ تي) پهتو هو ۽ اتي 'ڪريم- پوٽي' سيد محمد صلاح (بن ابوبڪر شاهہ بن محمد شريف شاهہ بن محمد دليل شاهہ بن دين محمد شاهہ بن ميون شاهہ ڪريم) وٽ ٽڪيل هو جو عبدالواسع شاهہ

(١) سنہ ١٣٥٥ھ ۾ جڏهن سجاده نشين غلام حيدر شاهہ، لونگ فقير مهيسر جي فقيرن جي خدمت ذريعي روضي جي مرمت ڪرائي تڏهن شاهہ صاحب جون لڳايل اصلوڪي ڪتبي واريون سرون لاهي، ٻين سرن تي ڪَتبو لکائي لڳايائون. انهن اصلوڪين سرن مان فقط تاريخ جي سال واري سر مجاورن سنڀالي رکي ۽ اها راقم کي وڏي مجاور صوف فقير ڏيکاري. ٻي هڪ سر بلڙي جي ڪن ٻين دوستن وٽ هئي، ۽ وڌيڪ ڳولا سان ٽريءَ سر جو ٽڪر جنهن تي "طفال" جو لفظ پڙهڻ ۾ آيو سا مون اداري سنڌالاجي جي ميوزم ۾ حفاظت لاءِ رکائي. شاهہ عبداللطيف جو مبين شاهہ ڪريم جي درگاهہ جوڙائڻ بابت تفصيل، منهنجي مضمون ("شاهہ عبداللطيف جي سوانح بابت وڌيڪ تحقيق ۽ معلومات"، سہ ماهي مهراڻ بهار ٢٠٠٦ع ۾ ڏسڻ گهرجي.

Marfat.com

جي سِر پٽائڻ جي خبر اچي پهتي، جنهن تي شاهه صاحب چيو تہ: ”هن ضعيف جو نالو عبداللطيف آهي، باقي ’لطيف‘ نالو تہ الله جل شانه جي نالن مان هڪ آهي. شال ان ذات باري تعاليٰ کي ڪا غيرت نہ اچي“(١).

درگاهه ڪريمي جي خاص خدمت ۽ تعمير ڪان پوءِ شاهه صاحب پٽ جي جاين ڏانهن توجهه ڪيو. شروع ۾ اهي جايون تڪڙو تيار ڪيل هيون، پر هاڻي انهن کي وڌيڪ سهڻي سٺاءُ سان تعمير ڪيو ويو. پنهنجي وڏي ڏاڏي شاهه ڪريم ۽ ڏاڏي عبدالقدوس شاهه جي مزارن جي تعمير بعد شاهه صاحب پنهنجي والد شاهه حبيب جو مقبرو بہ پڪو ڪرايو ۽ ٻاهران دروازي جي مٿان وفات جي تاريخ واري هيٺين مصرع جيڪا سندس مريد ۽ پلاري عالم مخدوم محمد صادق نقشبندي نٽوي جوڙي هئي سا لڪيائين:

”الموتُ جِسرٌ يوصل الحبيب للقاء الحبيب“

(ابجد جي حساب سان عدد= ١١٤٤)

مسجد شريف شروع ڪان ڪَچي پر مضبوط ٺهيل هئي، انهيءَ ڪري ان کي شاهه صاحب پوءِ پنهنجي زندگي جي آخري دور ۾ وڏو شاندار ڪري ٺهرايو.

**(و) معتقدن مريدن وٽ وڃڻ ۽ حال وارن فقيرن ۽ درويشن سان ملڻ.** مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ شاهه صاحب جي زندگي جو هن ڪان اڳيون ويهن- ٻاويهن سالن وارو دور (١١٢٠- ١١٤٢هه) طلب ۽ تحقيق وارو دور هو جنهن ۾ هن سنڌ توڙي سنڌ ڪان ٻاهر سفر ڪيا، درويشن جا ماڳ مڪان ڏوري ڏٺا، ۽ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڌنڌي پيشي وارن توڙي عام ماڻهن جي روزاني زندگي ۽ حال حقيقت ڪان واقف ٿيو. اهي پنڌ ۽ سفر سندس پاڻ پنهنجي تربيت ۽ پرجهه پروڙ خاطر هئا. زندگي جي هن ٻئي دؤر ۾، جيڪو چاليهن سالن جي عمر ڪان پوءِ وارو دور هو، شاهه صاحب پاڻ هڪ جهانديده درويش ۽ حال ۽ قال جو صاحب هو. هن دور ۾ سندس مسافريون وڌيڪ سوچيل مقصدن ۽ منزلن واريون هيون: يعني پنهنجن پيارن مريدن ۽ مخلصن وٽ پيرا ڪري سندن پوئواري ڪرڻ، ٻين حال ۽ جاڻ وارن فقيرن سان ملڻ، ۽ عالمن عارفن سان سلوڪ ۽

---

(١) مير عبدالحسين خان ’لطائف لطيفي‘ (ص ٣٢- ٣٤) ۾ اها سڄي ڳالهه لکي آهي ۽ پڻ سر جو ذڪر ڪيو آهي تہ: ”اما يک خشت بسمت شمال دروازه مقابل روضه ڪريمي لطيفي بديوار نصب ڪردند ڪه بران لطيف نگاشت بود.“ چٽي وضاحت ٿيل ڪانهي تہ ڪهڙي ديوار تي سر هڻئي وئي، البت اڳتي هلي لکي ٿو تہ اصل سر جتان ڪڍي وئي، ان ساڳي جاءِ تي صاحبڏني شاهه ٻي سر هڻائي جيڪا پيلي رنگ تي نمايان آهن. جيڪڏهن صاحبڏني شاهه ڪا سر هڻائي هئي تہ اها بہ سنہ ١٣٥٥هه ۾ غلام حيدر شاهه جڏهن لونگ فقير جي فقيرن جي خدمت ذريعي مرمت ڪرائي ۽ اپرنديءَ پٽ تي ٻاهران نئين ڪاشي لڳي تڏهن پٽجي وئي. راقم بہ ٽي پيرا ميين شاهه ڪريم جي روضي توڙي اتران ان سان لڳ مسجد جي ديوارين کي جانچي ڏٺو پر اهڙي ڪا سر لڳل نظر ڪانہ آئي. البت مجاور حاجي صوف ميمڻ ٻڌايو تہ سندن وڏا چوندا آهن تہ شاهه لطيف واري اصل سر جنهن تي ’لطيف‘ لکيل هو سا روضي جي اپرندي، پٽ جي ٻاهران، روضي جي در ڪان اتر، پٽ جي بالڪل آخري اترئين ڪناري سان ڪنڌ لڳ پر ذرا مٿي لڳل هئي. مير عبدالحسين سانگي، هيءُ سڄو بيان حڪايتي رنگ ۾ شاهه صاحب جي ڪرامت جي سلسلي ۾ آندو آهي. سندس لکڻ موجب هڪ تہ ميين شاهه ڪريم کي پاڻ تي روضو منظور ڪونہ هو ۽ انهيءَ ڪري جيڪو بہ عمارت ٺهرائڻ خاطر اتي بيٺل وڻ وڍيندو هو تنهن کي نقصان رسندو هو، پر شاهه صاحب کي ڪجهہ ٿي ڪونہ ٿيو. ٻيو تہ عبدالواسع شاهه جي ان اڻ- سهائيندڙ هلت سببان (شاهه لطيف جي رنجش جي ڪري) ٽن پيڙهين ڪان پوءِ سندس اولاد ۾ گادي ختم ٿي ويئي ۽ اها ڦري محمد صلاح شاهه جي اولاد ۾ آئي (لطائف لطيفي، ص ٣٠-٣٣). مير سانگي عمارت جي اندر واري اها جاءِ ڄاڻائي آهي جتي ’لطيف‘ جي نالي واري سر هڻئي وئي هئي، پر ڪَتبي جي ’درگاهه ڪريمي‘ واري سر جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. ان سر تي لکيل ڪتبي مان ظاهر آهي تہ اها روضي جي اندر ان اڳئين ڪتبي جي سر هئي. هاڻي اتي ساڳيو ڪتبو جيڪو لڳل آهي سو پوءِ نئين سر لڳايو ويو. شروعاتي تحقيق دوران ١٩٦٨ع ۾، ۽ وري ٻيهر سيپٽمبر ١٩٨٧ع ۾، راقم اها سر ڏٺي ۽ ان جو فوٽو ورتو. درگاهه جي مجاور حاجي صوف ميمڻ ان سر کي سنڀاليو آهي. هيءُ سر شاهه عبداللطيف جي هٿن جو وڏو يادگار آهي، جنهن کي وڏي احتياط سان محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

Marfat.com

قائم رکيائون(١). ’ڏيٺو ڏر‘ جبل واري مڙهي جي ڪنهن ڪاپڙي کي (ٻي روايت موجب، خود ڏرمناٿ کي) ڏٺائين جيڪو پنهنجي پاڻهن مٿي اپي ڪري جهليو بيٺو هو. ڪانئس پڇيائين ته هن چيو ته: ’مون تپسيا طور ٻانهن کي ايو جهلي سُڪائي ڇڏڻ جو وچن ڪيو آهي‘. تڏهن شاهه صاحب کيس تنبيهه طور هي بيت پڙهيو ته:

هنيون نه سُڪايئي هوت لئي، ٿو سُڪائين ٻانهون
ڏيکارين ٿو ڏيهه کي ڏتا ڪيو دانهون
پاڻهي مُنئي پاڻ کي، چوين آديسي آئون
اي، پند پراهون، ڪي ڪي لهندا ڪاپڙي(٢).

’شاهه جي رسالي‘ جو ’سُر رامڪلي‘ هن دور جي مسافرين ۽ مشاهدن جو يادگار آهي جنهن ۾ شاهه صاحب ’ناٿ پنٿي‘ مُوحد جوڳين، سامين سنياسين ۽ ڪنڦاڙن ڪاپڙين جي حوالن ڪِناين سان توحيد ۽ وحدانيت جي نهايت دلپذير ۽ مؤثر طريقي سان تلقين ڪئي آهي. هن سر ۾ شاهه صاحب هيڪڙائي حق وارن جي وڏي تعريف ڪئي آهي، سچائي ۽ صداقت کي ساراهيو آهي ۽ رياء رسم کي ننديو آهي.

گندي ۽ گراهه، جن سناسين سانديو
اني ڪان الله، اجان آڳاهون ٿئو.

(ز) سنڌ جي عالمن عارفن سان صحبتون ڪرڻ، پاڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ خاطر ويهن سالن ڪان ونئي نوجوان لطيف سنڌ جي ولين ۽ درويشن جي ماڳن مقامن تي ويو ۽ پڻ ان وقت جي ڪن سالڪن ۽ عالمن سان مليو، جن مان ڪم از ڪم ٻن وڏن حال ۽ جاڻ وارن بزرگن جا نالا تصديق سان معلوم آهن: هڪ ميون شاهه عنات رضوي ۽ ٻيو ميون صابر ولهاري. سيد عنات الله شاهه عرف ميون شاهه عنات، نصرپور جي رضوي ساداتن مان هو: سلوڪ ۽ طريقت ۾ هو سکر جي شاهه خيرالدين قادري رحه جي سلسلي سان راسبته هو، ۽ پنهنجي وقت ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. شاهه لطيف جي نوجواني کان ونئي ساڻس محبت ۽ نيازمندي واري ڏيٺ ويٺ ٿي. شاهه پور جو ڳوٺ جتي ميون شاهه عنات رهندو هو توڙي نصرپور جتي هو ايندو ويندو هو، اهي ٻئي ماڳ ڪوٽڙي کان گهڻو پري ڪونه هئا. اندازاً سنه ١١٢٠هه کان وٺي ويندي سنه ١١٣٣هه ۾ ميين شاهه عنات جي وفات تائين، ٻارهن تيرهن سال کن شاهه لطيف جون ميين شاهه عنات سان رهاڻيون رهيون(٣). ميون صابر ولهاري، وقت جو وڏو عالم عارف ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هو سمن جي ’ٻَرند‘ پاڙي مان هو ۽ پرڳڻي ولهار (ننڍي الهيار کان ڏکڻ اوڀر) ۾ درسگاهه قائم ڪئي هئائين جيڪا اڳتي ٽالپور اميرن جي دور ۾ وڏي اوج کي پهتي. ميون صابر قرآن شريف جي تعليم تدريس جو عالم ۽ وڏي فقيري حال وارو بزرگ هو، جنهن جي ديدار

---

(١) سالاراٺي جتن فقيرن جن شاهه صاحب جا اهي آثار پاڪستان کان اڳ پاڻ ڏٺا، تن مان هڪ کان وڌيڪ فقيرن راقم سان انهن آثارن جي تصديق ڪئي. وڌيڪ اتي جي پوڄارين ائين به مشهور ڪري ڇڏيو هو ته شاهه صاحب ’نارائڻ سر‘ مان ٽٻي هڻي ۽ اچي ڪوٽيسر جي مندر مان نڪتو.

(٢) ٻي پڙهڻي:

اي، پند آڳاهون، ڪي ڪاهي رسنا ڪاپڙي.
—
اي، پند آڳاهون، جت نانگا ڳڏنا ناٿ ڪي.

(٣) ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جي تعلق بابت وڌيڪ ڏسو راقم جو ڪتاب ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“: مطبوع سنه ١٩٣٦ع، مقدمو صفحا ٨٩- ١٠٦، خاص طرح صفحا ٨٩- ٩٠، ٩٦ ۽ ١٠٦. ان ڪتاب جي مقدمي لکڻ ۽ ڇپجڻ بعد ميين شاهه عنات جي وفات جو سال (١١٣٣هه) پڪيء طرح معلوم ٿيو.

Marfat.com

- مخدوم دين محمد صديقي سهروردي سيوستائي (٩٢- ١١٩٣هہ)، اصل 'پاٽ' جو پوءِ اچي سيوهڻ ۾ رهيو هو. شاهہ صاحب سان سندس گهاٽا دوستانا تعلقات هئا جو هڪ ٻئي سان دستارون بدلائي پڳ مٽ يار ٿيا هئا. مخدوم موصوف ظاهري علم توڙي تصوف ۽ طريقت ۾ وڏو ڪامل عامل هو (تذڪره مشاهير سنڌ، جلد-١، ص ٨٦ ۽ ٢٠٣).
- ميون محمد صلاح بن ميون محمد عارف (ڏاسوڙي- ٽنڊي قيصر جو، پوءِ 'مٽياري' ۾ رهيو)، فارسي جو عالم ۽ مولانا رومي جي مثنوي جو وڏو ڄاڻو هو. شاهہ صاحب جو معتقد ۽ مريد ٿيو، ۽ ٻاهر سفر ۾ هميشہ ساڻس گڏ هوندو هو ۽ روانو مثنوي جو وعظ ڪندو هو. شاهہ صاحب وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ ڪيس 'خليفو محمد صلاح' سڏيندا هئا. سنڌي ۾ 'بزغل جا ڪلما' جوڙيائين جيڪي 'محمد صلاح جي سنڌي' جي نالي سان مشهور ٿيا، پڻ شاهہ صاحب جو 'سفرنامو' جوڙيائين جيڪو پوئين ويجهي دورر ۾ ضايع ٿي ويو(١).
- مخدوم عبدالله آگرو ڪنڊياري جو(٢) جنهن وٽ، مسافري ۾ اڳتي ويندي يا موٽندي، شاهہ صاحب ترسندو هو.
- مخدوم محمد صديقي قريشي جيڪو سنہ ١١٦٥هہ ۾ بہ حال حيات هو. هو پنهنجي وقت جو عالم ۽ درويش هو ۽ ڪوٽڙي ڪبير (تعلقو ڪنڊيارو) ۾ مڪتب پڙهائيندو هو. سندس اهو مڪتب مخدومن جي پاڙي ۾ 'سوا لک مقام' جي وچ تي هو، اتي مسجد هئي جتي شاهہ صاحب اچي ٽڪندو هو. مسجد جي پرسان هڪ لئي جو وڻ هو جيڪو پوءِ يادگار طور 'ڀٽائي صاحب وارو لئو' سڏبو هو ۽ سنہ ١٨٩٧ع ڏاري پڻ بيٺل هو(٣).
- فقير محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو فاروقي (وفات ١١٩٢هہ)، سچل جو ڏاڏو، درازن جي شهر کان ٻاهر ڪٻڙن جي ويڙ ۾ گوشائتو رياضت ۽ عبادت ۾ ويٺل هو جو شاهہ صاحب اتان لنگهندي ساڻس مليو، ۽ سندس اشاري تي ميان صاحبڏنو ويراڳ مان نڪتو ۽ کوهہ کٽايائين ۽ مسجد ٺهرايائين ('لطف اللطيف' ص ٨٣- ٨٤).
- مخدوم محمدي (وفات ١١٧٤هہ)، مخدوم عبدالرحمان شهيد جو فرزند ۽ جانشين، جنهن جي وقت ۾ هڪ ڀيري شاهہ صاحب کهڙن جي شهر جي ٻاهران چنيهہ فقير اچڻ جي کوهہ تي اچي لٿو. جڏهن مخدوم صاحب کي خبر پئي تہ پنهنجو خاص ماڻهو موڪليائين ۽ تاڪيد سان دعوت چوائي موڪليائين. غالباً شاهہ صاحب اڳ مخدوم عبدالرحمان شهيد سان مليو هو، جنهن کي پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي سنہ ١١٤٥هہ ۾ شهيد ڪرايو. انهيءَ اڳئين لاڳاپي جي ڪري ئي مخدوم موصوف حجت سان چوائي موڪليو تہ: هت اسان وٽ اچي رهو. پر شاهہ صاحب جو اچي فقير وٽ لٿو هو سو رات اتي رهڻ مناسب سمجهيائين. انهيءَ تي شاهہ صاحب، ٽڪر جي ٽڪر تي اگر سان هيءُ بيت لکي مخدوم محمدي ڏانهن ڏياري موڪليو:

---

(١) سندس اولاد وٽ مسلسل طور هلندڙ روايت جيڪا راقم سان مرحوم مولوي عبدالله (١٧ جنوري ١٩٥٩ع تي) بيان ڪئي.

(٢) مخدوم جي اولاد جي روايت جيڪا آخر ۾ ان گهراڻي جي وڏيءَ عمر جي مائي جي زباني بيان ٿي (۽ راقم کي غلام رباني آگري ٻڌائي). هن روايت جي ڪنهن قدر هن مان تصديق ٿئي ٿي جو مخدوم صاحب مثنوي جو ڄاڻو هو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ مخدوم دائود آگرو بہ مثنوي جو وڏو شائق ۽ ڪاتب هو.

(٣) ڪوٽڙي ڪبير جي مخدومن عالمن وٽ مسلسل طور هلندڙ روايت، جنهن جو ذڪر راقم سان پهريون ڀيرو هن خاندان جي سربراهہ مرحوم غلام قادر فيبروري ١٩٦٨ع ۾ ڪيو. بعد ۾ ١٩٨٥ع ۾ موجوده جانشين ميان غوث محمد گوهر جي معرفت راقم کي ڪاغذات ڏنا جن مان معلوم ٿيو تہ مخدوم محمد سنہ ١١٦٥هہ ۾ حال حيات هو. راقم مسجد ۽ لئي واري جاءِ پڻ ڏٺي ۽ وڏيڪ پڇا ڪئي، جنهن تي معلوم ٿيو تہ شاهہ صاحب جڏهن مخدوم محمد وٽ ايندو هو تہ عبدالرحيم ڦل پوٽو ڪوري فقير سندس خاص خدمت ۾ رهندو هو. هن فقير جي پوين وٽ ان وقت جي هڪ 'ٿالهي' وڏي حفاظت سان رکيل آهي (جو پانئجي ٿو تہ ڀٽائي صاحب ان ۾ ماني کاڌي هئي) جيڪا راقم کي ميان محمد اسماعيل (عمر ٨٥ ورهيہ) ڏيکاري.

Marfat.com

اڄ نہ آيس آنءِ، صبح ايندس سپرين
توتي جنھن جو نانءِ، سو ڪٿي بار ڳُھين جا(١).

شاھ صاحب ٻئي صبح مخدوم صاحب وٽ ويو. ان وقت شاھ صاحب سان راڳ لاءِ پنھنجا راڳائي فقير دنبورن سان گڏ ھئا. جئن تہ مخدوم صاحب شريعت جو پابند ھو سو سبب پڇيائين، جنھن تي شاھ صاحب عذر ڏيندي چيو تہ: اسان جي مجبوري آھي جو 'راڳ' اسان جي روحاني خوراڪ بنجي چڪو آھي. مخدوم صاحب جن چيو تہ: ھت بنا سازن جي پل راڳ ٿئي ۽ پل ٻڌو، شاھ صاحب قبول ڪيو ۽ دنبورا اندر ڪوٺي ۾ سنڀالي رکيائون. رات جو نماز بعد جڏھن ٻاھران ويھي فقيرن وڏي سوز گداز سان راڳ ڪيو تہ اندر دنبورا وڄڻ لڳا. ان تي مخدوم صاحب چيو تہ: ھيءُ ھڪ نرالي حالت آھي ۽ شاھ صاحب بي ميار آھي. ان موقعي تي شاھ صاحب ھفتو کن مخدوم صاحب وٽ ٽڪيو ۽ سندن پاڻ ۾ رھاڻيون ٿيون. مخدوم محمدي پاڻ اويسي سلسلي جو وڏو شيخ ۽ چائي چم کان الله وارو ھو. ھيءَ ملاقات غالباً شاھ صاحب جي زندگي جي آخري سالن ٥٩- ١١٦٠ھ ڌاري ٿي جڏھن مخدوم صاحب اڃان ١٦- ١٧ سالن جو جوان ھو.

- چنيھ فقير اڄڻ، ڪھڙن جو، جنھن وٽ شاھ صاحب ٽڪيو جئن مٿي بيان ٿي چڪو آھي. سندس ڪوھ تي لٽو ھو ۽ ان ڪوھ جا نشان ڪھڙن واري پڪي رستي کان فرلانگ اوپر طرف آھن.
- سيد محمد بقا لڪياري (شھيد ١١٩٢ھ)، جناب پير صاحب محمد راشد 'روضي- ڌڻي' جو والد، جنھن سان شاھ صاحب جي ملاقات ٿي ۽ ھڪ ٻئي سان حجائتي گفتگو ڪيائون. شاھ صاحب جي اھا ملاقات مسافري ۾ ڪھڙن جي شھر کان اڳتي ويندي ڪٿي ٿي(٢) جنھن جو ذڪر سيد محمد بقا صاحب پوءِ پنھنجي ھونھار فرزند محمد راشد (١١٧٠- ١٢٣٠ھ) سان ڪيو انھيءَ ڪري محمد راشد صاحب جن شاھ صاحب جي چيل بيتن ڏانھن توجھ ڪيو. ھو سنڌ جو پھريون وڏو عالم ۽ قادري طريقي جو اڳواڻ ھو جنھن سڀ کان اڳ شاھ صاحب جي بيتن ۾ سمايل عارفانہ فڪر کي سڃاتو ۽ ڪن کي پنھنجي وعظ ۽ نصيحت ۾ بيان ڪيو جيڪي سندن ملفوظات ۾ موجود آھن.
- پير موسن شاھ جيلاني، 'لوءِ مبارڪ' (گھوٽڪي) جو عالم عارف ۽ سجاده نشين ھو جنھن سنہ ١١٠١ھ ۾ شاندار جامع مسجد جوڙائي ۽ مدرسو قائم ڪيو. شاھ صاحب جڏھن 'لوءِ' ۾ آيو تہ انھيءَ مسجد ۾ اچي ٽڪيو جتي پير صاحب سان روح رھاڻ ٿي. جنھن ۾ شاھ صاحب مارئي جي سُر مان پنھنجا ڪي بيت پڙھيا جيڪي پوءِ اتي پيرن صاحبن وٽ يادگار رھيا. روايت موجب شاھ صاحب جيڪو پھريون بيت پڙھيو ۽ جنھن پير صاحب تي وڏو اثر ڪيو سو ھيءُ ھو:

زُمر زُخرف سومرا، حمد جني جو ھنڌ

---

(١) ھيءُ ڳالھ ڪھڙن جي مخدومن عالمن وٽ مسلسل طور ھلندي آئي آھي ۽ پڻ وڏي عالم مخدوم محمد عاقل (چوٽون) پنھنجي ڪتاب 'تاريخ آئينہ جھانما' (قلمي) ۾ آندي آھي. راقم سان ان جو ذڪر پھريائين استاد مرحوم مخدوم امير احمد ڪيو، جنھن ڪي پوءِ 'تحفة الڪرام' جي سنڌي ترجمي (مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ص ٢٢٨- ٢٤٠) جي حاشيہ ۾ پڻ آندائين. مخدوم صاحب جن ائين بہ چيو تہ: شاھ صاحب پاڻ ٻِگر جي ٽُڪر تي اگر سان اھي سڻون لکي موڪليون ھيون. ڪھڙن ۾ آءٌ وٽن ويس تہ مون کي اھا ڪوٺي واري جاءِ پڻ ڏيکاريائون (جيڪا جامع مسجد جي ٻاھرئين دروازي لڳ ھئي) جتي شاھ صاحب ٽڪيو ھو. مرحوم مولوي دين محمد وفائي پڻ لطف اللطيف' (ص ص ٨١- ٨٢) ۾ شاھ صاحب جو مخدوم محمدي وٽ وڃڻ وارو بيان 'تاريخ آئينہ جھان نما' جي حوالي سان آندو آھي.

(٢) 'لطائف لطيفي' (ص ٧٩) ۾ مير عبدالحسين خان سانگي ھن ملاقات بابت لکيو آھي، ۽ پڻ مولويءَ دين محمد وفائي 'لطف اللطيف' (صفحا ٨٤- ٨٥) ۾ ان کي بيان ڪيو آھي.

Marfat.com

اهدنا الصراط المستقيم اهو پنهوارن پنڌ
باري لاهج بند، تہ ملان ماروئڙن کي(١).

- مخدوم محمد هاشم صاحب (وفات ١١٧٢ھ)، بلڙي جي پرسان بهرام پور ۾ رهندڙ هو جو شاهه صاحب جي ساڻس ڏيٺ ٿي. مخدوم صاحب سان شاهه صاحب جي جاڻ سڃاڻ ۽ ملاقاتن جو سلسلو پوءِ ويندي ١١٥٣- ١١٥٤ھ وارن سالن تائين قائم رهيو. انهن سالن ۾ شاهه صاحب ارادو ڪيو تہ بلڙي ۾ ميين شاهه ڪريم جي مزار تي قبو جوڙائي. مخدوم صاحب کي جڏهن خبر پئي تڏهن شاهه صاحب کي جهليائين تہ قبو نہ نهرائي، جنهن تي شاهه صاحب عذر پيش ڪيو تہ ميين شاهه ڪريم سان سندس بي انتها محبت آهي انهيءَ ڪري ٿو قبو جوڙائي، پر ان سان گڏ جامع مسجد بہ تعمير ٿيندي. ان بعد ملاقاتن ۾ ويجهائي ڪانہ رهي، پر باوجود ان جي شاهه صاحب کي مخدوم صاحب لاءِ آخر تائين وڏي عزت هئي(٢).
- درويش ڏاتار ڏنو بن درويش اسحاق سَڪَريو ('ملاڪاتيار' وارن بزرگن جو وڏو جنهن جو ذڪر قانع تحفة الڪرام ۾ آندو آهي) تنهن سان شاهه صاحب جي گهڻي ڏيٺ هئي. جڏهن ميين شاهه ڪريم جي روضي ۽ مسجد جي تعمير لاءِ شاهه صاحب ڪاشيءَ جي سِرن وٺڻ لاءِ ملتان وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ درويش ڏاتار ڏنو (جيڪو ملتان وارن بزرگن جو خاص مريد هو) ساڻس گڏجي ملتان ويو هو. (هيءَ روايت ملاڪاتيار وارن بزرگن وٽ مسلسل طور هلندي آئي آهي، ۽ راقم سان اتي جي سجاده نشين فقير محمد اسحاق مرحوم پنهنجي زباني بيان ڪئي).
- مخدوم پاون شاهه، ملتان جي سهروردي غوثيہ درگاهه جو سجاده نشين، جنهن سان فقير ڏاتار ڏني سان گڏ شاهه صاحب مليو ۽ صحبت ڪئي. اها ملاقات ١١٥٤- ١١٥٥ھ وارن سالن ۾ ٿي هوندي.
- ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي، عالم ۽ صوفي، مخدوم محمد معين جو شاگِرد هو ۽ خواجہ محمد زمان لواري واري جو استاد هو: فارسي جو وڏو ڄاڻو ۽ شاعر هو جنهن کي مير علي شير قانع "جامع فنون ڪمال ظاهري و باطني" ڪري لکيو آهي، سو شاهه صاحب جي زندگي جي هن دور جي شروع ۾ ئي سندس معتقد ۽ مريد ٿيو ۽ سندس اها ارادتمندي آخر تائين قائم رهي. هن پوءِ شاهه صاحب جي ارشاد تي، شاهه حبيب جي وفات (١١٤٤ھ) توڙي ميين شاهه ڪريم جي درگاهه جي تعمير (سنہ ١١٦٥ھ) جون ابجد جي حساب سان فارسيءَ ۾ سهڻيون تاريخون ڪڍيون.
- خواجہ محمد زمان (اول) لواري وارو، جيڪو شاهه عبداللطيف جي مريد ۽ وڏي عالم ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي جو شاگرد هو، تنهن سنہ ١١٥٠ھ ۾ لواري کي وسايو، جتي پوءِ غالباً ڪڇ ڏانهن ايندي ويندي شاهه صاحب ساڻس مليو ۽ ڪا گهڙي پاڻ ۾ اعليٰ معرفت واري صحبت ڪيائون. خواجہ صاحب ٺٽي مان ظاهري توڙي باطني علم سان بهرور ٿي آيو هو، سو شاهه صاحب کانئس پڇيو تہ: "فنا کان پوءِ بہ

---

(١) راقم کي هيءَ روايت گهوٽڪي ۾ اعتبار جهڙن صاحبن کان ملي، ساڳي روايت پوءِ عادلپور ۾ پڻ ملي پر البت 'مارئي جي سُر' مان انهن بيتن جو سلسلو بدليل هو.

(٢) وڏيڪ مخدوم محمد معين جي بيان هيٺ ڏسو. مير عبدالحسين خان سانگي 'لطائف لطيفي' (ص ص ١٠٠- ١٠١) ۾ جيڪا حڪايت آندي آهي تہ مخدوم محمد هاشم راڳ بند ڪرائڻ لاءِ شاهه صاحب وٽ (پٽ تي) آيو هو جو دنبورا ڪوٽي ۾ بند ڪرڻ جي باوجود وڳا، سا صحيح ناهي. اهو سازن جو خودبخود وڄڻ وارو واقعو تڏهن ٿيو جڏهن شاهه صاحب کهڙن ۾ مخدوم محمدي وٽ مهمان هو. مخدوم محمد هاشم جي منع ڪرڻ واري روايت بابت ڪن بيانن ۾ ائين ڄاڻايل آهي تہ مخدوم صاحب چيو تہ: "شرعي لحاظ کان خود ميين شاهه ڪريم پڻ سندس قبر تي قبي جوڙائڻ کان منع ڪئي هئي' ميين شاهه ڪريم جي ڪيل منع جو اهو ذڪر 'لطائف لطيفي' ۾ آندل آهي.

Marfat.com

■ ”پٽ تي شاهه صاحب پنهنجن فقيرن کي چيو تہ: اچو تہ پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪرڻ هلون. ائين چئي نئي ۾ (مخدوم محمد معين وٽ آيو ۽ اتي) راڳ جي صحبت (محفل) ڪيائين جنهن ۾ مخدوم (محمد معين) پڻ شامل ٿيو. محفل جي عين گرمي ۽ ذوق واري وقت هو اٿي اندر ويو ۽ ٿوري دير ۾ دم ڏنائين. سيد موصوف (شاهه عبداللطيف) جنازي ۾ شموليت بعد پٽ ڏانهن موٽندي چيو تہ: نئي ۾ اچڻ سندن ڪري ٿي ٿيندو هو- هاڻي ڪانئس پوءِ ختم“ (تحفة الڪرام، جلد-٣، مطبوع دهلي، ص ص ٢٢٩- ٢٣٠).

”آخر عمر ۾ (مخدوم معين) بہ قدوة العارفين شاهه عبداللطيف جي خنمت ۾ وڏي ارادي ۽ اخلاص وارو ٿيو. شاهه صاحب کي بہ نئي ۾ مخدوم صاحب جي صحبت نهايت وڻي وئي ۽ سندس ملڻ خاطر هو نئي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. مخدوم موصوف جي (حياتي جي) آخري ڏينهن ۾ شاهه صاحب آيو ۽ اچي راڳ جي صحبت (محفل) ڪرايائين. مخدوم کي ان راڳ ٻڌڻ سان حال پئجي ويو، ايتريقدر جو جان ڏيڻ کان سواءِ چارو ڪونہ رهيو... (جڏهن) سندس جنازو مڪلي ڏانهن پئي نيائون تہ سيد (شاهه عبداللطيف) پڻ پويان ڪانڌي ٿي پئي هليو...... شاهه عبداللطيف جنازي سان ڪانڌي ٿيڻ بعد موٽندي، پنهنجي ڪرامت پري زبان سان چيو تہ: ”نئي ۾ پنهنجي يار جي الوداع خاطر هي اسان جو آخري پيرو اچڻ ٿيو......“ (معيار سالڪان طريقت، قلمي).

## پٽ تي هڪ جاءِ مقيم ٿيڻ وارو آخري دور (١١٦١ـ ١١٦٥ھ)

مخدوم محمد معين جي وفات سنہ ١١٦١ھ ۾ ٿي جنهن جي تصديق قانع جي ڏنل تاريخي ماده ”قطره در بحر واصل شد“ مان ٿئي ٿي. وفات بعد مٿئين بيان مان ظاهر آهي تہ شاهه صاحب کي وڏو غم ٿيو جو چيائين تہ سندس نئي ۾ اچڻ جو هيءُ آخري پيرو ٿيندو ۽ دوست جي جدائي بعد هاڻي هو وري نئي ڪونہ ايندو. ان وقت شاهه صاحب جي عمر ٥٩ سال هئي، ۽ هو جيئن ’پٽ‘ تي آيو تہ وري ڪنهن ٻئي سفر تي ٻاهر ڪونہ ويو، ۽ زندگي جو باقي عرصو پٽ تي ئي ياد الاهي ۾ فقيرن سان گڏجي گذارڻ جو پهہ ڪيائين. ان جي تصديق انهيءَ مان ٿئي ٿي جو هاڻي پٽ تي، اڳين مسجد واري جاءِ تي، هڪ وڏي ٽن گنبذن واري جامع مسجد ٺهرائڻ شروع ڪيائين، جيڪا بکر جي وينل عيدن رازي شاهه صاحب جي موجودگي ۾ سندس نظرداري هيٺ سنہ ١١٦٢ھ ۾ جوڙي راس ڪئي(١). اها ساڳي ٽن گنبذن واري مسجد اڃان تائين موجود آهي. هالن پراڻن جي قاضي ابراهيم، شاهه صاحب جي ارشاد موجب، مسجد جي تعمير جي تاريخ هينئين منظوم مصرع مان ڪڍي(٢):

---

(١) لطائف لطيفي ۾ آندل بيان موجب، شاهه صاحب ان مسجد جو بنياد رکيو ۽ اها شاهه صاحب جي موجودگيءَ ۾ سندس روبرو جڙي: ”مسجد معلي روبروي والاتبار نمونه پسنديده تيار شد“(ص- ٢٩) ”عيدن معمار ساکن بکهر مسجد مطهره روبرو اولياء صاحب بر پٽ شريف ساخته بود.“ (ص- ١٧١) بنا کرده شاه والاتبار- که شد روبروي مُعليٰ تيار (ص- ٢٦). شاهه جو روضو بہ پنج سال پوءِ عيدن رازي جوڙيو.

(٢) قاضي ابراهيم پوءِ شاهه صاحب جي وفات جي تاريخ پڻ ڪڍي. مسجد جي جڙي راس ٿيڻ جي تاريخ واري اها سِر ضرور مسجد ۾ ڪٿي لڳائي وئي هوندي پر هن وقت موجود ناهي. شايد وراندي جي ٺهڻ يا ٻين تعميري تبديلين وقت اها سر لاٿي وئي جو پوءِ وري لڳائي ڪانہ وئي. مسجد جي تعمير بابت قاضي ابراهيم جي منظوم ڪيل اها تاريخي مصرع راقم کي ولهار جي ڪتبخاني جي ڪُهنن ڪاغذن ۾ هينئين طور لکيل ملي.

”تاريخ عمارت مسجد غواصِ بحر حقيقتِ سيد شاهه عبداللطيف جيو عليه الرحمة قدس الله سره العزيز
بطريق مصرع: نادري مسجد درين دوران چہ زيبا دل ربائي“
١١٥١

هن لکت ۾ سال وارو عدد ١١٦١ بدران ١١٥١ آهي جيڪو صحيح ناهي، ۽ لفظ ’ربائي‘ پڻ صحيح ناهي جو ان سان مصرع جو وزن ٽٽي ٿو. صحيح ”دل ربا“ آهي، ابجد جي حساب سان: (نادري= ٢٦٥، مسجد= ١٠٧+ درين=٢٦٤+ دوران= ٢٦١+ چه= ٨+ زيبا= ٢٠+ دل= ٣٤+ ربا= ٢٠٣) =١١٦٢ بيهي ٿو.

Marfat.com

شاھ صاحب لاءِ راڳ روحاني خوراڪ ھو ۽ بالآخر راڳ جي رس ۾ ئي ھيءُ جھان ڇڏيائين. پڇاڙي واري وقت، سندس ارشاد موجب، ٽي ڏينھن لاڳيتو راڳ ٿيندو رھيو ۽ شاھ صاحب پاڻ استغراق واري حالت ۾ مراقبي ۾ وينو رھيو. جڏھن راڳ ۾ ذرا وقفو ڪيائون تہ ڏٺائون تہ ان مراقبي واري حالت ۾ ئي شاھ صاحب جو روح پرواز ڪري چڪو ھو(١). شاھ صاحب جي اُستاد (ميين نورمحمد ڀٽي مرحوم) جي فرزند ميين ولي محمد غسل ڏياريو(٢) ۽ شاھ صاحب جي پنھنجي ارشاد موجب کيس ان جاءِ تي دفن ڪيائون جتي ھن وقت سندس مزار آھي. ھجري سال ١١٦٥ جي صفر مھيني جي چوڏھين تاريخ ھئي جو شاھ صاحب وفات ڪئي: اھا سندس پيارن فقيرن لاءِ ھڪ وڏو صدمو ھئي جنھن کي ڪي فقير برداشت ڪري نہ سگھيا ۽ انھيءَ غم ۾ گذاري ويا. ان وقت جي ٻن عالمن بزرگن، قاضي ابراھيم ھالائي ۽ محمد پناھ 'رَجا' نقشبندي ٺٽوي، جيڪي ٻئي شاھ صاحب جا معتقد ھئا، تن سندس وفات تي ھينيان 'تاريخي قطعا' چيا جيڪي ان غمناڪ ۽ جانگداز واقعي جا يادگار آھن:

- قاضي ابراھيم ھالائي ھينئين قطعي ۾ "رضوان حق" جي لفظن مان وفات جو سال ڪڍيو:

شاھ صاحب ذوالمناقب سيد عبداللطيف
آن کہ قطبِ وقت خود بودست در مردان حق
چون زِ جام ارجعي مخمور نوشِ وصل شد
گفت مُلھم غيب ربي رحلتش "رضوان حق"
١١٦٥

- محمد پناھ 'رَجا' سندس ھينئين ٻن شعرن جي پوئين سٽ مان رحلت جو سال ڪڍيو:

زد نعره در فراق دگر کرد سينه چاک
"شد محو در مراقبه جسمِ لطيف پاک"
= ١١٦٥
گفت اين "رَجا" مريد سنِ ارتحال پير
"گرديد محو عشق وجودِ لطيف مير"
١١٦٥

مٿيون بيان شاھ صاحب جي زميني زندگي جو ھڪ مختصر خاڪو آھي، جيڪو ڪن معتبر تحريري حوالن ۽ پروسي جھڙين روايتن ۽ تصديقي ثاٽن مان اجاگر ٿئي ٿو(٣). مگر انھن جملي اھڃاڻن کان وڌيڪ پڌرا ڪي ٻيا آثار آھن جيڪي شاھ صاحب جي سوانح حيات کي روشن ڪن ٿا. اھڙن آثارن مان 'ڀٽ' تي سندس مزار سندس خاڪي جسم جي امانت گاھ آھي؛ بلڙيءَ ۾ ميين شاھ ڪريم جو قبو ۽ جامع مسجد، ۽ ڀٽ تي شاھ حبيب جو قبو ۽ جامع مسجد سندس جوڙايل عمارتن جا يادگار آھن. 'لال لئو'، 'ڪندو' ۽ ڪي ٻيا ماڳ مڪان پڻ سندس زندگيءَ جي ماضي وارن مرحلن جا نشان آھن. پر حقيقت ۾ 'شاھ جو رسالو' ۽ 'شاھ جو راڳ' ئي حضرت شاھ صاحب جي سوانح جا جٽرا جاڳندا باب آھن. رسالي ۾ محفوظ سندس پنھنجو ڪلام، حضرت شاھ صاحب جي اعليٰ شاعري ۽ عارفانہ بصيرت تي شاھد آھي.

(١) لطائف لطيفي، ص- ١٢٠.

(٢) ايضاً، ص- ١٧١.

(٣) ڪن ثاٽن اھڃاڻن جي وڌيڪ تحقيق اڃان باقي آھي. في الحال 'رسالي' جي مقدمي طور ايتري قدر ھيءُ مختصر خاڪو مرتب ڪيو ويو آھي. ١٤- صفر ١١٦٥ھ وفات واري تاريخ ٢ جنوري ١٧٥٢ع جي برابر بيھي ٿي.

Marfat.com

ساڳئي وقت اهو سنڌي ٻوليءَ جو دائمي دستاويز آهي. اهو چڻ الهامي ڪلام آهي جيڪو شاهه صاحب جي عالمگير فڪر جو مظهر آهي، اسلامي تعليم ۽ تلقين جو روح آهي، زندگي جي مختلف مرحلن ۽ موڙن تي انسان جي فطري جذبن ۽ احساسن جو عڪس آهي، ۽ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو آئينو آهي. ٻئي طرف 'شاهه جو راڳ' سنڌي موسيقي جو هڪ اهم تاريخي ادارو آهي، جنهن جو شاهه صاحب پاڻ بنياد وڌو ۽ ان جي تڪميل ڪئي- اهو انهيءَ لاءِ ته درديلي ۽ مٺي آواز ۾ ڳايل سندس بيتن ۽ واين ۾ سمايل حق ۽ حقيقت، فڪر ۽ هدايت جو دلين تي خاص اثر ٿئي؛ اهڙو اثر جيڪو سالم دلين کي وڌيڪ سنواري، ڪٺيل دلين کي اُجاري، بلڪ مُين دلين کي جياري.

◈

Marfat.com

# شاھ جو رسالو

## ھڪ ئي جامع جلد ۾ رسالي جو سڄو معياري متن

—

اڳ ڇپيل ائين- نائين جلد وارا سڀ سر، ڪلياڻ کان سارنگ تائين

۽

اڳ ڇپيل ڏھين جلد وارا سڀ سر، ڪيڏاري کان بسنت تائين

۽

تمر فقير جو ڪلام، سسئي جي ٽيھ اکري ۽ فارسي ڪلام

Marfat.com

Marfat.com

# سُر ڪلياڻ

سُر ڪلياڻ نهايت ئي ڳرو ڳوڙهو سُر آهي. اعليٰ ڄاڻ ۽ معرفت حاصل ڪرڻ ۽ اعليٰ مقصد ماڻڻ لاءِ، هن سُر ۾ سمايل فڪر انسان کي شڪ ۽ شرڪ بدران يقين، آرام بدران بي آرامي، تسڪين بدران تڙپ ۽ بيتابي، رسمي ڏيکاءُ بدران سچائي، ۽ سڌن بدران سِر جي قرباني جي راهه ڏيکاري ٿو. هن سُر ۾ 'توحيد' ۽ 'رسالت' جي حوالي سان، انسان جي عقيدي جي صفائي ۽ ڪائنات جي وحدت جو راز سمجهايل آهي. اعليٰ ڄاڻ ۽ معرفت واري مقام تي پهچڻ خاطر، حقيقت جي تلاش ڪندڙ کي ترغيب ڏنل آهي تہ هو ٻيائيءَ کي ٻوڙي، خوديءَ کي ڪائي، هئڻ ۽ هستي واري ڪُلاهه ڪاٽي؛ ٻاهرين لُڄَ پُڄَ بدران اندر ۾ لوچي ۽ لُڇي، ۽ 'پاڻ' کي پاڻ کان پري ڪري ائين جو ڄڻ مرڻ کان اڳ مري. هن سر ۾ عشق جي آزمايش، محبوب جي بي پرواهي، ڪاتي ۽ ڪوس، ڪوري ۽ آگ جو ذڪر آهي؛ محبوب جو ڪهڻ ۽ عاشق جي ڪسجڻ جو بيان آهي: عشق آسان ناهي پر سوريءَ جي سيج آهي. عشق جي واردات ضربن ۽ زخمن واري آهي. عشق جي آزمايش ۾ ڪاميابي لاءِ سچي عاشق کي محبوب آڏو ڪسي قربان ٿيڻ ۽ سرهو ٿي سوريءَ تي چڙهڻو آهي. اهو سڄو ماحول نهايت ڳرو ڳوڙهو آهي. سُر ڪلياڻ يقين کي محڪم ڪندڙ، قربانيءَ لاءِ جوش ۽ جذبو جاڳائيندڙ، اعليٰ منزل تي پهچڻ لاءِ ولولو وڌائيندڙ، ۽ همت ۽ حوصلو ڏيندڙ آهي. هيءَ سر خاص طرح حق ۽ حقيقت جي ڳوليندڙ کي لوڏيندڙ ۽ لرزائيندڙ آهي، سندس سک ۽ آرام وڃائيندڙ آهي، ۽ کيس اعليٰ معرفت واري مقام لاءِ اُڀاريندڙ ۽ اٿاريندڙ آهي.

## داستان پهريون

١

اوّلِ اللهُ عَلِيمُ، اعليٰ عالَمَ جو ڌڻي
قادِرُ پَنهنجيءَ قُدرَتَ سين قائِمُ آهِ قَدِيمُ
والِي واحِدُ وَحدَهُ رازِقُ رَبُّ رَحِيمُ
سو ساراهِ سچو ڌڻي، چَئِي حَمدَ حَڪِيمُ
ڪَري پاڻُ ڪَرِيمُ، جوڙِئون جوڙَ جَهانَ جِي.

٢

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، اِيءُ وِهائِجِ وِيءُ
ڪَٿِين جي هارائِيين، هَنڌُ تُنهِنجو هِيءُ
پاٽان چوندءِ پِيءُ، پَري جامُ جَنَّتَ جو.

٣

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، هِي هيڪَڙائِيءَ حَقُ
ٻِيائِيءَ کي ٻَڪُ، جَن وِڌو سي وِرسِيا.

٤

وَحدَه لاشَرِيڪَ لَهُ، ٻُڌِءِ نہ ٻوڙا
ڪِ تو ڪَنِين نہ سُئا، گهَٽَ اَندَرِ گهوڙا
ڳاڙِيندين ڳوڙها، جِتِ شاهِدَ ٿِيندءِ سامُهان.

٥

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جان تونچَئين اِيئن
مَڄُ مُحَمَدُ ڪارِڻي، نِرتِئُون مَنجهان نِينهَن
تان تُون وِڃئو ڪِيئَن، نائِين سِرُ ٻِئَن کي.

٦

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جَڏِهن چيو جَن
تَن مَڃيو مَحمَدَ ڪارِڻي، هِيجان ساڻُ هِنيَن
تَڏِهن مَنجهان تَن، اَوَتِرِ ڪونہ اولِئو.

٧

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جَن اُتو سِين اِيمانَ
تَن مَڃيو مُحَمَدُ ڪارِڻي، قَلبَ ساڻُ لِسانَ
اُوءِ فائِقَ ۾ فرمانَ، اَوَتِرِ ڪَنهِ نہ اولِئا.

٨

اَوَتِرِ ڪَنهِ نہ اولِئا، سُتَرِ وِئا سالِمَ

د -١. اوّلِ= سڀ کان پهريائين. عليم= سدا ڄاڻندڙ. عالم= سڄو جهان. قدير= ازل کان اڳ. وحده= هو پاڻ اڪيلو. جوڙِئون= جوڙي مان. جوڙ= بناوت جهان جي. ٢. وحده لاشريڪ له= هو اڪيلو آهي ۽ سندس ڪو شريڪ ڪونهي. وهائج= خريد ڪج. ويءُ= نفعي وارو مال. ٣. ورسئا= ڇُٽيا، گمراهه ٿيا. ٤. ڪ= يا. گهٽ= اندر. ٥. ڪارڻي= ڪارڻ ڪندڙ. نرتئون= نِرت سان. ٦. هيجان= هيج مان، خوشيءَ مان. اوتڙ= خطري وارو اٽانگو ۽ ڏکيو تڙ. اولئو= ڏڪجي ويو، ٿيلهجي ويو. ٧. اُتو= چيو. فائق= ٻين کان وڌيڪ وڏي عقيدي وارا. ٨. سُتڙ= ٻيڙين جي لنگر لاءِ سولي محفوظ جاءِ، سٺائو تڙ.

Marfat.com

٧

عُقابيلَ اڪِينِ سِينِ، تِيرُ چَلايو تو
ٻِئو مَرُ ماري سو، جَنهِ جو پَهرو پُورو نہ ٿِئي.

٨

جي پائِنِ ڪانَ ڪَمانَ ۾ تہ سِينو سَپَرَ رَڪُ
مُنَهَ ۾ مَعشُوقَنِ جا، چاڪَ چَنِڪَا چِڪُ
سُورِي يانءِ مَ شَڪُ، عاشِقُ ٿِيءُ تہ اُبهين.

٩

جي پائِنِ ڪانَ ڪَمانَ ۾ تہ سِينو سِپَرَ ڏِيج
مُنَهَ ۾ مَعشُوقَنِ جا، جهالُو ٿِي جهَلِيج
پاهانِ پَڳَ مَ ڏِيج، عاشِقُ ٿِيءُ تہ ابهَين.

١٠

جي پائِنِ ڪانَ ڪَمانَ ۾ تہ ڏِجيئين سِينو
ڪَهج مَ ڪِينُو، مَتان دوسنِئُون دُورِ ٿِيين.

١١

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مُون
مُون ۾ آهِين تُون، مَتان تُنهِنجو ئِي توڪِي لَڳي.

١٢

لورِي جِتِ لَڳومِ، اُتي اُيو آهِيان
سُورهُ پِرِين سَندومِ، مَنَ ٻاجهائي ٻِئو هَٽي.

١٣

ڪانارِئا ڪُٽڪَنِ، جَنِي لوهَ لِڳَنِ ۾
پاٽِهين ٻَڌِنِ ٻَنِيُون، پاٽِهين ڏَڪَ ڏُئَنِ
ويڄَنِ وِرچِي چِڏِئا، اَڄُ ڪَ ڪالهہ مَرَنِ
ڪِنه ڪي ڪِينِ چَوَنِ، دَردُ اسان جِي دِلِ ۾.

١٤

چوري چَنگُ، ٻَنگُ لِهي، حَبِيبَنِ هَنيوسِ
ٻُجهان ٻاڻُ لَڳوسِ، ڪانارِئو ڪَرُ ڪَٽي.

١٥

سَرُ جو سَجِئو سَجَٽِين، يَرُ پِيڏيءَ ڏيئِي
ڪانَ ڪَرنگهَرُ ڪَپِئو، پَڳَنِ سِرِ پيهِي
جيرا جِگَر، ٻُڪِيُون، پاساڙا ٻيئِي
ويڄَنِئُون ويئِي، ٿِي وَهِيٽِي سَجَٽِين.

١٦

سَرُ جو سَجِئو سَجَٽِين، ٻَنگان يَرِي ٻاڻُ
وِئو وُجودان نِڪرِي، ڪَڙِ ڪَڙِ ڪَرِي ڪانُ
ٿِئا جي نِيشانُ، سي پهرِئين سِين پُورا ٿِئا.

١٧

سَرُ جو سَجِئو سجَٽِين، ٻنگان ٻاڻُ يَري
وِئو وجُودان نِڪِري، ڪَڙَ ڪَڙَ ڪانُ ڪَرِي
پُڄو پيرَ يَري، تَہ ڪِين نَرِئو هَٽُ حَبِيبَ جو.

١٨

سَرُ جو سَجِئو سجَٽِين، سِيگَ مَنجهان سِيلو
ٽِينگَرُ ٽِڪئو ڪِينڪِين، پارِ لَنگهئو پِيلو
هَٽڻُ سِين حِيلو، جانِبَ جيڏو ئِي ڪِئو!

١٩

سَرُ جو سَجِئو سَجَٽِين، ٽَنهِ لورِيءَ لوهُ ٻِئو
وِئو وُجُودان نِڪِري، ڪَڙڪو ڪانَ ڪِئو
مَنجهان مُون وِئو، گهائِيندو گهَٽِنِ ڪي.

٢٠

سَرُ جو سَجِئو سَجَٽِين، ٻيهَرَ ٻانُ يَري
اَچِي چَمَڪِئو چوهہَ مان، ڪَڙِ ڪَڙِ ڪانُ ڪَري
جيرا جِگَرَ ٻُڪِيُون، لَنگهي ٻِئو پَرِي
لَڳو جِيءَ جَري، تاٽِيان تِيرُ نَہ نِڪَري.

---

٨. اُبهين= مَرڪين، مانائتو ٿئين. ٩. جهالُو= اهو جيڪو ٻن وڙهندڙن جي وچ ۾ پئي، (جهالو جي حيثيت ۾) پنهنجي منهن ۾ پڻ زخم ۽ گهاءُ جهلي. پاهان= پوئتي. پاهان پڳ مَ ڏيج= پوئتي پير نہ ڪڍج. ١٠. ڏِجيئين= تون ضرور ڏجان. ڪهج= ڇڏج. ڪينو= 'ڪين'، انڪار. ١٢. لوري= 'لورن' ڪاريگرن جو ٺاهيل تکي لوهي نوڪ وارو تير. جت= جنهن جاءِ تي. ١٣. ڪانارئا= ڪانَ لڳل. ڪٽڪن= ڪُٽڪَ ڪن. جني= جن کي لوهہ يا رڪ جي وارن تيرن چوٽين جا اونها زخم. ١٤. چوري چنگ= ڪمان کي ڇڪي. ٻنگ= ونگ، گولائون گهيرو. ٻنگ لهي= تير جو گوشو هٿ ڪري، ڇڪي ٻُجهان= ڄاڻان تہ. ڪانارئو= اهو عاشق ڪان لڳڻ سان. ڪر ڪٽي= مٿي اُڀڙي، مٿي اُٿلي. ١٥. سَرُ= تير. سجٽڻ= ڏڪ الارڻ، نشان ڪرڻ. پر پيڏي ڏيئي= چِپني جو پر ڏيئي. زورائتو جهلو ڏيئي. پاساڙا= جسم جي ٻنهي طرفن. ١٦. سجئو= سڌو چِتائي هنيو. ٻنگان يري= چڙهيل ڪمانان پري. ١٨. سِيگ= ڪمان. سلهہ ڪري هٽڻ= سڌو جهنيارو ڪري هٽڻ. ٽينگر= ٽِرنگرُ، ٽن نوڪن وارو تير. حيلو= هنرمندي، ڪاريگري. ٢٠. چمڪئو= چمڪو ڪري اچي لڳو.

Marfat.com

۱۲

وَڏَپَڻَ ۽ واءُ، ڳَرَهي ڪاڏو ڪوڙِئو
ڪوءِ ٻَن ٻَلاڻِئاءُ، اولاڻِئو نہ اُتِيي.

۱۳

ٿَرَ ڏُونگَرَ (ٻَرَ) روهہَ، مَيي سَبِ مَناڙِيَا
هاڻي اڱڻُ اَسِي ڪوهہَ، آهي اَنَ جَماجَ ڪي.

## وائي-۱

آءٌ جِيَندِي ڪِيئَن، يا اللهَ!
مون مسافِرَ سُپِرِين
مُونکي ڇَڏي هَلِئا، هاڻي ڳَريان ڪِيئَن.

## وائي-۲

توڻي ٿَڙين تون،
تو ڌَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان
مونکي توءِ مشاهِدو، توڙي مُنهُ نہ ڏِيين مون
مون ٻِئا ڌَرَ ڳهَٽيئِي نِهارَئا، آهِيين ٿُون هِي ٿُون.

❖

---

۱۲. واءُ= واءُ جو مرض. ڪاڏو ڪوڙئو= ڳچي هيٺ ٻاري ۽ ٻوٽ زمين تي ڪوڙيو. ڪوءِ، ٻن= ڪڏ پوي. اولاڻئو نہ اٿيي= ٻنان پلاڻ جي بہ نہ اٿي سگهي. ۱۳. مناڙيا= پيرن هيٺ لتاڙيا. اڱڻ اسي ڪوهہ= گهر جو اڱڻ بہ ان لاءِ اسي ڪوهہ آهي. جماج (عربي. جَمازُ)= تکو هلندڙ اُٺ. وائي-۲. مون کي توءِ مشاهدو= مون لاءِ تہ بہ ديدار آهي (جڏهن تون مون کان منهن موڙين ٿو).

Marfat.com

حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو.

٧

پرُوسِ ٿِئُن پرياڻ، پرين وَسِ نه پانهنجي
لِڳو ڪِينَ لَطِيفُ چئي چِپَرُ چاتِيءَ ساڻ
پرين ڏيکاري پاڻ، خُوش ڪري وِيا خواب ۾.

٨

ڪي اوڏائِي ڏُورُ، ڪي ڏُورُ ئي اوڏا سُپرين
ڪي نه سَنيَرِجَن ڪَڏهين، ڪي نه وِسرَنِ مُورُ
مينهن ڪُنڊِيءَ جيئُن پُورُ، تِيئَن دوست وَراڪو دِلِ سِين.

٩

ماڻهو گهُرَنِ مالُ، آءٌ سَبَ ڏِينهَ گهُران سُپرين
دُنيا ڏنهن دوست تان فدا ڪريان في الحالُ
ڪِيَسِ نامَ نِهالُ، پَسَڻُ تان پري ٿِئو.

١٠

هيرائي هَٽِ ڪِئو هنيڙو حَبِيبَن
ٻَڌي ڪَچِيءَ تَندُ ۾ سَلهاڙِئو سيڻَن
جُهَ وِڏا پيچَ پرينِ، ته هِينئڙو هَٽِيڪو ٿِئو.

١١

ڪَڏهن طاقِيو ڏِين، ڪَڏهِن کُلن دَر دوستَنِ جا
ڪَڏهَنِ اچان اچڻُ نه لَهان، ڪَڏهن کوڙِئو نينِ
ڪَڏهِن سِڪان سَڏُ ڪي، ڪَڏ ڳُجهاندَرَ ڳُرَهِينِ
اِهَڙائِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپرين.

١٢

جَڏانهه ڪَرَ جانِي، سَجَڻَ سانگِ سِڌارِئا
راتِيان راحَتَ ناهِ ڪا، ڏِينهان حيرانِي
آئُون پَنهنجي پِرينءَ تان ڪوڙين قُربانِي
رَضا رَبانِي، نا ته ڪَريان وَسُ وِصالَ ڪي.

١٣

جَڏانهه ڪَرَ تِيامِ، ساجاءِ سُپِيرينِ سِين
تَڏانهه ڪَرَ تَرَ جيتِرو ويلَ نه وِسِريامِ
اَندرِ رُوحَ رَهِيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون ڪَري.

١٤

اَڄُ پُڻ اَنگِئَمِ اَنگَ، هَٿان حَبِيبَن جي
ساجَنَ رِءَ سَرتِيُون رُوحَ نه رُڃَنِ رَنگَ
جانِي آيو جُوءِ ۾ مَنجهان نِيهه نِسَنگَ
جا پَرِ ساٽِيءَ سَنگَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

١٥

اَڄُ پُڻ جُڙيَمِ جوڙَ، دوستُ پيهِي دَرِ آئِيو
سُکَنِ وَني ڏُکَنِ ڪي مَحڪَمُ ڏِنِي موڙَ
جا پَرِ ڪَتِريءَ ڪوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

---

قرينو= محبوب سان ويجهائي واري نسبت. ٧. پرياڻ= پهه، رٿ، صلاح. ٨. پُور= ڪنڊي مينهن جي سڱ جو صفا ڳول ونگ. ٩. نهال= خوش، ٺڙيل. ١٠. سلهاڙيو= پاڻ سان ڳڏ ٻڌو. ١١. طاقيو ڏين= طاق ڀچائي در ڏيئي ڇڏين، در صفا ٻوري ڇڏين. ڳجهاندر ڳرهين= مون سان ڳجهو ويهي ڳالهين. ١٢. سانگ سِڌارئا= سانگ تي ويا، پري هليا ويا (سانوڻ جي مينهن ۾، مال وارا ماڻهو پنهنجو مقرر ماڳ ڇڏي، جتي گاهه ٿيو هوندو اتي وڃي مال سانگي ويهندا). ١٣. ساجاءِ= ادب ۽ محبت واري ڏيٺ، سڃاڻپ. ١٤. انگئم انگ= منهنجا انگ انگجي ويا، منهنجو جان جسم سندن نظر ۽ رک هيٺ اچي ويو. (اڳ جون راهون، ڌنيون، يا ٻيو ڪو مال انگي ڇڏيندا، ان تي اکر يا نشان ڪڍي پنهنجي رک ۽ حفاظت هيٺ آڻي ڇڏيندا، جئن ٻيو ڪو ان کي هٿ لائي، چوري ڦوري، ڪٺي نه سگهي). جا پر ساٽيءَ سنگ= ساٽي جيڪا ريت سنگ سان ٿو ڪري (سارين، ڪڻڪ وغيره جو ساٽو ڪندا، موڙيون ٺاهي. سنگن واري چوٽي تختي تي سٽيندا، جنهن سان سنگ سڃي ختم ٿي ويندا، انهن مان داڻا ڇڻي جدا ٿي ويندا). ١٥. جڙيم جوڙ= منهنجي سڀ سَولي ٿي، منهنجي اميد پوري ٿي. محڪم= مضبوط. موڙ= مروٽ. جا پر ڪتريءَ ڪوڙ= جيڪا پر ڪتري، جي ڪوڙ ڏيڻ جي (اِستري) جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ، ڪپڙي ڌوئڻ بعد ڪتري ان کي تهه ڪندو هو ۽ هر تهه تي مٿان مگرو يا مهرو هڻندو هو ته سَر نڪري سڌا ٿين. پڻ گهڻن ڪپڙن جو سٿو ڪري مٿان مُگرا هڻندو هو).

Marfat.com

١٦

ڏاتَرَ مون ڏيکارئو هوتَنِ جو حُضُورُ
پرين پَرچَڻَ جو ڪِئو موتائي مذڪُورُ
اِيءُ دوستَنِ جو دَستُورُ، چِئَن چنان چِنَنِ ڪِينڪِين.

١٧

شُڪُرُ گَڏئاسُون سَڄڻين، جي جانِبَ جانِي يارَ
ويني جَنِي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِئا قرار
ڏٺي ڪِجُ مَ ڏارَ، پاڙو ٿَنِ پِرينِ ڪان.

١٨

جِيري جاڳاٽي، شُڪرُ گَڏِياسُون سُپرِين
لاٿو ڪَس قُلوبَ تان اَچِي ساجَنَ سياٽي
هِنيڙي ڪي هاٽي، عَجِيبَنِ اُجارِيو.

## وائي

مَولو ڪندو ماڙ،
مُنهنجِي اَللهُ ڪَندو ماڙ
هادِي ڏِيئِي هَٿڙا اَچِي چِڪَڻُ مان چاڙ.

❖

١٦. مذڪور= ذڪر. چنان= آءٌ دوستي چنان. چنن ڪينڪي= تہ بہ پاڻ محبوب دوستي نہ چنن. ١٧. قرار= آرام، راحتون.
١٨. جيري جاڳاٽي= جيئري جاڳندي، جڏهن حال حيات آهيون تڏهن.

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

١٢

صُلحُ ڪَرِ سُلطانَ سين ڪَڏي گهَل گهَرا
تہ تُون تِنهِ دَرا، ڏِيهاڙِي ڏانَ لَهِين.

١٣

اَصغر ڏي آهِين گهڻا، تُون اَڪبَر ڏي آءُ
مَتان لوڙو لاهِيين مَجُوسيءَ متاءُ
حَيدرَ جي هَٿاءُ، وِڙُھ تہ ويرِي مارِيين.

١٤

مَارِ مَ مُطِيعَلِ ڪي، مَجُوسيءَ ڪي مارِ
وَڏِي جَنگِ مَ وِسارِ، ننڍِيان نَفعو ناہ ڪو.

١٥

ننڍيان نَفعو ناهِ ڪو، مَ وَڏِي وساري
مَجُوسِي ماري، اَڪبَرَ ڏي اَچِيج تُون.

## وائي

ڍِڪَ ڍِڪِيندو، مُون نہ ڇَڏِيندو
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين
اَندا اُوندا آڪُڙِئا، سَڀ نِباهِي نِيندو
وَٿان ويچارَنِ جي، داڙُو تِي دَڙِيندو
جي ڏوهارِينِ ڏاڪُڙا، لَڪَ سِي لنگهائِيندو
نُور ناڪارُونَ نہ ڪَري، مُحَمدُ مِنَتَ مَڃِيندو
هِت پُڻِ حامِي هِنَ جو، اَڳِئان آڏَرَ ڏِيندو
طَهُورا تَڙِئنِ ڪي پاندَپُ پِيارِيندو
پاڻُ سُجاڙِي پاڙِهين ڪامِلُ ڪَرَمُ ڪَرِيندو
طَنبُو آڏِي تارَ ۾ عاصِينِ وَٽِ اَڏِيندو
داتا دوزِخِينِ ڪي لِينگهو لَهرائِيندو
رَسَڻَ ويرَ رَسِي ڪَري مُشڪَ رَنگُ مَتِيندو
رَحمَةُ لِلعالَمِين اهُڪيءَ آگهُ ٽِيندو
اُتي عبداللطيفُ ڪي هادِي هَٿُ جهَلِيندو.

◈

١٢. سلطان= سيني ۾ وڏيڪ طاقتور ۽ وڏو حاڪم، جنهن جو ٻين سيني حاڪمن مٿان حڪم هلي (معنوي لحاظ سان ڪُل جو قادر، هڪ الله). گهَلِ= گهوڙن جي گهل= گهوڙن واري وڙهندڙ فوج. ڏان= بخششون. لهين= حاصل ڪرين. ١٣. اصغر= ننڍو (گناه). اڪبر= وڏو (گناه). لوڙو= حملو، جهيڙو. مجوسي= نفس امّاره. حيدر= حضرت علي سائين جو لقب. ١٤. مُطِيعل= ننڍڙو مطيع، مجايل ۽ گهٽو هيٺو، تنهن ڪي. وڏي جنگ= جيڪا نفس سان ڪجي. ننڍيان نفعو ناه ڪو= ننڍين جنگين مان ڪو فائدو ڪونهي (’نفس‘ سان جنگ جي مقابلي ۾ ٻيون جنگيون ننڍيون آهن). ١٥. ننڍيان= ننڍيءَ کان، ننڍي جنگ کان، ٻاهرئين دشمن واري جنگ کان. وڏي= وڏي جنگ، پنهنجي اندر واري دشمن سان جنگ، ’نفس امّاره‘ سان جنگ. مجوسي ماري= پر مجوسيءَ کي ماري. مجوسي= نفس امّاره. وائي. ڍڪ ڍڪيندو= منهنجا عيب ۽ گناه ڍڪيندو. آڪڙئا= ٿاٻن ۾ آيل. داڙو= سفارش ڪندڙ. دڙيندو= پرجهلو ٿيندو. ڏوهارين لاءِ ڏاڪڙا= گنهگارن لاءِ ڏاڪيا. لَڪ لانگها. ناڪارون= انڪار. طهورا= پاڪ پيالا. پاندپ= سردار. لينگهو= گناه جو داغ.

Marfat.com

ڪِ تو ڪَنين نہ سُئو، شَھبازَ جو سَنڪو.

وائي-٢

جي مان چارائِين، جيڪَرَ جيڏيون وو
ڪَرَهَ سَندانِ چارِيان
جي مان چارائِين وي ميان، تان مُئِي چِيارِين
پيرين آءٌ نہ پُڄَڻِي، ڪَرَهَلَ هُوءِ نہ جهَلِين
ڳُجهِي آءٌ نہ وَڃڻِي، پَڌَرِ پِرِينِ نہ نِين.

وائي-٣

هوٿ بلوچَ جي آهِيان
پَلو جيڏيون! آءٌ جا بلوچَ جي آهِيان
ڪَنِيزَڪَ ڪيچِينِ جي، ناٿَرِ نامُ سَڏائِيان
پيزارَ پُنهونءَ ڄامَ جي، اڪِينِ ساڻُ اُنائِيان.

◈

---

ڪنين نہ سئو= ڪنن سان نہ ٻڌو. شهباز= وڏو طاقتور مارينڌ پکي. سنڪو= زوردار سٽ ۽ ڌڪ. وائي -٢. جي مان چارائين= جيڪڏهن مون کان چارائين، مون کي چارڻ لاءِ ڏين. ڪره= اٺ. ڪرهل= ڪرها، اٺ. پڌر= ظاهر ظهور. وائي-٣. ڪنيزڪ= ٻانهي. ناتر نام= ناتر جي نالي سان (جئن ناتر ٻانهي هُئي مومل جي). پيزار= جُتي. اُنائيان= ڪڍان.

٦

وَڏي سَگهہَ سَندياءِ، پاڄهُنِ پَريو آهِيين

مُون تان مِهرِ مَ لاهِ، آئُون تُنهنجِي آهِيَان.

٧

مِرُوَن كِينَ وَلَنِ، پَكِي كَنِ نہ پورهئو

جان تُون ڏِيندڙُ ٿَنِ، تان آسَ اَسانهين نہ لهي.

٨

مُسَن مُنهَ سَنرا، كَريا گهَٽو كِلَن

سي تان وِسرِيَن، آيا جَنِ كَمَن لَئي.

٩

اَڏئو اَڏيندين كيٽرو، كَلَرَ كاڏِي پٽِ

تُون نہ هُوندين هِتِ، كَهِگَلَ كَريين كَن كي.

١٠

ڏِگهي اَڏِ مَ مَنهين، پَكو اَڏِ مَ لانڍَ

لَڏئو ٿَنِ وِرانڍَ، جَنِ صَبَاحَٽِي اَڏِيو.

١١

كَڏِهن مَڙهہُ مُقامَ ۾، كَڏهن ڳاڙهو گهوٽ

سَندو واريءِ كوٽ، اَڏئو اَڏيندين كيٽرو.

١٢

ويئي 'كالهہ' هَتا، سا 'كالهہ' نہ اِيندي كَڏهين

كالهُوٽِيءَ كالها، پئو وِڃُ وَرهَن كي.

١٣

صاحِبَ تُنهنجي صاحِبِي عَجَبَ جِهڙي آهِ

وَڏي سَگهہ سَندياءِ، پاڻَ وَهِيٽُو آهِيين.

١٤

صاحِبَ تُنهنجِي صاحِبِي عَجَبُ ڏِني سُون

پَنَ بوڙِين پاتارَ ۾ پَهڻَ تارين تُون

جي گهَرِ اَچين مُون، تہ ميريائي مانُ لهان.

١٥

جِتي تِيندا پَڌِرا وَعدا ۽ وَعِيدَ

سُتِّجُ سَدَّ سَعِيدَ، لِلّٰهِ لَڳِ لَطِيفُ چَئي.

١٦

سُتَا اُتِي جاڳُ، نِنڊَر نہ كِجي ايتَري

سُلطانِي سُهاڳُ، نِنڊُرون كَندي نہ تِيي.

٧. مرون= جانور. وَلَڻِ= زمين گڏڻ، كيڙڻ، كاهڻ. كين ولن= زمين كين كاهين، پنهنجي گذران لاءِ كا پوک كانہ پوكين. اسانهين= اسان كي بہ. ٨. مُسَن= مُئَن، مشكلات ۾ ڦاٿلن ، حيران پريشان ٿيلن. منه سنرا= جن جا منه سنرا آهن، جيكي بي فكرا ٿي پنهنجا منهن ملوک كيو پيا هلن. كريا گهٽو كلن= اهي كريل جن كي گهٽي كل آهي (سي بہ مُسَن). ٩. اڏئو اڏيندين كيٽرو= كيترو پيو اڏيو اڏيندين، وري وري اڏيندين. كلر كاڏي= كلر جي كاڏل. كهگل= گاري سان لنب چنبي، نئين سر مرمت. ١٠. منهين= مَنهُن. لانڍ = وڏي لانڍ وارو. ورانڍ= وچينءَ جو، پوئين پهر شام جو. صَبَاحَٽِي= صبح وقت، صبح جو. ١١. مڙهہ= مردو، مئل بت. اڏئو اڏيندين= كيترو اڏيندين. ١٢. كالهہ= كالهوكي وير، كالهوكي مهل. كالهوٽيءَ كالها= 'كالهہ' واري 'كالهہ' كان وٺي، كالهوٽي ڏينهن كان وٺي. پئو وڃ= وٿي پئي، فرق پيو. (هي بيت چئن معتبر قلمي رسالن ۾ ڏنل آهي جن سڀني جي صورتخطي مان 'كالهہ' ۽ كالهوٽي كالها' لفظ جو گمان ٿئي ٿو، ۽ متن ۾ پڻ اهي لفظ ائين ئي ركيا ويا آهن. پر عام رائج معياري سنڌي ٻوليءَ ۾ "ويئي كالهہ هتان" كونہ چئبو آهي، پر چئبو آهي "ويئي ڳالهہ هتان". انهي ڄاڻ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ اصل بيت شايد هن طرح هجي:

ويئي ڳالهہ هتا، سا ڳالهہ نہ ايندي كڏهين

ڳالهوٽي ڳالها، پئو وڃ ورهين كي.

اُن 'ڳالهہ' ۽ 'ڳالهوٽي ڳالها' كي پهرين كاتبن 'كال' ۽ 'كالوني كالا' كري لكيو جن كي پوءِ 'كال ۽ كالوني كالا' كري پڙهيو ۽ لكيو ويو. ١٣. صاحب= اي، مالک سڀني جهان جا، اي مولي. پاڻ وَهيٽو= پاڻ پنهنجي ذاتي طاقت وارو، پاڻ پنهنجي قدرت سان قائم ۽ موجود. ١٤. عجب= وڏي عجب واري، وڏي حيرت ۾ وجهندڙ. پاتار ۾= هيٺ اونهين پاتيءَ ۾. ميريائي= گنهگار. مان لهان= مانائتي ٿيان. ١٥. وعدا= كيل انجام، كيل ٻول. وعيد= واعدا. سعيد= اي سعيد، اي سعادت وارا، سعادت بخشيندڙ، اي پيارا رسول. ١٦. ستا= اي ستل! سلطاني سُهاڳ= بادشاهي بخت.

Marfat.com

٢٤

مَ لَئُ ڪُونجِي ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هنِيين چاڪَ
ڦَٽيُون جي فِراقَ، سي گهَرِ گهارِينديُون ڪيترو.

وائي

مُنهِنجي ننڊَ نہ نيٺَنِ نيٺَنِ وو!

ڪالهُون پوءِ لَڳَنَ مِ

ڪالهُوٺِٿان اڄُ گهَٽِي ڪَر جهورڙي ڪيٺَنِ ڪيٺَنِ
هُوءِ نہ نِينمِ پاڻَ سِين، آءٌ جا وِينڌَڙي سيٺَنِ سيٺَنِ
پيون سَڀِ واڳيُون وَرَنِ سِين، آءٌ جا واڳِڙي ويٺَنِ ويٺَنِ
هنِيَڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جِيئَن، روئِي رَتُڙمِ ڪيٺَنِ ڪيٺَنِ

◈

---

وائي. ڪالهون پوءِ= ڪالهہ ڪان پوءِ. جهورڙي= ڏک ۽ زاري. ڪيٺن= انهن (جتن) ڪاڻ. سيٺن= ساٿن. واڳيون= گڏوگڏ. آءٌ جا واڳڙي= آءٌ جا واڳيل آهيان، سلهاڙيل آهيان. ويٺن= ١. پياري پنهون جي پيار پرين پولن سان، ٢. لوڪ جي طعنن سان. ڪيٺن= ڪيٿان= سندن واسطي.

Marfat.com

٢١

مَتان مُٺي ڇَڏِئين پاڻان پرِيَتَڙُو
ڪَٿُورِيءَ ڪُٺو، مَڙهي مَڙِهج مُنهَن ۾.

## وائي

غَفِلَتَ يارُ گنوايو، ٻَڙِي جيڏيُون!

ڪِيئَن ڪريان آئُون ڪوهُ ٿِئو
سُتِيَسِ تان ساٿُ ويو، اُٿِيَسِ تان ڏُک آيو
پُچان ٿِي پُنهونءَ کي عَبَثُ تان اَنُ کايو
هوتَ هَلَندي جا ڪَئِي، سا مُون ڳالهِ سُڻايو.

## داستان چوٿون

١

هيجُ نہ هُوندو جَن، سي ڪِيئَن وِندُرِ ويندِيُون
وِهو وِچِ رَهَن، سَهسِين سَڏَنِ وارِيُون.

٢

سَڏائِتِي سَيَڪا، بُکَ نہ باسي ڪا
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جي، جُنبِشَ ڪانهي جا
مُون سِين هَلِي سا، جا جِيءُ مِنو نہ ڪَري.

٣

آتَڻَ مَنجهہ پَرِياڻُ، هُئو سَيِني جيڏِيين
مُون سَياڳِيءَ ساڻُ، ڪيرِ ڇُلندِي ڇَپَرِين.

٤

سُڱَنِ واري سَڏ، مَتان ڪا مُنڌ ڪَري
اَندَر جَنِي اَڏَ، ڏُونگَرُ سي ڏورِينديون.

٥

ڏُونگَرُ نہ ڏورِي، سِڪَڻَ جيُون سَڏُون ڪري
گَهَرِ وينِي گهورِي، مَتان پرِينِ ڇِندَڙو.

٦

اِئِين وَريتيُون وَرو، آءٌ نہ وَرَندِي وَرَ ري
جاڏي هِنِ جَبَلَ جو تانگهِينديِس ٿَرو
جَتَن ساڻُ ڏَرو، نِيهُ نِبيرَڻُ نہ ٿِئي.

٧

اِئِين جي وَجڻُ وارِيُون، وَجو سَڀِ وَرِي
قُوڙائي فِراق جي سُڄي ڳالهہ ڳَري
ٻُنيان جَن ٻَرِي، ڏُونگَرُ سي ڏورِينديُون.

٨

اِئِين جي وَرَنِ وارِيُون سَرَتِيُون سَڏِڙِيُون
آرياڻِي پُنهونءَ جي ٻولِ نہ ٻَدِڙِيُون
جي لِکئي لَڌِڙِيُون، ڏُونگَر سي ڏورِينديُون.

٩

ڏُکائِيندِي ڏُونهَڙا، مُنڌَ سيٽانِي وَڃُ
پَرِياڻُو مَ پَڃُ، ساٿُ چَڙهندو لَڪِيين.

١٠

اَڄُ مَلِيندِيَسِ ماءُ، ڏاڄا ڪَنديَسِ ڪَپَڙا
جِيجان جوڳِياڻي ٿِيان، آيَلِ جهَلَ مَ پاءِ
هوتَ ڪوهياري لاءِ، ڪَنين ڪُنَرَ پائِيان.

٢١. پريتڙو= قرب، نيه، عشق. ڪٿوريءَ ڪٺو= ڪٿوري جو ڪٺو. مڙهي= پڪيءَ طرح ڳنڍي ٽوپي. وائي. جيڏيون منهنجي غفلت جي ڪري پنهون مون کان ويو (ڏير ڪٽي ويا). سُتيس تہ ساٿ هليو ويو. هاڻي ڪاٺ پيئڻ کي ڇڏي رڳو پنهون جي پڇا پئي ڪريان. هوت پنهون وڃڻ وقت جيڪي چيو سو اوهين مون کي ٻڌايو. د-٤: ١. هيج= وڏي خوشيءَ وارو جذبو. ٢. سڏائتي= سڏون ڪندڙ. بُک= توڻ جي تنگي، فاقهو. بکُ= جان جي قرباني. جُنبڻ= پنڌ ۾ محو ٿيڻ، پنڌ ۾ لڳي وڃڻ. جنبش ڪانهي. جاءِ= جنبڻ جي جاءِ ڪانهي، پنڌ ۾ وڏي شوق سان محو ٿي هلڻ جي جاءِ ڪانهي. جيءِ مڻو نہ ڪري= پنهنجي جان پياري نہ ڪري. ٣. پرياڻ= چوٻول، چوپچو، پهہ پچار (اَڄ پرياڻ ڪيوسين تہ فلاڻي پاسي هلنداسين. يعني صلاح مصلحت، پهہ پچار). ٦. ائين= اوهين. نيه نبيرڻ= محبت پوري ڪري ڇڏڻ، محبت ڇني ڇڏڻ. ٧. ورڻ واريون= جن کي پوئتي وڃڻو آهي. قوڙائي= وچوڙي. ٻُنيان= ٻُنيي کان، گهرَ جي در کان، اندران گهران، پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي اندر مان. ٨. ٻول نہ ٻڌڙيون= ٻول ۾ ٻڌل نہ آهيو. جي لکئي لڌڙيون= جن جي لکئي ۾ لکيل آهي، قسمت ۾ لکيل آهي. ٩. ڏکائيندي ڏونهڙا= ويهندي منزلون ڪندي. سيٽاني= ساٿن ٿي ڳڏ. پرياڻو= ملڻ جي موقعي وارو قول، ڳڏجي ملڻ جي موقعي وارو ٻول، ملڻ جو موقعو. ١٠. ڏاڄا= سرخ، ۾ صحيح. داسا= ڳيڙو. ڪنين ڪُنر پائيان= جوڳياڻي ٿيان، فقير ٿي ڳولا ۾ ڦران. ڪُنر= ڪاٺ جو والو.

Marfat.com

١١

مُنڌَ نہ منجهان ٿِنِ، پَسِي لَکَ لُڏَنِ جي
جا پَرِ ڪاهوڙِيَنِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.

١٢

سَسُئِيءَ کي سَڌُ ٿِئو، آسان اولاٿو
پَنڌُ نہ پِجاٿو، اَڄُ ڪوٺِي ڪانہ گهڙِي.

١٣

پَسو پَرائِنِ، سُورَنِ آڏِي سَسُئِي
پَرايا پَنهنجَنِ، وِجهَنِ ويچاريءَ تي.

## وائي-١

دَردَ مُنهِنجي جا دارُون،
موٽُ سَڄاڄها سُپرين!
مُون لڳِيُون، مُون وِسَهو، مَحبت سَنديُون مارُون
مائِٽِيئان مون سين گهٽا، ڪُسَنَ ڪِئا ڪارُون
سُڱَنِ مُون سين ڪِين ڪِئو، سُورَنِ لَڏِيَمِ سارُون
جَرِيُون آهن جِيءَ ۾، تُنهنجِيُون پِي پَچارُون
چُرَنِ چُٽڪَن چِتَ ۾، جِئَن سي گهَنڊِيءَ لارُون
پَسان شالَ پَرِ ڪَنهين جانِبَ جون جهَلَڪارُون.

## وائي-٢

ڳالهيُون هوتَ ٻاروچي ساڻُ، وو!
مُنهنجي جِيءَ جُون جيڏِيُون
ڇَلِي پيئِيسِ ڇَپَرِين، سَڱَ تُنهِنجي ساڻُ
چَڙهِي ڏاڍِين ڏُونگرين، پُرزا ڪَندِيَسِ پاڻُ
رُلِي ڇَلِي ڇَپَرِين جامَ وِڃايُمِ جاڻُ
هَٿان هَڏِ نہ ڇَڏِيان سَندو نِيهَ نِڏاڻُ
نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئِيءَ ڪي، پُنهون اُٺَ وَٽاڻُ.

❖

١١. منڌ= هيءَ عورت. لڏن= هٻڪن، لرزن، ڏڄن. ڪاهوڙين= ڪاهوڙين جي، سخت محنت ۽ پورهيي وارن جي. ١٢. سڌ ٿئو= سڪ جو سڌ ٿئو، پنهنجي پرينءَ پنيان هلڻ جو سڌ ٿيو. اسان اولاٿو= اسان لاءِ اهڙو ڏکيو سڌ، اوراٿو، روڄ رنڄ پجاٿو= پيءِ ماءُ وارو، مائٽرن ڏي هلڻ وارو، هيج ۽ خوشيءَ وارو. ١٣. پسو= ڏسو. پرائن سورن آڏي سسئي= ڏسو سسئي پرائن سورن کي سامهون ٿئي ٿي، انهن جو مقابلو ڪري ٿي. وجهن ويچاريءَ تي= سسئي ويچاريءَ تي وجهن. وائي-١. دارون= دوا، علاج. مون وسهو= مون تي اعتبار ڪريو. ڪُسَن= ڪ+سن= منهنجا سَنَ ۽ هر عمر جيڪي چڱا ساٿي نہ هئا، 'سَن' نہ هئا پر 'ڪُسَنَ' هئا. ڪارون= ٽورا، وَلُ، ٻالُ. ڪئا گهٽا ڪارون- گهٽا ٽورا ڪيا، وڏا وڙ ڪيا، وڏا ٻال ٻَلايا. سارون= سنڀالون. جَرِيون- جَرُ لڳل، پوتل. پچارون- ڳالهيون، يادگيريون، سنڀارون. چُرن چُٽڪن- لڏن لڳن، وڃن چُڀن. گهنڊيءَ لارون= چڙيءَ جون لارون. (چڙي جي ڪوپي اندر ہ لوهيون سنهڙيون سيخون جيڪي لڏن ۽ ڪوپي کي لڳن تہ وڄن). جهلڪارون- حسن جون تجليون. وائي- ٢. نڏاڻ- ڇيهہ، آخري حد. نسئي- جيڪا نہ سُئي، جڻ هُئي ڪانہ (سسئي پاڻ کي 'نہ سُئي' ٿي چوي. اُٺ وٽاڻ= پنهنجي اُٺ جو وٽاڻ (جتي هو مرڻ ڪان پوءِ پورجي).

Marfat.com

جنهِ گسِ پاروچا وِئا سو سرتيون تان نہ سُجهي
لَکَن مَنجهہ لُجهي، لالَڻَ لاءِ لطيفُ چئي.

١٣

پَئي اَچَن پُورَ، ويٺي پاٽان وِٽرا
گَهَٽين پَتين گهائيو گهَٽُ پِريان جي گهُورَ
سَندا سَسُئِيءَ سُورَ، جَبَلَ پَسِي جاڳِئا.

١٤

پيئي کٽي پَساهَ، ڏُکِي ڏيي وَٽ جيئن
اَڄُ کِ سَنجههَ صُباحَ، چُندا کي تہ مُنڌ مُئي.

وائي

هوتَ نہ پانيُمِ هِيئَن، ڇَڏي تون کو ڇِپَرِ وِينديِن
لُکُون لَڳَنِ کوسِيُون، ڏاڍا ٿِپَن ڏِينهن
عِشق آريءَ ڄامَ جي کِيَس نِماڻِي نينهن
جهُونگارينڊِي جهَنگَنِ ۾ پُوٽانِ راتو ڏينهن
آن جا ڇَڏي ڇِپَرِين، سا کيچِ رَسَندِي کِيئَن
وِلهيءَ هِتِ وسائِيا سندا محبت مينهن.

## داستان چوٿون

١

سَنجهي مون نہ سنيالِيو تہ اوٺِي کَندا اِيئَن
کُهِي کَمِيٺِي کِيئَن، جَڏِي راتِ جَتَن کِي.

٢

اَڳَڻَ اُهيئِي، جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾
اوطاقُون اُنَن ري سُڃيون سِيئي
اگڙيُون روئِي، ماڳِ نِهاري موٺِيُون.

٣

نہ کو کيچِ پَنيورِ، نہ کو مائِٽُ مُنڌَ جو
هورُ مِڙوئِي هِن کِي، هوتَن کونهي هورُ
زاريءَ ڏاران زورُ، هَلي کونہ حَبيبَ سِين.

٤

ڇوري نِدوري، نہ کو مائٽُ مُنڌَ جو
سَوِين هَلَن ساٿَ ۾ کَمي ۽ کوري
آءٌ پُڻ آهيان اُنِ ۾ لَنگهِي ۽ لوري
لَنگهائين لَطِيفُ چَئي ٿَرَنِ جي ٿوري
آهيان اجوري، ٿُنهنجي جورين جَبَلُ لَنگهِيان.

٥

جَڏِيءَ وَٽِ جالِي، مانَ لِلهِ کارَڻ لِکَ سِين
آهِيان آريءَ ڄامَ جي هِتَ هُتِ حَوالي
عَيب مُون ۾ اڳِرا، نِرَمَلُ نِکالي
پريتاڻِي پالي، کامِلُ نِيندو کيچَ ڏي.

٦

بانيَڻِ بيٺي آهِيان، پَريئَن پالياس
حُسنَ هوتَ پُنهونءَ جي ماري موت وِڌياس
جانکِيتان جِيندِياس، پُوندِيسِ وَرِ وِصالَ جي.

٧

پَرَ وَسَ تِٿُمِ پَرياڻَ، پِرين وَس نہ پانهنجي
جيڏِيُون جي مان وَسِ هُئا تہ ڏاکَهَنِ وِڌمِ ڏاڻَ
هَئي مُنهِنجِي ڄاڻَ، کيچِين مان سان کِين کِئو.

---

لجهي= لچي، تڙقي. ١٣. پَئي= سُتي. پور= ڳُتين جا پور، اوٺارَ. گهَٽُ= نڙي، ساهه، دم. گهور= اکين جي پَرِي نظر. تيز تکي نظر. ١٤. ڏيي وٽ جيئن= ڏيي جي باقي ٿورڙي بچيل وٽ وانگر جيڪا آخري طور پئي ٽمڪي وائي. لُکون= لکون. پوٽان= هلان. وِلهي= ڇوري، اکيلي، هيڪلي. د-٤: ٣. کيچِ پنيور (زير سان)= نہ تہ کو کيچ ۾، تہ نہ کو پنيور ۾. هورُ= اُڪو، ڳڻتيءَ ويچار. زاري= نيزاري. آزي، منٿ. ٤. هت پنيور ۾ آءٌ ڇوري ندوري آهيان؛ (هتان آءٌ بہ ائين هلان جئن (تنهنجي) ساٿ ۾ سوين ٻيا کمي کاسبي آهن؛ آءٌ بہ انهن ۾ لنگهي لوري مثل آهيان (جو گهَرَ کندي ٿي هلان تہ کو مونکي ڏات ڏئي (جو پنهون آڻي ڏي). ٿوري= ٻيل، رولو، ٻَدو. سسئي جي لاءِ ڇيل آهي تہ 'هي جا ٿرن جي ٿوري' آهي (ٻَرن ۾ ٻَدوءَ مثل اڳلڙي گندڙي آهي). اجوري= ازوري، هيٺي، تنهنجي جورين= تنهنجي زورين،تنهنجي زورن جي آڌار تي. ٥. جالي= ٽکي، ترسي. لکَ سين= ذري گهَڙيءَ جيترو. نکالي= کڍي. پالي= سنڀالي، پنهنجي ڪري. ٧. پرؤس= پرائي وس. پَرياڻ= مَنهنجو وڏو پيارو پرين. ڏاڻ= ڏاوڻ. هَئي منهنجي ڄاڻ= هَئي جو مون کين ڄاتو. کين کئو= کجهہ بہ نہ کيو.

Marfat.com

٥

مُهارُون مَيَن چِيُون، ڦِذا ڦيريائُون
'مَروشِي جَبَلَ رَوُون' ايءَ وائي واريائون
مونکي مارِيائون، پاروچِي پولِي ڳَرِي.

٦

ڦِذا ڏيرَ ڦِنگي وِئا، هُئا جوراٽا جَتَ
ايذ ننِدي ايڪُوا، هُنِ پَلاٽِئا پَرَبَتَ
ماڙهو ڏِينمِ مَتَ، لَج بَلوچان نِشتغان.

٧

شَوا وَهاوَ شَموشِ، سِڳهي مِڙنِدِينءَ سسئي
ليڙن جو لطِيفُ چَئي، گنواک نہ ڪِئڙءِ گوش
روش مَروشِي روش، ڪاهِ تہ ڪيچين کي رسين.

٨

داسا داڪا داڙِي، هَنداڙِي هُئامِ
هُر داسا هِنَ حال جي هتي هوتَ ڏِنامِ
پَزِيرِي اِيندامِ، پائي پيچُ پريتَ جو.

٩

پُنهونءَ ساڻُ پريتَ جو ڪو جو پٽڙُمِ پيچُ
ڪَندِيَسِ ڪشالا ڪافَ جا، هاڙهو پانيان هيچُ
ڪاهي مَٿندِيسِ ڪيچُ، ديرو دوست پُنهونءَ جو.

١٠

پُنهونءَ ساڻُ پريتَ جو، ڪوجو پيچُ پئومِ
پَنِيي هِنَ پَنِيورَ ۾، ويهَڻُ وِهُ ٿِئومِ
مَتيون موٽڻَ سنديُون ڪاڪِيُون ڪيم ڏِئومِ
سَرتيون ساهُ سَندومِ، ٿِئو حوالي هوتَ جي.

١١

ڏُکيءَ کي ڏُکن جا ڏاجَنِ تي ڏاجا
لَڳِيَسِ نائُڪَ نِيهَ جي ڪُڙهِ اندرِ ڪاجا
ٿُرَنِ ۾ تاجا، ڳَري مُنڌُ مِرُنِ سين.

١٢

ڪو مُنهُ ڪُنَلِ آئِيو، وَسِ نہ ويچاري
هوتَ تُنهنجي هَٿَ ري، پَهُچِي نہ پاري
اَچِين جي آرِي، تہ پانڌُ پُڄي لَڪُ لَنگهيان.

١٣

ڪو مُنهُ ڪُنَلِ آئِيو، ويچارِيءَ نہ وَسِ
هوتَ تُنهنجِي هَٿَ رِي، گولِي ٿِئي نہ گس
ڪو ڏَسُ ڏُکيءَ کي ڏَسِ، تہ مُوڙهِيءَ ڪو مُنهُ ٿِئي.

٥. ڦذا ڦيريائون= پوئتي واريائون. مروشي= اچ. روون= ويندا سون. ٦. ڦذا= پوئتي. ڦنگي وئا= ڪنيي وئا (پنهونءَ کي بڌي کڻي وئا). جوراٽا= ڏاڍا، زورآور. ايذ= هتي؛ ننذي= ويهي، هجي، رهي؛ ايڪُوا= اڪيلي. (هي پَلِ هِتي اڪيلي هجي، ائين چئي هنن پنهنجا شاهي اٺ پلاٽئا). لج= لج. بلوچان= بلوچن جي. نشتغان= ويني هجان (بلوچن جي لج آهيان، پاهر نہ نڪران ۽ ويني ئي هجان). ٧. شوا= رات، وهاو= ننڊ. شموش= وسار (راتين ننڊ وسار). گنواک= سڏ. روش مروشي روش= روز. اڄوڪي روز= اڄ اڄوڪي ڏينهن. ٨. داسا= هاڻي. داڪا، داڪان= هتان. داڙي= هتي. هَنداڙي= هِتي، اتي (هاڻي. هتي، هتڙي منهنجا پيارا پرين هئا). هُر= ڏس. داسا= هاڻي (پنهنجي حال جي ماجرا ڏسو جو هاڻي هتي ئي تہ تنهنجا هوت هئا، جيڪي مون کان هليا ويا). پزيري= بالآخر، آخرڪار (= اهي نيٺ آخر پريت جو پيچ پائي مون وٽ ايندا). ٩. پيچ= وراڪو. هيچ= ڪجھ بہ نہ (منهنجي لاءِ هاڙهو جبل ڪجھ بہ نہ آهي). مٿنديس ڪيچ= سڌو ڪيچ کي نظر ۾ رکي هلنديس. ١٠. پنيو= ڳاڙهيرڙي پوري رنگ وارو، ڳاڙهاڻ تي مائل سهڻي وڻندڙ رنگ وارو- پنيا وار= ڳاڙها- پورا سهڻا وار. [اڪثر ٽوڪ ۽ ننڌڻ واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (واه! پنيي ڏاڙهي واه! اي سهڻا، تو هيءُ ڪم ڪيئن ڪيو!) پنيي هن پنيور= هن سهڻي پنيور ۾ (طعني طور). ١١. ڏکيءَ کي= ڏکي سسئي کي ڏکن جا ڏاجن مٿان ڏاج مليل آهن. نائڪ= تکي تيز ڇهنب، پالي جي چونٽي، اک جي اڻي. ڪڙهہ اندر= اندريون جسم، اندر قلب ۾. ٿرن= برن. تاجا= منڊل، شغل. ١٢. ڪُنل= سڪ ۽ محبت جي ماريل. پاري= نڪمي. پاند پڄي= پاند کي پُڄي، جهلي. ١٣. تنهنجي هٿ ري= تنهنجي مدد کان سواءِ. گولي ٿئي نہ گس= گولي گس سان نہ لڳندي، گوليءَ کي گس هٿ نہ ايندو. موڙهي= مُنڌل.

Marfat.com

ڪانگَنِ ڪانگيرا ڪِئا، چُڪِيءَ ڪي چوڏارَ
گهٽو اُڪَندي آهِيان، جَتَنِ جي جِنسارَ
جان ڪِين اورَڻُ پِرينءَ سِين، جان ڪِين پِرينءَ پَچارَ
آءٌ نِماڻِي نِڪَٽِي، دَمِجَ تون دِلدارَ.

وائي-٢

هوتِنِ بنا نِي ميان، پُنهونءَ بِنا نِي ميان
درد فِراق!
اديون آريچَنِ جي آءٌ نِهوڙِيَس نفاقَ
ڏُونگرُ ڏورِئو نہ ٿئي، مون وِلهيءَ ڪانهي واڪَ.

◈

ڪانگيرو يا ڪانگورو (جمع. ڪانگيرا، ڪانگورا)= ڪنهن زخميل ڪانءُ يا ڪنهن ٻي شيءِ جي مٿان ڪانگن جو گڏ ٿي اڏامڻ ۽ زور سان ڪان ڪان ڪرڻ. دمج= ڪر وارو ٿج، پنهنجو وڏو دم رکج. وائي-٢. نفاق= مخالفت. ولهي= ٽڪل، هيٺي. واڪ= سگهہ.

Marfat.com

هُئا وَڏيءَ وَسَ، ٻاروچا ٻِنيور ۾.

۳

سَسُئِي سُڪائُون، وِيندي ڪِيون وَٽِن سِين
پُنهون وَٽِي پاڻَ سِين اِينديَس جي آئُون
تہ وَٽِ وَٽِ واچائُون، ڏِينديَس ڏار سَيَڪَنهِين.

۴

ڏِنِي سِڪَ سَسُئِيءَ کي ٻيلياڻِي ٻَروچَ
لوڪَ وِچان ئي لوچَ، پَهچائِي پُنهونءَ کي.

۵

ڪوجو آهِس ڪوڏُ، ٻاروچاڻِيءَ ذات سِين
هُوءَ جي چُونِس ’ٻوڏُ‘، تہ ’جِيءُ‘ سُڻائي جَڳَ کي.

۶

ڪوجو مَتِس مِينهُ، آريءَ جي اَکِيرَ جو
راتِيان روئي رَتَ ڦُڙا، سُکِ نہ سارو ڏِينهُ
ٻاروچاڻو نِينهُ، مُنِيءَ مانو نہ ٿِئي.

۷

ڪُنِيءَ لَئي ڪاڻِي، رَکِيَئہ پِرتِ پُنهونءَ سِين
سُهِيو سُکِيو جِندَڙو، وِڃُ جيري ۾ جاڻِي
هاجو هوتاڻِي، تو صُباحَ ڪَندا سَسُئِي.

۸

ڪِيئَن اَڙائِيَئہ پاندُ، پَلَئہُ پَرَڏيهَين سِين
مَتيون مُوڙهيَئہ سَسُئِي، ڪِيئِي ڪوهِيارو ڪانڌُ
رُلِي پانيَئہ راندِ، پانيَڻِ عِشقُ ٻَروچ جو.

۹

لَڪين لوڙائُو، سسئي آهِن سُڃ ۾
ٻَرَ ۾ ٻورائُو، ڪَڻُ پِيادِي پَنڌَ ۾.

۱۰

ڏونگرَ ڏنا نُوڻِ، مون پارڪو پُڇِئا
هيڪَلِيون هَلَن جي سي تاڪُن سَندِي ٽُوڻِ
اِيءَ اَهڪِي پُوڻِ، سُونهَن ري نہ سُتِري.

۱۱

مُسافِرَنئُون ماءُ، وِرهُ وِهائِيمِ وِتُرو
اَچِي ٿِئِمِ اوچِتِي تَن سانگِين سِين ساڃاءِ
جِيجان جهَلَ مَ پاءِ، هِنيُون هوتَ هَٿِي وِئا.

۱۲

جِئَن جِئَن جهَلي جَڳُ، تِئَن تِئَن مون تاڪِيدُ ٿِئي
ڳهَرِئو تو ڳالهِيون ڪَري وِرسِئو پُٽِي وَڳُ
لوڪُ لَتاڙِي نندَر ۾، پُنِيءَ لالَڻَ لَڳُ
آرياڻِي اوڙَڳُ، ٻِنيوران ٻَهرِ ٿِي.

۱۳

وِندَرَ وَرَ ڏنامِ، ڪيچِين ڪارِڻِ ڪيترا
ٻاروچا ٻاجَهہ پَرِئا، جي گوشي هوند گَڏيامِ
تہ چيتاري چَيامِ، سَڀَ عَرضَ پنهنجا اُنِ کي.

۳. سُڪائُون ڪِيون= باسون باسيون. واچائُون= نذرانا (مثلاً ’هر ڏار‘ تي پوتيون وجهنديس). ۴. ٻيلياڻِي= خدمتگار. ٻروچ= پنهون (سسئي کي سک ٻيلياڻي ڪري ڏني). لوچ= اڻ ٿڪ، تلاش، جستجو. ۵. ڪوڏ= عشق. ٻوڏ= ٻڏ واري ورندي (تہ: شال ٻُڏين، چا ٿيو اٿئي!). جيءُ= پيار ۽ دعا جو لفظ (شال پيو جيئن). 7. ڪُنِيءَ لئي= پنهنجي ڪُنِيءَ لئي، پچاڻي لئي، ختم ٿيڻ لئي. سُهيو= سولو آرام وارو، خوش. هاجو= وڏو نقصان. صباح ڪندا= صبوح سوير ڪندا. ۹. لوڙائو= هاڻو، ڦريندڙ، ڏاڙيل. بورائو= سونهون. ۱۰. ڏنا= متاهان ٻنا. نوڻ= هيٺاهيون، نمنديون. تاڪُن= تڪيندڙن= لِڪِي وجهہ وٺي وڙهندڙن، چاري بيٺل چورن. ٽُوڻ= ڪاڙو، شڪار. پوڻ= پونء، زمين پنڌ واري پٽي. ۱۱. مسافرنئون= مسافرن کان. وره= فراق ۽ درد. سانگِي= جيڪي سانگ ڪن، جيڪي اصل ماڳ ڇڏي ٻئي پاسي هليا وڃن. ساڃاءِ= سڃاڻپ، ناتو. جيجان= اي جيجي امان، اي پياري امان. ۱۲. جهلي جڳ= لوڪ مون کي جهلي. تاڪيد ٿئي= پنهونءَ جي پويان وڃڻ جو تاڪيد ٿئي. ورسئو گهمي وڳُ= لوڪ وڳ مثل موڙهو گهمي ڳهرئو تو ڳالهيون ڪري= ڳهر ۾، نشي ۾ تو ڳالهائي (سجاڳ ڪونهي). ورسئو پُٽِي= پليو گهمي= ورسڻ= پلجڻ. اورڳ= اوڙڪُ، ڏسُ. اوڙڪڻ (گجراتي)= ڏسڻ، سڃاڻڻ. ۱۳. وندر ور ڏنام= وندر ندي واري پيٽي ۾ مون ڳولا ڪندي ور وراڪا ڏنا، ڦيرا ڏنا. گوشي= هڪ پاسي تي، اڪيلا. چيتاري= پوريءَ طرح ياد ڪري، سنياري (تفصيل سان).

Marfat.com

پَلئہِ لَڳِي آهيان

چوري چَڏي چِپَرِين، ڪيچي ڪِيمَ وِڃيجاهُ
چوري چِتِي آهيان، مون سِين نِيهُ نِباهي نيجاهُ
پُنهون منهنجو آن سِين، اَئِين ساٿُ سَلامَتَ نيجاه
آرياڻي عَبداللطِيفُ چَئي مون تي وَهلو وَرُ ڪَريجاه.

## وائي-٢

جان تون وَڃي ڪيچ ڪَهي،
ڏيچ پارايا پرينءَ ڪي.
١. ڏکَ مُنهنجي ڏِيلَ ۾، سَگهان ڪِينَ سَهي.
٢. آءٌ ڦوڙائي مارئي، مُنهنجا واقِفَ وِئا وَهي.
٣. پيئَرَ هِنَ پَنيورَ ۾، ساريان ڪونہ سَهي.
٤. مون مُئيءَ مَتان ڪيتِرا وِتِرا ڪانگَ لَئي.

## داستان نائون

١

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنهين، مَنُ وِنجهلَڻَ وَڍيو
ماريَسِ سُور تَنهين، جو نہ جِياري جيڏِيُون.

٢

ڪاتِيءَ تان نہ ڪُنو، ماءُ مُنهنجو جِندَڙو
جَنِي ماءُ مُنو، سي جَتَ نہ پَسان جُوءِ ۾.

٣

جِيءُ منهنجو جَنِ، اَنگَڙِيَارو وَڍِئو
پُڄاڻا پِرِينِ، سِبان سَڄو نہ ٿِئي.

٤

اَچِئو مَرُ اَچِنِ، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾
پُنِيءَ لَڳِي جَنِ، ڪَمِيٺي ماڙهُو ٿِئي.

٥

روءِ وِسائي رانڊِ، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا
هوٿَنِ سِين هيڪانڊِ، هُيَئِي ٻاتري ڏِينهَڙا.

٦

رُئَڻُ ۽ راڙهو، مون نماڻيءَ جي نِجهُري
ڪُنَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو
هوٿَنِ لَئي هاڙهو، رجائِينديَسِ رَتَ سِين.

٧

روئِي ڪَنديَسِ ڪوهُ، هاٿِي ڪو هوٿُ وَري
جيڏِيُون جيڏوئِي ڪِئو، سُيٺَنِ راتِ سَتوهُ
دروهِي آٿيان دروهُ، مَتان ڪا مون سِين ڪَري.

پارايا= پيغام، نياپا. سگهان ڪين سهي= ڪين ٿو سهي سگهان. ڦوڙائي= جدائي، فراق. مارئي= ماري. وئا وَهي= هليا ويا، گذري ويا. سهي= ساٿي. د-٩-١: ونجهلڻ، وجهلڻ، وجلڻ= (ع. وجل= سور، ايذاء)= فراق سببان پنهنجي اندر جو درد ۽ سور، رات ڏينهن وارو ڳاراٽو. (ٻاهران ڪنهن ڪاتيءَ نہ، پر مونکي اندر جي درد ڳاريو). جو نہ جياري= جيڪو صحت نہ ڏئي، ساهہ وارو نہ ڪري. ٣. انگڙيارو وَڍُ= سنئين سڌي ليک وارو نہ، پر انگڙي وانگر مُڙيل وَرَ وَڪڙ وارو وڍ؛ نئين ڪپڙي جي هڪ خاص ڪور جنهن بعد ٻن وڍيل ٽڪرن کي جوڙي سبڻ سان ڪپڙو ٻَر ۾ ڏيڍوڻو ٿي بيهي (اڳ هٿ جي اٽيل ڪپڙي جو ٻَرُ ننڍو هوندو هو. مرد جي گوڏ يا زناني پوتي لاءِ وڏي ٻر جي ضرورت هئي جيڪا ٻن طريقن سان، 'انگڙياري وَڍ' يا 'پَنِيءَ وَڍ' سان پوري ٿيندي هئي. جيترو ڪپڙي جو ٻر هوندو ان کان ڊيگهہ ۾ ٽيڻو ڪپڙو وٺبو؛ مرد عورت يا ٻار جي قد جي لحاظ سان وڏي ٻر يا ننڍي ٻر وارو ڪپڙو وٺبو. 'انگڙياري وڍ' لاءِ ڪپڙي کي ٽي تہ ڪبو جنہن ڊيگهہ ۾ ٽن حصن ۾ ورهاجي بيهي. 'پَنِيءَ وَڍُ' وڍڻ توڙي سبڻ ۾ سولو آهي. پر 'انگڙيارو وڍ' خاص طرح سبڻ ۾ ڏکيو آهي ۽ جي ڄاڻو ڪاريگر نہ سبندو تہ گهُنججي پوندو. انهيءَ ڪري ئي بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ ڏنل اهڃاڻ تہ پرين (ڪاريگرن) کان پوءِ سبان تہ سڄو نہ ٿئي. ٥. وسائي= اُجهائي، ختم ڪري، وساري. هيڪاند= گڏجاڻي، گڏ رهڻ. ٦. راڙهو= راڙو وڏو گهٽو روڄ. نجهري= نجهري ۾، غريباڻي گهر ۾. ڪاڙهو= وڏي تپش، وڏو مَچ. هاڙهو= هاڙهو جبل. رجائينديس رت سين= اکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙي پُسائينديس. ٧. روئي ڪنديس ڪوه= روئي چا ڪنديس، منهنجي روئڻ سان چا ٿيندو. هاٿي ڪو هوت وري= هاٿي منهنجو هوت پنهون ڪو موٽي ايندو (موٽي ڪونہ ايندو). سَتوه= ڏاڍ. دروهي اٿيان= قسم اٿوَ، وڏي قسم واري جهَل اٿو. متان ڪا مون سان دوهہ ڪري= متان ڪا مون سان مونکي مارڻ واري مڪاري ڪري، متان ڪا مون سان ڪارو جادو ڪري.

Marfat.com

٢٣

جان جان هُئِي جيرَي، وِرچي نہ ويٺي
وَجي پُونءِ پيٺي، سارِيندي کي سَڄٽين.

وائي-١

ڪارُون وَسَ ڪِئام، وَس ڪِئام
ڏاڍي زورِ وِئـــامِ
مُئِيءَ جو مُحبُ نہ موٽِئو!
بَندَڻَ باروچَنِ جا، پينگهي مَنجهہِ پِئامِ
ٻَڌِي سُورَنِ سَندرو، لولِي ماءُ ڏِنِيامِ
آءٌ سينڌِي سُورَ جِي، تِيلانہ سُورَ ٽِئامِ
جَنِ رءَ سَري نہ ساعَتَڙِي، تَنِ ڪان پَري پَهَرَ پِئامِ
لَڪَنِ سِرِ لَطِيفُ چَئِي، لَٽي لوڙهہ وِئامِ.

وائي-٢

پِرِيَنِ جِي ادا پانڌِي،
ڪَـرِ ڪا ڳالهڙِي
حِڪايَتَ هوتَنِ جِي، ادا تو ڪا آنڌِي
ڏيئِي باهِ بَنِبورَ کي، جَتَنِ سِين آءٌ جانڌِي
آهِيان آريجَنِ جي گولِي آڻُون بانڌِي
مونکِي پيتَم پيارِئو، خُمُرَ جِي آءٌ خانڌِي
پَسَڻَ ڏاران پرينءَ جي مُئِي پَسُ هِي مانڌِي
ڪَڏهِن تِيندِيَسِ ڪيچَ ۾ هوتَنِ سِين هيڪانڌِي
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، ڪيچِي تِيندَمِ ڪانڌِي.

❖

---

وائي-١. ڪارون= منٿون. وس= حيلا. بندڻ= تنجڻ. سينڌي= واقف. لوڙهہ= مَڙهہ. وائي-٢. جانڌي= ويندس. پيتم= پرين. خمر جي آءٌ خانڌي= نشي جي آءٌ هيراڪ، خواهشمند.

Marfat.com

# سُر راڻو

سُر راڻي ۾ توڙي ٻين سُرن ۾، شاه صاحب جو مقصد بيتن ۾ ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪرڻ ناهي؛ ڳالهه اڳ ۾ مشهور آهي ۽ ان جي سيني کي خبر آهي: شاهه صاحب فقط ڳالهه جي ڪن چونڊ ٽاڻن جي حوالي سان، پنهنجي اعليٰ شاعري ۽ نازڪ خيالي سان ڳڻوڳڻ اعليٰ فهم ۽ فڪر جا نِت نوان رُخ روشن ڪيا آهن. مومل ۽ سندس سهيلين جي هار سينگار واري ماحول، مومل جي مجازي حسن جي جلوي، ۽ راڻي لاءِ رات جاڳندي مومل جي انتظار کي جن لفظن ۾ ۽ جنهن انداز سان بيان ڪيو ويو آهي سو اعليٰ شاعري ۽ نازڪ بياني جو شاهڪار آهي. داستان ڏهين ۾ اعليٰ فهم ۽ ادراڪ جا اهڃاڻ ڏنل آهن. ڪائنات جي خالق طرفان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ جيڪي ڀلارا آيا ۽ جن جي رهنمائي سان اونداهي مان سوجهرو ٿيو ۽ سڄو جهان سرهاڻ ساڻ واسجي ويو، انهن ڏانهن اشارا ۽ ڪنايا آهن. ان سلسلي ۾، ان 'نئين نياپي' جو ذڪر آهي جيڪو آخري نبي (صلعم) انسان کي پهچايو، ته ذات تي نه آهي: ذات پات جو ڀيد ختم ٿيو ۽ خالق مالڪ جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن؛ پر انهن مان جيڪي پاڻ پنهنجي سچي نيت سان ڏٽي ڏانهن ايندا سي ئي وڏي ماڻ وارا ٿيندا:

نئون نياپو آئيو، راڻي مُلا رات
لڏي سون لطيف چئي ڪنا ڏاتر ڏات
ڪانهه پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.

## داستان پهريون

١

ڪالهه ڳڏيوسُون ڪاپڙي، بابُو بيڪاري
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالها موچاري
ڏيئِي ڏيکاري، ڦٽي دِلِ فقيرُ وِئو.

٢

ڪالهه ڳڏيوسُون ڪاپڙي، بابُو رَنگ ٻيُوتُ
سَرئوسُون سُڪُوتُ، جوڳِيءَ سَندِي ذاتِ ڪان.

٣

ڪالهه ڳڏيوسُون ڪاپڙي، بابُو بانَ بَري
سائِي سالَ ڪُلهَن ۾، سامِيءَ سونَ سَري
ڏيهُون خَبرَ ڪرِي، ڪا مومَلَ جي مَجازَ جِي.

٤

ڪالهه ڳڏيوسُون ڪاپڙي، جهڙو ماهُ مُنِيرُ
فَيضُ فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائي وِئو.

٥

ڪالهه ڳڏيوسُون ڪاپڙي، پَهَرَ ڏِينهان پوءِ
سامِيءَ سونُ ڪَنَنِ ۾، رَتَ وَرنو روءِ
ڪَرِئو ڳالهيون ڪاڪِ جِيوِن، چِٽيون اُيو چوءِ
'جو مُنه مُومَلَ پوءِ، تِنهِ جو مونڻُ مَسَ ٿئي.'

٦

بيڪارِيءَ کي بَرَ ۾ وِئو ڪَيفُ چَڙهِي
ڳالهِيُون ڪَندِي ڪاڪَ جِيُون ڳوڙها پِيَس ڳڙي
ڪا جا انگهَ اڙِي، جِئَن جُتا ڦُٽَ چُڙِي پِيا.

٧

آءٌ لانگوٽِيا لالَ، ڪِنهِ پَرِ ڏِنِيئِ ڳُجَريون
آبُ اَرتو اڪيين لُڙڪَ وِهائِين لالَ
ڏِنئِي جي جَمالَ، سي سامِي ڪَهُ نه سُلائِيين.

د-١: ١. ڪاپڙي= وڏو جهانديدو، وڏي حوصلي ۽ چاڻ وارو. بابو= معتبر، مان وارو. بيڪاري= بيک وارو، ڪنهن بدلايل ويس ۾. سيلو= سيلي= سينهي مثل تاج. مالها= مڻين وارو ڪنٺو. ڏيئي ڏيکاري= پنهنجو پاڻ ڏيکاري. ٢. رنگ ٻيوت= رنگ ۾ پريل، ميٽائين رنگ وارو. سڪوت= صبر ۽ آرام. ٣. بان بري= بَرِ جي رنگ وارو، مڻيءَ مثل رنگ وارو. سون سري= سون جي سرن سان. ٤. ماه مير= روشن چنڊر. ٥. پهر ڏينهان پوءِ= ڏينهن جي هڪ پهر گذرڻ بعد. رت ورنو روءِ= رت جي رنگ وارا ڳاڙها ڳوڙها پيو ڳاڙي. مُنهن مومل جي پوءِ= مومل جي مُنهن پوي، سامهون اچي. ٦. ڪيف= نشو. انگهه اڙي= انگڙي اٽڪي. ٧. لانگوٽيا= لنگوٽ ٻڌل. ڳجريون= ڳجر ذات جون زالون (مومل ۽ سندس ڀيڻيون، سهيليون ٻانهيون). ارتو= رَت ڳاڙهون، رت وارو. جمال= حسن جا تجلا. سُلائيين= سڃاڻيين، تون سڃاڻين.

Marfat.com

توڙي سوَڍِنِ سَوَ، تہ بہ مَٽِ نہ تنهنجو مينڌرا.

١٧

توکي مَعلُوم مُنهنجِيُون، سوڍا سيئي
آڳانڍو اَرواحَ کي آهنِ اُهيئِي
وِهڪَ مون ويئي، پُڇايو پُڇان پَهِي.

١٨

ڪَڪوري ڪاڪِ وَهي، راڻا پانءِ مَ رَٽُ
سوڍا اِيءَ سَربَتُ، نِسوروئِي نِيهَ جو.

١٩

وينِي نِتِ نِهَارِيَان راڻا تُنهنجو راهُ
مونٽائي ماڳِنِ ۾ آڻيندوءِ اَللهُ
سوڍا تو ڳرِ ساهُ، ناٿَ راڻا گهٽا راڄَ ۾.

20

مِيان مَينڌرا موٽُ، بَخشِ ڪَرِ بُڇائِيُون
تون گهٽن جو گهوٽُ، مون وِرُ تون هِين هيڪڙو.

## وائي

نيئِي نيئِي ڏيج، پانڌِي پرينءَ سَنيهڙو
ڪالُهہ ڪُمائِنا گُلڙا، سُڪا مَتي سيجَ
تو لئي هنجهون هاريان، هِي جي منجهان هيجَ
جئن تو پيرو نہ ڪِئو، تان مون مُئي سُڻيج.

## داستان نائون

١

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ سُپرِينَ جاڙُونِ ڪِيَمِ جالَ
سيئي سوڍا ڪالَ، موٽي آيَمِ مُنهَ ۾.

٢

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ سُپرِينَ جاڙون ڪِيَمِ جِتِ
سيئِي سوڍا تِتِ، موٽي مُنه ۾ آئِيُون.

٣

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ سُپرِين، جاڙُون ڪِيَمِ جي
سوڍا مونکي سي، موٽِي آيُون مُنهَ ۾.

٤

خاموشِي خَبَرَ جِي، مُومَلَ چَئي، مون مَتِ
صَبرُ تو سُپَتِ، حَقِ مُنهنجي مَينڌرا.

٥

تو ۾ بَڌِيَسِ تي، جئن مُنهَ ۾ مَديون نہ ڏِيين
ڍولا ڍَڪِيَئِي جي، سي متان عَيبَ اُگهاڙِيين.

٦

جئن مُنهَ ۾ مَديون نہ ڏِيين، تو ۾ تي بَڌَياسِ
سوڍا ان سُهاڳَ کي، وينِي واجهاياسِ
ڍولي ڍَڪياسِ، ڏيئي پانڌُ پَناهَ جو.

توڙي سوڍن سَوَ= توڙي سوڍا سَوَ مڙن تہ بہ تنهنجو مٽ ڪو نہ ٿئي. ١٧. منهنجيون= تنهنجي پيار جي ڪري توسان ڪيل منهنجيون پيار واريون ڪچهريون. آڳانڊو= آسرو، آٽت. وهڪ= هڪ جاءِ ويهڻ، آرام ۽ خوشيءَ. پهي= واٽ سان ايندا ويندا، پانڌي. قاصد. ١٨. ڪاڪ= ندي، ڪڪوري وَهي= ڪڪوريل (ذرا ڳاڙهيري) پاڻيءَ سان پئي وهي. ان ۾ جيڪو پاڻيءَ وهي پيو سو ڪڪوريل آهي. ڇو هيءَ ڪڪوريل نيهن جو شربت آهي. ١٩. تنهنجو راهُ= رستو. تنهنجي اچڻ وارو رستو. تو ڳر= تو وٽ. د-٩: ١. ڪين ساڱاهير= مون ڌيان نہ ڏنو، مون خيال نہ ڪيو، مون محسوس نہ ڪيو، نہ سمجهيو. جاڙون= زوراوريون، ڏاڍايون، مدايون. جال= گهڻيون. ڪال= ڪالهہ. موٽي آيون منهن ۾= مون کي سامهون آيون، منهن مقابل ٿيون، مخالف ٿيون. ٤. خاموشي خبر جي= مجموعي طور سان بيت جي معنيٰ تہ: راڻو رات جو آيو ڏٺائين تہ مومل سان ڪو مرد ستل آهي. ڪيس اها خبر پئي پر خاموشيءَ سان واپس هليو ويو. هو پوءِ بہ صبر سان خاموش رهيو ۽ اها خبر ٻئي ڪنهن کي ڪا نہ ٻڌايائين. سندس انهيءَ خاموشي ۽ صبر ۾، مومل لاءِ هڪ مت يا نصيحت هئي، تہ راڻي سندس ڍڪ ڍڪيو آهي پر هو پاڻ بہ دانهن ڪرڻ بدران صبر سان پاڻ کي بي گناهہ ثابت ڪري. ٥. تو ۾ ٻڌيس= تنهنجي محبت ۾ ٻڌجي قابو ٿي ويس. منهن ۾ مديون ڏيڻ= منهن تي مٺايون بيان ڪرڻ ۽ مهڻا ڏيڻ تہ توهئن ڪيو ۽ هُونءَ ڪيو! عيب اگهاڙي سامهون وڃڻ ڏيڻ. ٦. تي= تڏهن، تنهن جي ڪري. ان سهاڳ کي= ان سهاڳ کي جنهن ۾ پتار عيب ڍڪي ٿو. ويٺي وجهاياس= مون ويٺي واجهايو آهي (تہ اي راڻا، تون شال پرچين ۽ راضي رهين: من اهو منهنجو سهاڳ سلامت ٿي). ڍولي ڍڪياس= تہ جيئن ڍولو راڻو مونکي ڍڪي، منهنجا عيب ڍڪي: (ان لاءِ مون واجهايو آهي، موقعي جو انتظار ڪيو آهي).

Marfat.com

٧

جَڳَ جِيهَين چوءِ، سودِو تِيئَن نه سِڪِيو
راڻو تيئَن نه هوءِ، جئَن ڪا لوڪَ لڪَ پَئي.

٨

ڪَثافَت جا ڪاڪِ جي سا مَيندري مينيام
اوڳُڻَ عيبَ سَندامِ، سَيَ ڍولي ڍَڪي ڇَڏِئا.

٩

سودِو سوائِي، پِئو رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو
لُڊُوڙِئا لَطِيفُ چَئي، لالِي تِنهِ لائِي
ڪانهي ٻِي وائِي، تِئو مِڙوئِي مينڌرو.

١٠

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سودِو سَين سُونهَ
لاتائِين لَطيفُ چَئي مَتان دِلين دُونهَ
ڪانهي ٻِي وِرُونهَ، تِئو مِڙوئي مَيندرو.

١١

سودِا ٻئا سُجانَ، پَرَ رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو
نِسوريائي نِيهَ جي ڪسيائين ڪمانَ
ڇَڏِي وِئا چوهَ ۾ دَعواڻون ديوانَ
ٻي رهيائِي ڪان، تِئو مِڙوئِي مَيندرو.

١٢

پَلاڻِياڻُون پَنڌِ ٿِئا، لَڏِيو لَطِيفَنِ
هَٿان حَبِيبَنِ، ڪونه ڏُکويو ڪَڏِهِين.

١٣

جا پُون پيرين مُون، سا پُون مَٿي سَڄڻين
ڏِڳَ لَنبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏٺاسُون
ڏِينهَ مِڙيئي ڏُون، اُٿي لوچِ لَطِيفُ چَئي.

وائي

ويهِي ويهِي سو هرگز هَلِبو،
پانـديئـــڙا پَرَ ڏِيهي
ويهِي ويهِي سو البَتَ هَلِبو، ساٿيڙا پَرڏيهي
گڏُ گُذاريئِي جَن سان، ساٿُ نه هَلندَئِي سيئِي
ڏُڙَ لَنيندَئِي ڏُوڙِ ۾، مَتان ڏاڪِين ڏيئي
کِهڙيُون ڪَٻيُون ڳالهڙيون، اُتِ پَرِ پنجوءِ ويهِي
اِيندَئِي مَلَڪ موتَ جا، ڳالهه ڪَندين تون ڪيهِي.

---

٧. لوڪ لک پئي= لوڪ کي معلوم ٿي وڃي. ٨. ڪثافت= ميرائي، مدائي. ڪاڪ جي= ڪاڪ محل ۾ ڪيل گناهن جي (طلسم ڪرڻ، ڊوڪو ڏيڻ، ماڻهو مارائڻ وغيره). ٩. سوائي= سوايو، ٻين سيني کان وڌيڪ. لڊورئا= (لفظي معنيٰ) لُڊورئي ڪان، لڏاڻي ڪان. (اصطلاحي معنيٰ) ڪاڪ ندي جي ڳاڙهي پاڻي ڪان، مومل جي ڪاڪ محل ڪان، مومل جي ماڳ ڪان. لالي تنه لائي= تنهن عشق جي لالاڻ لائي. ١٠. دونهِ= دونهون، ڪس ۽ ڪاراڻ. وررونه= پچار. ١١. سجان، سڄاڻ= وڏي ڄاڻ وارا. روءِ راڻي جي= راڻي جهڙو. نسوريائي نيه جي= بالڪل ئي عشق جي. ڪسيائين ڪمان= ڪمان چاڙهائين (نشان هٽڻ لاءِ). ديوان= وڏا پڙهيا، پختا، اڪابر. ١٢. پنڌ ٿيا= روانا ٿيا، هليا ويا، لڏي ويا، (گذاري وئا، هي جهان ڇڏي وئا). لطيفن= سهڻن سڀاجهن. انهن پيارن سڄڻن جي هٿان ڪو ڪونه ڏکويو، ڪنهن کي ڪو ايذاء ڪونه پهتو. ١٣. پون= زمين. پيرين مون= منهنجي پيرن هيٺان. مٿي سڄڻين= منهنجي سڄڻن جي مٿان جيڪي زمين ۾ پوريل آهن. ڏگَ= وڏا زبردست طاقتور مڙس. اُپي ڏٺا سون= (پنهنجي اکين سان) بيٺي ڏٺا سون. ڏون= ٻه (هڪ ڄم وارو ٻيو موت وارو).

Marfat.com

ماڳين پيئون مَسندُون جهڳين پاس جهُلِي
عَطرَ ۽ عَبِيرَ جي اڇي چول چُلِي
ڪِينجهرُ سَڀُ ڪُلِي، اُنِي ڪي انعام ٿئو.

وائي

تو دَرِ آيَسِ سامَ، سَما جامَ!

سـامَ تـنـهـنـجـي
نہ سَمِي نہ سومَرِي، آهيان گندَرِي غلامَ
آهي مُنهنجِي مُنهَ ۾ مَڇِيءَ بُوءِ مُدامَ
سَمي ٻنا سَرتِيُون، ڪينجهُرُ پانيان قِيامَ
اللهَ، عبداللطيفُ چئي، مون تان لاهِ مَلامَ.

◈

ماڳين= جدا جدا ماڳن تي. مَسندون= تخت واريون ڪٽون. جُهلي= شان سان ڪچي. چول چلي= چولي لڳي، اوت ٿي. وائي. سام= پناه ۾ آيل. سام تنهنجي= آهيان سام تنهنجي، آهيان تنهنجي پناهہ ۾. ملام= ملامت

Marfat.com

# سُر پورب

هيءُ 'سُلوڪ' جو سُر آهي: يعني سالڪن ۽ سندن منزل مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو سُر آهي. سالڪن کي، هيڪڙائي حق مڃيندڙ مُوَحد هندو فقيرن جي تمثيل سان پوربي، ڪاپڙي، سامي، سناسي، جوڳي، آديسي جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. جن جي منزل مقصود 'ناٿ' آهي تنهن کي ملڻ لاءِ هو پورب پُورين (وڃن) ٿا؛ يا 'ناني' ۾ هنگلاج تي پهچڻ لاءِ پنڌ ڪن ٿا. تمثيل ۾، پورب جڻ آخري منزل ۽ دارالبقا آهي جنهن ۾ ابدي زندگي ماڻڻ لاءِ سالڪ فقير هن جهان مان ڪشالا ڪري راهي ٿين ٿا.

## داستان پهريون

١

پُورَبَ مارِيياسِ، ڪَنهِ دَر ڏِيان دانهَڙِي
مَتيُون ڏِيندي لوڪَ کي چَري پاڻ ٿِيَاسِ
جَنِي نہ جيهياسِ، مان لَئہ لَڳو تَنِ سِين.

٢

پُورَبُ پُورَبُ تَبِ ڪَرُون، جَب هِنيَڙي آوَنِ پُورَ
سِڪَندِيءَ کي سڄڻين نِڪُونَ لايُون نُورَ
مارِيَسِ اِنَ مذڪُورَ، جِئَن ساجَنُ سُڄي نہ مِلي.

٣

ڪينَرَ ڪَٽِي ڪاپَڙِي، صُبُحِ ٿِئا ساڄا
پُورِيائُون پُورَبَ ڏي وَڄائي واڄا
هُوءِ جي سامِي سَباجا، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

٤

ڪَمَرَبَسَتَا ڪاپَڙِي سامِي سييئِي
هِڪڙا ٻِئَنِ کي، هَلئا ڏَسَ ڏيئِي
سِگِڙيُون سيئِي، وَڄائي واٺ ٿِئا.

٥

ڪَمَرَبَستا ڪاپَڙِي، جَنِ ڪَڙَنِ ۾ ڪَچڪولَ
گِلا ۽ غيبَتَ جا سَبَ پَڳائُون پولَ
ڳُوٺِ ڪِجائُنِ ڳُولَ، گَڏِجَنِ مان گداوَ ۾.

٦

ڪَمَرَبَستا ڪاپَڙِي چَلَڻَ جِيُون ٿا چُونِ
سِگيُون سَناسِين جِيُون وِڃُو پُورب پُونِ
جوڳِي هِتِ نہ هُونِ، ڪِينِ تِڪَندا ڪاپَڙِي.

٧

مون پوربي نہ پڇئا، جوڳي جاڙ ڪري
هنِيُون جن ڳري، سُڌيُون سنديون سڄڻين.

٨

پُورَبَ وِئا پيهي، تان مون گهَٽو نِهارِئا
سُڌ نہ مُڪي سَڄَڻين، جيهِي نہ تيهِي
هُئا پَرَڏيهي، وَڄائي واٺ ٿِئا.

د-١:١. پورب = پورب ديس (جيڪو منهنجو وطن، جتي منهنجي پرينءَ جو ديس)، مارِيياس= مون کي ماريو (سڪ ۽ فراق سڄڻ جي). جني نہ جيهياس= آءٌ جَن جهڙي ناهيان، جن جي برابر ناهيان. مان لَئہ= منهنجو نيهن. ٢. تب ڪرون= تڏهن ٿي ڪريان. نِڪَ= ڪوهہ سان لاڳيتي اڏ، جنهن ۾ ڪوهہ مان پاڻي ڪڍي وجهجي ۽ پاڻي وَهي وڃي آنهن يا آوازي ۾ پوي. نڪون لايون= وَهندڙ گهاريون ڪيون. نور= نيڻين، اکين (مان وهندڙ ڳوڙهو). ساجن سڄي نہ ملي= سڄڻ سُڄهي پيو تہ ڪٿي آهي پر ساڻن ملڻ مشڪل هجي. ٣. ڪينر= فقيرن جو واڄو (ڪينرو= سُرندي مثل ساز). ٿئا ساڄا= تازا توانا ٿيا. پُوريائون= رخ رکي روانا ٿيا. ٤. ڪمر بَستا= چيلهن ٻڌل، جَن جي چيلهن کي پٽا يا پوتيون ٻڌل آهن (پيدل پنڌ ڪرڻ وارا چيلهہ چڪي ٻڌندا تہ جئن مضبوط ٿي پنڌ ڪري سگهن). سگڙيون= ننڍڙا سگ (جانورن جا، جن کي مٿان چوٽيءَ وٽان وڍجي ۽ هيٺيان وڏي پاسي کان پڻ وڍجي، اهي اندران پورا ٿين، ۽ مٿان چوٽيءَ وٽان زوردار ڦوڪ سان وڄن). ٥. ڪچڪول= ڪشڪول، ڪِستا. ڪڙن ۾ ڪچڪول= ڪِستا ڪُڙن ۾ ٻڌل (ڪِستن ۾ لوها چِلا يا ڪڙا، جن ۾ سٽ جو وڏو ڪڙو جيڪو ڪستي لٽڪائڻ لاءِ ڪلهي ۾ وجهجي). پڳائون پول= پولا پڃي ڇڏيائون، شڪ دليل پلي ڇڏيائون (تہ ڪا سندن گلا غيبت ٿي ٿئي). ڪجائن ڳول= سندن ڳولا ڪج. گداوَ= گدائي. ٦. چلڻ جيون ٿا چُون= هتان هلڻ ۽ اڳتي وڃڻ جون پاڻ ۾ ڳالهيون ٿا ڪن. وڃئو پورب پون= پورب ۾ وڃئو پون= پورب تائين انهن جا واڄا ٻڌجڻ ۾ اچن.

Marfat.com

١٧

دِل ڏوتائِين ڏُکَ سِين، ڏاڍا هَڏِ نہ ڏوءِ
لاهُوتِي لَطِيفُ چَئي، رُوحان اَندَرِ روءِ
کونہ ڏنوسُون کوءِ، سَناسِي ۽ سُورَ ري.

١٨

وِلهُون ويلا واءَ، جوڳِين جهَلِئا جانَ ۾
اَجهو ري اَللهَ، کونهي ڪاپڙِين جو.

وائي-١

جَنِ کي مَنَ ۾ مالا، جوڳِي سيئي
جَنِ کي مَنَ ۾ مُندرا، سامِي سيئي
گَڏِئا گورکناٿ کي، سَتَ گُروءَ جي سَنگا
پيِتا سي مڙهيءَ ۾ ڪري الاالله.

وائي-٢

توبَہَ! توبَہَ! اِيءَ طَلَبَ،
ٿُنهنجِي دَران مَنگان
مونکي پِرِينِ ميڙِيين، سائين کَنہِ سَبَبَ
جي مُون هَٿان ڪارِيين، ڪَرَ موچارا رَب.

---

١٧. لفظ صاف آهن، پر مقصد واري معنيٰ آهي تہ: لاهوتي (لاهوت، واري منزل تي پهتل جوڳي) ڏاڍن ڏوئڻ واري رسم ڪري ٿي ڪونہ: هو ڏوئي ٿو تہ دل کي ڏوئي ٿو ۽ درد سان ڏوئي ٿو. روحان اندر روءِ= روحاني طور اندر ئي اندر ۾ روئي ٿو. سناسي ۽ سور ري= هجي سناسي ۽ سور نہ هجيس! ١٨. وِلهون= سخت سيءُ ۽ سرديون. ويلا= بک جا ويلا (جيڪي ويلا لنگهڻ ۾ گذرن). واءَ= سخت واءُ، لکون ۽ جهولا. وائي-١. من ۾ مالا= اندر ۾ مالها، تن ۾ تسبيح. مُندرا= والا. من ۾ مُندرا= ٻاهران ڪنن ٻدران اندر من ۾ پاتل والا. ست گروءِ جي سنگا= سچي گروءِ جي سهاري ۽ سنگت سان. وائي-٢، توبہَ! توبہَ! گناهن کان توبہ ۽ وري توبہ. تنهنجي دران= اي ڏاتي منهنجا! تنهنجي در تان، تو وٽان. ميڙئين= ملائيين. کنہ سبب= ڪنهن سبب سان حيلي سان. ڪاريين= تو ڪرائيين.

Marfat.com

ويساهي ويلَ ڪنهين پُورَبِ وِينڊءِ پَٽُ
هَلُ ڪنيائُون هَٿُ، آءٌ نہ جِيندي أنِ ري.

٩

واجڻُ ويراڳِينِ جا، مون وَٽِ وڏو مالُ
مَقالان مَهندِ ٿِئا، ڪِينهين وَتِنِ قالُ
حاصُلُ جَنِي حالُ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٠

سُتِي سيجَ هُياسِ، مونکي آءَ أٿاريُو
جَنِي جاڳاياسِ، آءٌ نہ جِيندي أنِ ري.

١١

هَي هَي ڪِئو هَٿَ هَٽان، جوڳِي وِئڙا جاڻَ
پِيهِي وِئڙا پاٽِ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٢

سامِي سَفَرِ هَليا، ڪو جو پُڇَنِ پَنڌُ
جَنِ هيناهون ڪَنڌُ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٣

مِٿَ نہ مَعذُورِينِ جا، جوڳِي جاڻَ نہ نِينِ
اِنهين ۾ آهِينِ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٤

نانگا نانِي هَلِئا، ويراڳِي وِئا
ڪِينرَ ڪاپَڙِيَنِ جا صُبُح تان نہ سُئا
هُوءِ جي هِتِ هُئا، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٥

نانگا نانِي هَلِئا، سامِي سِيئِئِي
وِهڪَ مون وِيئِي، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٦

نانگا نانِي هَلِئا، چيلا چيلھ ٻَڌِنِ
هَئي هَئي ٿا هَلَنِ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٧

نانگا نانِي هَلِئا، هَئِي مُنهِينجي حالِ
هُوءِ جي ڪَهِيا ڪالِ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٨

نانگا نانِي هَلِئا، لوڪان ڪَري لِڪَ
ويئِي مون وِهڪَ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

١٩

جيڪِي مونکِي نِي، ناٿ نانگا وانءُ مَ نِڪَري
پَهَ پَروڙِيَمِ پَٽَ جا، ڪِينَرَ منجهان ڪي
هاٽِي جي هَنيَئِي، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

٢٠

جيڪي مون ڪي تاڻِ، پَڳهُ پائي پاڻَ سِين
هُو جي هَنيَئِي هاڻِ، آءٌ نہ جِيندِي أنِ ري.

---

ويساهي= توڪي انهيءَ ويساھ ۾ چڏي تہ اجان اتي ئي آهن، پورب ڏي هليا ويندئي. پٽ= (سندن هي) ٽولو، سُنگ. هل ڪنيائون هٿ= هنن هٿ ڪنيو آهي؛ (ان سڏ ڪي سجاڻي) تون اٿي هل. ٩. واجڻ= واڄا. مال= ڌن. مقالان= مقال ڪان، زباني ڳالھ ڪان. مهند ٿئا= اڳتي ٿئا، اڳتي آهن (زباني ڳالهين ڪان اڳتي آهن). ڪينهين وٽن قال= وٽن محض زباني ڳالھ ڪانهي (پر حال وارا آهن). ١١. جاڻ= جاٽرا، جاترا، زيارت. پاڻ= (الف) پَٽِ، پنڌ واري پَٽ ۾ پيهي وئا، ويندي ويندي گم ٿي ويا (ب) پاڻ= پاڻ پوڄا ۾ محو ٿي ويا. ١٣. مٿ نہ معذورين جا= معذورن ۽ بيمارن جا هو مائٽ ناهن (يعني جيڪو هلندي هلندي واٽ ۾ بيمار ٿيندو تنهن کي ڇڏي هليا ويندا. اها سندن ريت آهي). جوڳي جاڻ نہ نين= آءٌ معذور آهيان ۽ مونکي جوڳي جاٽرا تي پاڻ سان گڏ نٿا وٺي وڃن. اِنهين ۾ آهين= انهين رٽ ۾ آهن (تہ هنن کي ڇڏي هليا هلون). ١٥. وهڪ= ويهڪ، هڪ جاءِ ويهڻ واري عادت. مون ويئي= مون ڪان ويئي (هاڻي آءٌ پڻ انهن• پٺيان هلنديس). ١٦. چيلا چيلھ ٻڌن= (الف) چيلا خذمت ڪندي، نانگن جي چيلھ تي وَڌي ٿا ٻڌن، سندري طور ڪپڙو ٿا ٻڌن (ب) نانگا اڳتي روانا ٿيا، هاڻي چيلھ پنهنجي پنهنجي چيلھ ٿا ٻڌن تہ هو بہ روانا ٿين. ١٩. جيڪي= يا تہ. ني= وٺي وڃ (نہ تہ هليو نہ وڃ). مون جوڳين جي هن ٽولي (پٽ) جا ڪي پَهَ ۽ ارادا سندن ڪينر واري واڄي مان پروڙيا هاڻي جي هنيئي= هاڻي تو جيڪي ڪينر تي هٿ هنيا، تو جيڪي واڄا ڪيا. ٢٠. تاڻ= ڇڪ. پڳھ پائي= ٻيڙي وانگر پڳھ وارا رسا ٻڌي ڇڪي پاڻ سين گڏ. هنيئي= تو جيڪي ڪينر تي هٿ هنيا، تو جيڪي واڄڻ وڄايا.

Marfat.com

ڦِڪيون ڏيئي ڦِڪيُون، ويڄَنِ آءٌ وِرچائِي
حُسنُ جو حَبِيبَ جو تِنهِ لاليءَ آءٌ لُچائِي
اُلفَتَ کَرِ مَ اُنِ سين، قُربَ جا ڪَڙائِي
صُحبَتَ سُپيرين جي، مِنِي آهِ مِٺائِي.

### وائي-۲

اي ميان سَجڻ توري توري
ڪيئن رَهندا نيڻ مُنهينجا
جَنِ جو آڌرُ تون
جِئان اَلهي اُپِري، توڙي تِئان پَري
توءِ وَجبو ٿن ڏي، اکڙيون پيرَ ڪَري.

### داستان ٽريو

۱

چا ڪي وَچِئو چو، بيلِي ٽئين بِئِن جو
وَٽ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جي جَڳَ جو والي جو
سَهُڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.

۲

موهِيندوءِ مَجازُ، تورين گهٽين ڏِينهڙين
هَٽان چَڏِ مَ بازُ، هارِيا حَقِيقَتَ جو.

۳

مَجَازِي موهي، ڪَڏهن وِيندءِ نِڪِري
اکڙيُون اوهي، چمَ وِهين وِسَهِي.

٤

مونکي ماءُ مَجاجَ، پڄَاري جِيئن پچئو
هَٽَنِ چَڏِي حاجَ، ويئِي سارَ سَرِيرَ مان.

۵

ديک مَ تون سِين ٽَنِ، هِي جي مَجازياٽِيُون مُنهَ ۾
ڪِينَ سُڃاتو سُپرين نِهاري نيٽَنِ
پرين سي پَسَنِ، بيئِي جَنِي بُوٽِيُون.

٦

نئون نِيهُ لَڳوسِ، راتِ رَمَدي ڍولَ سِين
سو سِينگارُ ٿِئوسِ، صُباحَ وِچ سَرتِيين.

۷

نِيهُ سُڃاڻي نيڻَ جي، وِچان سي وِصالَ
عَيبُ عاشِقَنِ جو سَبَبَ جِي سَنيالَ
جو هُوءِ ٿئا يائي حالَ، تہ ويئي وِچوٽڻ وِسَرِي.

ڦکيون= وات مان ڦکڻ جون دوائون. ڦِکيون= بي اثر. ويڄن= طبيبن. ورچائي= ٺڪائي. لچائي= مونکي لُچايو، لوچ پوچ ڏني. قرب جا ڪڙائي= قرب جنهن کي ڪڙايو آهي، جنهن کي قرب يا پيار منهن پنهنجي ڏيو آهي. وائي-۲. جئان= جتان، جنهن جاءِ تان. الهي= سچ لهي. تئان= تتان. توءِ= تہ بہ. د-۳: ۱. بيلي ٽئين= ڪِمي ٽئين، نوڪر ٽئين. ڪنجڪ= گهوڙي جي سنجن ۾، هَني جي ٻنهي طرف لٽڪندڙ چم جو پٽو جنهن کي ٻنهي طرفان ماڻهو جهلي هلن. ڪريم= الله. جڳ جو والي= سڄي جهان جو مالڪ. سهڪي= سکيو. ۲. موهيندوءِ= ڏکيو ڪندوءِ، توکي ڏک ڏيندو. تورين گهٽين ڏينهڙين= ڪن ٿورن يا گهٽن ڏينهن کان پوءِ، ڪن ٿورن يا گهٽن ڏينهن ۾. مجاز= مجازي عشق، ظاهري صورت وارو عشق. هاريا= اي موڳا! اي احمق! حقيقت= حقيقت وارو عشق، حقيقي صورت، دائمي صورت، حق حقيقي (اي هاريا! تون حق حقيقت وارو باز (جذبو، عشق) هٿان نہ ڇڏ). ۳. اکڙيون اوهي= اهي ئي اکڙيون (جن توکي موهيو آهي). جمَ= جئن مَ، متان. وهين وسهي= وسهي ويهين= انهن تي اعتبار ڪري ويهين. ٤. ماءُ= اي ماءُ (ماءُ، جي همزي تي پيش رهندو، جو اسم مونث جي اعراب نہ ڦرندي). مجاج= مجاز. پڄارو= جيڪو ڪپهہ پڄي، ڪپهہ کي ٽوڙي اکوڙي ڦوندا ڦوندا ڪري. سارَ= سنڀار، سڄاڳي، جس. سرير مان= جان مان. ۵. ديک م تون سين تن= تون تن سان نہ ڏس. مجازياٽيون منهن ۾= تنهنجي منهن ۾ مجاز واريون آهن، مجازي صورت جون موهيل آهن. انهن مجازي نيٽن حقيقي سڄڻ ڪين سڃاتو. ٻيئي جني ٻوٽيون= جن اهي ٻئي (ظاهري مجازي) اکيون ٻوٽي ڇڏيون (۽ اندر جي اکين سان ڏٺائون). ٦. رمدي= هلندي. صبوح جو اهو نيہ سرتين ۾ سندس سينگار بنيو. ۷. نِيہ سڃاڻي نيڻ= نيہ جي جن نيٽن سان محبت واري سڃاڻپ آهي، سي نيڻ وِصال جي وچان رنڊڪ آهن، وصال کان رنڊين ٿا. نيڻ تہ هڪ سبب يا وسيلو آهن، پر عاشقن لاءِ ڪنهن بہ سبب يا وسيلي کي سنيالڻ (۽ ان تي ڀاڙڻ) وڏو عيب آهي. جي عاشق ۽ معشوق حقيقي معنيٰ ۾ حال ياڻي ٿيا (ملي هڪ ٿيا تہ) وچ واري آڏ (سبب ۽ وسيلي واري) خود بخود وچان نڪري وئي.

Marfat.com

جا هُتيجَن هارَ، سا ڪِيئن وِهَندِي ڪوٽَ ۾.

٦

ميِنديا ڏوءِ نہ مارُئِي، ڪونهي اَنِ اوجاهُ
عُمَرَ جي انصاف جو پِٽِسِ ڪَن پَڙاءُ
وِينِي چوءِ اللهَ، مون تي مِٺَر نہ مونٺيا.

٧

ميِنديا ڏوءِ نہ مارُئِي، ٽِئَسِ گُڙلُون گاهُ
ڪِينَ گھٽنديَسِ ڪوٽَ ۾، پاٽُرَ ري پَساهُ
سَرتيون ڏيان ساهُ، جيڪَر مِلان مارُوئين.

٨

مَحلين ماندِي مارئي، ماڙيين ڪِي مَلُورَ
اَٽيا سَٽيا نہ ڪَري، سُونهَ وِجايَسِ سُورَ
پِٽِسِ لوهَ لَطِيفُ چَئِي، لَٽِسِ ڪوڏَ ڪَپُورَ
چِتَ جَنِي جا چُورَ، سي مَڪي مَرَڪُ نہ ڪَنديُون.

٩

مارُوئڙِي روئِي، نِيايا چائِيا
آن جو ڳُتو جيڏِيُون ميِنديِ وَرُ سوئِي
لاٿُمِ نہ ڏوئِي، ساڻ سَرَچِي سومَري.

١٠

هُنَ پَٽنديِ پُونِ، گَسُ نہ لَڳِيَمِ گَسَ جِي
آيَس عمرڪوٽ ۾، ٿئُو مٺو ميرو مون
جادُنِ پيِيُون جُون، آءٌ ڪِيئن مَرڪان مارُوئين.

١١

ڪَرِئو مُهاڙُ مَليرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
سَهَجُ سُورِي پانئِيان، سومَرا سَندوءِ
مِلڪُ مارُوءِ جي آهيان، جور نہ ٿِيان جوءِ
سو قَلبُ ڪوٽِ نہ هوءِ، جو هُتيجَنِ هَٽِ ڪِئو.

١٢

ڪَرِئو مُهاڙُ مَليرَ ڏي، اُپيائِي آهي
جا مَتي ڏِيَسِ مارُوئين، سا لوئِي نہ لاهي
سومَرا ساهي، تِنه سَتيءَ وِجهمَ سَنگهَرُونَ.

١٣

جا عُمَرَ تو مِلُ عِيدَ، سا هُنِ سوءِ وَرتي سُومَرا
ويئِي ويچارَنِ وِسَرِي، خوشي ۽ خَرِيدَ
سِڪَڻَ ڪِئا شَهِيدَ، مارُو جي مَليرَ جا.

١٤

آءٌ ڪِيئن سوڙيين سُمَهان، مون وَرُ گهاري وِلِ
ڪَتيرِيءَ تان ڪِلَ، عُمَرَ اِهڙي مَ ٿِئي.

١٥

آءٌ ڪيئن سوڙيين سُمَهَان، مون وَرُ گهاري سُج

---

هار= رهڻ واري هيراڪ. ٦. ڪونهي ان اوجاه= مارئي ڪان ڪجهہ بہ نٿو اجهي (اڪيلي سر هو بيحال آهي). پر عمر جي انصاف جو ڪن تي پڙلاءُ پيس. (انهيءَ ڪري آئت آيس ۽) ويني چوءِ اللهَ= ويني چوي تہ يا الله ڇو مون تي مٺر نہ مونٺيا= اجان تائين مائٽ نہ مونٺيا. ٧. گُڙلون =گُڙ جهڙا (چوندا: 'وارگُڙ ٿيا پيا آهن')= منڊل مُوڙهل. گاه= هڪ بئي سان لڳل سوڙها گهاٽا (ميندا ٽيس گُڙلون گاه). ٨. ملور= ملول، غمگين، ڏکاري. لٽس ڪوڏ ڪپور= ڪافور. ڪافور جي خوشبوءِ وارا لاڏ ڪوڏ لٽس. چتَ= چيتا، حوصلا. مڪي= ڪافور مڪي. ٩. چائيا= چوائيا، موڪليا. ميندي ور= ميندِي جو ور. ١٠. هن پٽندي پون= هن پونءِ پٽندي، ٿر جي زمين تي هلندي. گَس= مٽي، دَز. گس جي= واٽ جي. جادن= چٽڙن ۾، وارن ۾. ١١. روءِ اُپي چوءِ= پٽي روئي ۽ بيٺي چوي (تہ سهج سوري پانئيان...) سهج= سڪ، خوشامد ۽ آڌرڀاءُ. جور= زور= زور سان. قلب ڪوٽ نہ هوءِ= منهجو من ڪوٽ ۾ ڪونهي، ڪوٽ ۾ خوش ڪونهي. هُتيجن هٽ ڪئو= هُتي جي مارُوئڙن پنهنجي هٽ ڪيو. ١٢. اپيائي آهي= بيٺي آهي. ساهي= (هڪ معنيٰ) جهلي ڇڪي (ٻي معنيٰ) سهسائي= تنگ ڪري مچائي. ١٣. تو مُلِ= تو وٽ. هُن= هنن (مارُوئڙن). سوءِ ورتي= عيد سوءِ ڪري ورتي= عيد ملهائڻ بدران انهن سوءِ ڪئي، غم جو اظهار ڪيو. ويچارن مارُوئڙن ڪي عيد جي خوشي ۽ خريد وسري وئي. سڪڻ ڪين شهيدن مثال ڪري ڇڏيو. ١٤. سوڙيين سُمَهان= سوڙيون اوڍي سمهان. مون ور= منهنجو پتار (مارو). گهاري وِلِ= وِلهہ گهاري، ٻاهر سخت سيءَ ۾ بنا اوڇڻ جي سمهي. ڪتيري= ڪتيءَ واري، لوئي واري (مارئي). ڪلَ= ٽوڪ. ١٥. گهاري سج= سج ۾ گهاري، سج ۾ رهي (جتي اوڍڻ، ڪائڻ پيڻ لاءِ ڪا شيءِ ڪانهي).

Marfat.com

ڏيهِيا مون سين ڏيٺِ، ڪا مدَدَ ڪِجاهُ ماڙيين.

۱۹

ڄَنِ نہ ڄَڄِي آهِيان، ڪُڄَنِ ۾ ڪوٺَنِ
اِينڌهِينِ پيبِمِ اُبَتا، پيڪڙا پِيرَنِ
هَٿَ ڪَڙِيون هَٿَنِ، ڄَنگهُون بانهون ڪاٺَ ۾.

۲۰

هتين هَٿَ- ڪَڙول، هِنيَڙي پيبِمِ هُنَ جا
سانگِي سارِيَمِ سومَرا، جي ڍاٽِي پاسي ڍولَ
ٻاٻاڻن سِين ٻولَ، ڪِئَمِ نہ ڪوٽ وِهَڻَ جا.

۲۱

هَتين هَٿَ- زَنجيرَ، هِنيَڙي پيبَمِ هُن سان
مارُو منجهہ مَليرَ، آءٌ اُڪَندِي ڪوٽَ ۾.

۲۲

زيرِيين بيڙِيين لوھہَ ۾، ڳَنِين تِيَسِ ڳاهُ
سَنئُڪي سَندي سُومَري، هَڏِ نہ چاڙهِيُم ماهُ
سرتيون دُعا ڪِجاهُ، تہ پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي.

۲۳

ڪانڌُ نہ ڪَندِيَسِ ڪو ٻئو، ڳَتيروئي خُوبُ
ميروئِي مَحبوبُ، اَسان مارو مَڃئو.

۲٤

ميرِي جي ڏٻَرِي، مَرُ مَٽي تي هوءِ
مَتان مارُو چوءِ، تہ واڇا ويئي وِسَرِي.

۲٥

اجان ڪَتي ڪالَ، جا مٿي ڏٻَيَمِ مارُوئين
سا ڪيئن لوئِي لاهِيان مٿان لِڳن لالَ
مارُنِ مِڙِي شالَ، ڏهِيُون توءِ ڏيڪارِيان.

۲٦

اَڌُ لوئيءَ جو انگ تي، اَڌَ ۾ ٻچا ٻارَ
اِهَڙا جن اطوار، تن جي سامَ پريتَڙِي سومرا.

۲۷

جيڪُسِ اُنا مِينه، مُونهان پوءِ مَلير ۾
ڪالَهہ سجوئِي ڏِينهُ، اَڳَڙِيَنِ اُڪِيرئو.

## وائي

رَهِي منجهہ مَليرَ، مون تان ڪوهُ ڪِئو
مون تان ڪِينَ ڪِئو
مون هَٿان منهنجا ڏٿِي، سَهسين ٿئا صَغِيرَ
پَڪي مَنجهہ پَهُنوارَ جي، ڪوڙين ڪِئَمِ ڪَبِيرَ
تون ڏِئي مون ڏٿي دِلاسو دِلگِير.

## داستان ڇهون

۱

لينگڙِيارِي لوءِ ۾ جَنِي لاءِ تِياسِ
ٿَني تان تِرَ جيترو پَلڪَ نہ پُڄِياسِ
جهَروڪَنِ جهوريو هِنيُون، ڪونِين آءٌ ڪُنِياسِ
مارُنِ مُونجهَہ مُياسِ، ماڙِينِ مارِيَسِ ڪِينڪِين.

ڏيٺ= ملاقات. ڪجاهه= اوهين ڪجئو (ملاقات ۽ مدد). ۱۹. پيڪڙا= پيرن جا ڪڙا. ۲۰. ڪڙول= ڪڙولا، لوھہ جا ٿلها ڪڙا. هن جا= هنن مارن جا (هَنن جي محبت ۽ يادگيري جا). پاسي ڍول= ڍول وٽ، منهنجي پياري مارُو وٽ. ۲۲ زيريون بيڙيون= هيٺيون پيرن ٽنگن واريون ڪڙيون زنجيرون. ڳٺ= ڳچيءَ جا (ڪڙا). ڳنين= ڳنن ۾ (انهيءَ حالت ۾). تيس ڳاه= آءٌ ڳاهجي رهيس، سخت چيپاڻجي رهيس، گهُٽجي رهيس. سنئڪو= ٻپ. هڏ نہ چاڙهيم= پنهنجن هڏن تي گوشت نہ چاڙهيم، مُٺس ڪانہ، ٿلهي ڪانہ ٿيس، سُڪي ڳري رهيس. پاروڙي= رڍ جو قسم رڍ جي اُن جي ڪٿيءَ جو پرم= شان. ۲۳. ڳتيرو (ٿر جي ٻولي)= ڪٿيءَ وارو. ۲٤. ڏٻري= رَلي، ٿلهي پوتي. واڇا= وچن، وائي (مارُوئڙن واري). ۲٥. ڏهيون= ٻچيل ڏاڳا ڏورا پُوچڙ (لوئي جا). ۲۷. جيڪس= ڀانءِ تہ، لاشڪ. مونهان پوءِ- مون ڪان پوءِ، منهنجي وڃڻ کان پوءِ. اُڪيرئو= اڪير ڪئي، سڪ ۾ سنڀارئو. وائي. صغير= صغيرا گناھ. ڪبير= ڪبيرا يا وڏا ڏوھہ. دلاسو بخشش جو دلاسو. د-٦-۱. لينگڙياري= ليڙون ٿيل ڪپڙن سان، ڦاٽلن ڪپڙن سان، ابري ۽ ابالي. لوءِ ۾- پنهنجي ڳوٺ ۾. نہ پڄياس= نہ پڄياس. مونکي نہ پڄيو. جهروڪو= محل جي مٿين ديوار مان آڏو ٻاهر نڪري بيهڻ واري جاءِ (جتان بادشاھ رعيت کي ديدار ڪرائين). مارن مونجهہ= مارُوئڙن جي مونجهہ ۾، مارُوئڙن لاءِ ڏک ۽ سڪ ۾، ماڙين ماريس ڪينڪين= مونکي ماڙين ڪونہ ماريو آهي پر مارُوئڙن جي سڪ ۽ ڏک ماريو آهي.

Marfat.com

سونہ کَھين شيءَ ۾، جيکين منجھ تُرابَ
هوءِ جي جَھرَکئا جَرَ تي، سي تان سَڀ حُبابَ
فنا وجهي فَمَ ۾، کارَڻُ تيءُ کَبابَ
ڏي طَھُورا تَن کي جي سگَھن لاءِ شَرابَ
مُنيءَ کِئا مَرض ۾ جاوا سَڀ جَوابَ
هُئَڻ منهنجو هوتَ ري، کِهڙي منجھ حسابَ.

◈

[٩-١٠] سو= سو صبر، سوسَٽُ، سا سهپ، برداشت جي قوت. تراب= مٽي. جهرکئا= چَمکَئا. جر تي= پاڻيءَ (جي سطح) تي. حُباب= بوڙيا. فَم= وات. فنا وجهي فَمُ ۾= فنا کائي. کارڻ ٿي کباب= کارڻ خاطر (علاج خاطر) کباب ٿيءُ، سبب ٿيءُ. طهورا= پاڪ شراب. جاوا= (الف) جاوَہ (ف= ياوَہ) بي سود، بي معنيٰ (ب) جايا (ع. ضايع)= ضايع. جاوا کيا= جاوہ کيا، 'بي معني' کري ڇڏيا، بي سود کري ڇڏيا. جايا کيا= (ضايع کيا) ۽ وِڃائي ڇڏيا، ختم کري ڇڏيا، مُنيءَ عشق جي مرض ۾ سڀ علاج (جواب) رد کري ڇڏيا. (۽ چئو چيائين تہ آءٌ پنهنجي پرين ڏي ويندس چاڪاڻ جو ان کان سواءِ منهنجو هت گهارڻ کهڙي ليکي ۽ شمار ۾ آهي. متفق طور تي روايت آهي تہ هي وائي شاھ صاحب جو آخري ڪلام آهي. انهيءَ لحاظ سان هنن سٽن جي معنيٰ کي ائين سمجهڻ بہ صحيح ٿيندو تہ: شاہ صاحب (سنهڻي جي زباني) پاڻ پنهنجي ڳالھ ٿو ڪري تہ: هِن مُنيءَ، هن حياتي جي آخري وقت ۾ الاهي عشق جي غلبي هيٺ انهن سڀني جا علاج رد ڪري ڇڏيا (جن اجان ڪجھ وڌيڪ جيڻ لاءِ حيلا پئي ڪيا ۽ اهڙيون مصلحتون پئي ڏنيون) چاڪاڻ جو:

"کهڙي منجھ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري"!

Marfat.com

روضو پاڪَ رَسولَ جو ريجهي رَيائين
آٿي ڏِنائِين، عالَمِ آبُ اگُوندَرو.

١٠

ڪَڪَرَ پَسو اَيَ ۾ اُترانَ جي اَچَنِ
اَبرَ سَنديِ اوج ۾ وِڄون وَراڪا ڪَنِ
وَسِي وَڏَڦُڙَنِ، ساٽيهہُ سَپِ سُڪي ڪِئو.

١١

اُبُون، ڪَڪَرَ، ڪَيَرُون، اُترَ ڏي آهِينِ
جو آڳمُ ڪَري آئِيُون تہ مُند نہ مَٽائِينِ
مَٽان لوڪَ لَطيفُ چئي، گُوندَرَ گمائينِ
پَلَرُ پِيَارِينِ، اُجَنِ آبُ اگُوندَرو.

١٢

بَرَ وَٺا، ٿَر وٺا، پريُون ٿرايُون
پرِهَ جو پَٽَنِ تي ڪَنِ وِلوڙا وايُون
مَڱَڻَ پَريُنِ هَٽڙا سَنگهاريُون سايُون
ساري ڍُهَنِ سامُهيُون ٻولهايُون رايُون
ٻانهِيون ۽ ٻَايون، پَڪي سُونهن پانِهنجي.

١٣

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺو جيسَرَميرُ
آڳمَ ڪري آئِيُون پاڙُر پَري پيرَ
لاٿائُون لطيفُ چئي وانڍين مٿان ويرَ
سُرهَا ڪِئائُون سيرَ، سَرهيون سَنگهَاريون ٿِيُون.

١٤

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وٺي ڪَڇَ ڪِنارَ
پُوجاڙيءَ پَٽَنِ تي ڏِسُ نايائون نارَ
سَٻاجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيهہَ تان.

١٥

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي تہ سارنگَ ساٿَ ڪَڄِنِ
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون ٺَهِ ٺَهِ مِينهَن ٺَمَنِ
جَنِ مَهانگي مَيڙِيو سي. تا هَٽَ هَٽَنِ
پَنجن مان پندرهن ٿِئا، ائين تا وَرَق وَرَنِ
ڏُڪاريا ڏيهَ مان مُوذِي سَپ مَرِنِ
مِينهيون پاڻَ مَراديون ٿِڌا ٿر چَرَنِ
وهُڪي جَنِ ورَهيه ٿِئا، مونئو سي مِڙَنِ
وَري وَڏيءَ وَسَ جون ڪِيون ڳالهيون ڳِنوارَنِ
سَيِدُ چَئي سِپِنِ، آهي توهَ تُنهِنجو آسَرو.

١٦

واڳِئا جي وَجهَ سِين، رُبُ نہ سُجاڻَنِ
ميڙيان ميڙيان ڪَنِ، اِيءَ ميڙَ مُهندِين ڪَڏهِين.

---

ريجي= رجائي. ريائين= پوريءَ طرح پريائين. عالم= عالم ۾، جهان کي. اگوندرو= بي غمو، خوشيءَ وارو. ١١. اُبون= ٻاڦ جهڙا ڪڪر. ڪيرون= هڪ ٻئي پويان قطارون ۽ سنگهرُون. مند نہ مٽائين= ضرور وسن، وسڻ جي مند نہ مٽائين گمائين= گنوائين، لاهين، ختم ڪن. آب اگوندرو= صاف سنو پاڻي جنهن ۾ ڪو ميل نہ هجي. ١٢. وَٺا= وسيا، وُٺا. ترايون= تانگهيون ڪڍون، ويڪرا تانگها تلاء. وِلوڙا= ڏڏ يا ڪير جا ولوڙا. ڪن ولوڙا وايون= ولوڙا وايون پيا ڪن، ولوڙا آواز پيا ڪن، ولوڙن جا آواز پيا اچن. سنگهاريون= مال واريون. ساري ڍهن= سنپاري ڍهن (تہ جئن کا ڳئون ڍهڻ کان سواءِ رهجي نہ وڃي). سامهيون= سامهون ايندي ئي (جڏهن جهنگ چري، وٿاڻ تي اچن پيون). ٻولهايون رايون= ڳئن جا ٻہ قسم. (رنگ جي لحاظ سان). ٻانهيون= خدمتگار. ٻايون= سانٽُون. ١٣. جيسر مير= جيسلمير. آگم ڪري= گرمي گهٽ ۽ مٿان ڪڪر ڪري. آئيون= ڪنوٽيون ٿيون، وڄڙيون آيون. وانڍ (جمع) وانڍيون= اصل ماڳ مڪان يا ڳوٺ کان ڪجهہ مفاصلي تي ٻاهر، مال جي سنڀَي خاطر، عارضي رهائش لاءِ اڏيل جهوپڙا. وانڍي= (ج) وانڍيون= اڪيليون (جن جا ور ٻاهر پورهيي لاءِ ويل ۽ پاڻ اڪيليون). سير= اچڻ وڃڻ جا گس ۽ پيچرا. سرهيون ٿيون= خوش ٿيون. سنگهاريون= مال واريون. ١٤. ڪڇ ڪنار= ڪڇ جي ڪنار، ڪڇ ملڪ جي سرحد واري وٽ. پوجاڙي= پوجاڙيءَ جو، پوئين پهر. نايائون= ڪڪرن ۽ وڄن نايا، پلٽيا. نار= پاڻيءَ جا نارا. ١٥. ساٿ ڪجن= مينهن لاءِ (ڪڪرن، گوڙن، ڪنوٽين وڏ ڦڙن واڪن جون) رنگ رونقون ڪجن. مهانگي= مهانگي لاءِ، سهانگو خريد ڪري پوءِ مهانگو ڪري وڪڻڻ لاءِ. ١٦. واڳِئا= ڳنديا، واسطيدار ٿيا، هريا. وجه= وجه معاش، ملندڙ وظيفو، ملندڙ مال ۽ پئسا. مُهندين= مارينديِن.

Marfat.com

# شاهہ جي رسالي جو ڪلام

Marfat.com

Marfat.com

## وائي- ٢

سارو ڏينهن رڻ ۾ رهياسي امام
رڻ ۾ رهيا سارو ڏينهن رڻ ۾ رهيا
تون جا وڃين ڪونجڙي هي هي ناني ڏيج سلام
مون کي ويرن ويڙهئو هئي هئي مولا مينه وساءِ
سارو ڏينهن رڻ ۾ رهيا سي امام.

## وائي- ٣

ياعلي، ياعلي، سر يتيمن جي آئي
آيو حڪم الله جو يا امام
ياعلي ياعلي سر يَتيمن جي آئي
بن وڇوڙو موت جو يا امام
هَي وو آلا چارئي پهر جدائي
آيو حڪم الله جو يا امام
آتر پٽر ميڙي سائين الا بيبي ديڳ چڙهائي
جنهين ڪارڻ چاڙهيائين سي ڪرن لڙائي
آيو حڪم الله جو يا امام
ياعلي ياعلي سر يتيمن جي آئي.

Marfat.com

# سُر ڏناسري

سر ڏناسري جو مکيہ موضوع نعت، صفت ۽ ساراهہ آهي. هن سر جي ڇهن داستانن ۾ هيٺين موضوعن وارا بيت شامل آهن. ١. مديني جي مير حضرت نبي ڪريم (صلي الله عليه وآله وسلم) کي صدا ۽ سندن صفت ۽ ثنا. ٢. ملتان جي ولي غوث بهاء الدين زڪريا رحہ ۽ سندس سجاده نشينن جي ساراهہ. ٣. حضرت بادشاهہ پير دستگير بغدادي رحم جي ثنا ۽ سندس اولاد مان (هالن پراڻن جي) سيد عبداللطيف عرف قادري پير جي ساراهہ. ٤. شاهہ ڪريم، شاهہ حبيب ۽ شاهہ لطيف جي ساراهہ. ٥. لڪياري لال سيد محمد راشد روضي ڌڻي جي سجاده نشين ۽ خليفي محمود سائين جي عقيدت ۾ چيل بيت. ٦. ۽ ٻيا صفت ۽ ساراهہ جا بيت.

## داستان پهريون

١

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
جي سَرَنِ تُنهنجيءَ سِيرَ، پارِ لَنگهايين پَهيڙَا.

٢

مَديني جا مِيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
اوکيءَ ويرَ اَمِيرَ، عاصي تُنهِنجي آسَري.

٣

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ منهنجا سَڏَڙا
عالَمَ جا اَمِيرَ، پارِ لنگهائج پَهيڙَا.

٤

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ منهنجا سَڏَڙا
جي لَڱَا تنهنجي سِيرَ، سي پارِ لنگهائج پَهيڙَا.

٥

مَدِيني ڌَڻِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
تُنهنجِي آهِ ڌَڻِي، ٻِي ڪَنڌِي ساريان ڪانہ ڪا.

٦

مَدِيني ڌَڻِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
خطائُون گهڻِي، ڏِنا ڏوهہ بَخشيين.

٧

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
ڪِجُ مُحَمدَ موٽ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

٨

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
اَجهي تُنهِنجي اوٽ، پارِ لَنگهايين پَهيڙَا.

٩

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
جي لَڱَا تُنهنجي چوٽ، سي پار لنگهائج پَهيڙَا.

١٠

مَدِيني جا شاهَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
ڪارَڻِ لَڱِ اللهَ، سِگهو رِسجُ سيگهہ ۾.

١١

مَدِيني جا شِيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
پَرِ مُبارَڪَ پيرَ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

١٢

مَدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
آهيان تُنهنجيءَ سامَ، سِگهو رَسجُ سُپرين.

١٣

مَدِيني جا جامَ، سُڻجُ مُنهنجا سَڏَڙا
نَنڍا وڏا اُمتِي اوباهين اَيامَ
جي سَرَنِ تُنهِنجي سامَ، سي پارَ لَنگهايين پَهيڙَا.

١٤

مَدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
جي لَڱَا تُنهنجيءَ لامَ، سي پارِ لنگهايين پَهيڙَا.

١٥

مَدِيني جا مَلَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا
ري تو ٻِي نہ جَهلَ، آهيان تُنهِنجي آسَري.

١٦

مَدِيني والِي، سُڻُ مُنهنجا سَڏَڙا
اَجهو تون عالِي، ٻِي ڪَنڌِي نہ آهِ ڪيڏهين.

Marfat.com

اکيان تيڏيان لعل شرابي، مَئي دا مَند پيتوئي
سرِ سَيد دي چوُرنگ چيري، کوڙين رَنگ رَتوئي
هوش اساڏا سُهڻا سائين، نيڻين نال نِيتوئي.

وائي-٤

تِلفُ نہ تولِئو جاءِ، ماڏُو نا ناتو نِيهَ جو
عشق نہ واڙيءِ پوکئا، عشقُ نہ هَٽِ وِکاءِ
عشق ڦُلوبان نِکَتا، چُن چُن هَڏيان کاءِ.

وائي-٥

کِس باغان دي مولي

وي تون کِس باغان دي مُولي

باغان وچ جو طوطا بولي، تون کِيا بولين چَنبُولي
باغان وچ جو چَکُوا مَروا، تون کِيون گند گندولي
مُولي پَنان سوڏي تول وِکاڻي، مُولي سائين قبولي.

◈

Marfat.com

جَنِي سَندو آهِيين، سي جي چُونِئِي 'هيٺ!'
جَنِ ڏيکارِيَئِي ڏيٺِ، وَرِئو عاقِي ٿِيين اُنِ سِين.

١٠

ڪُتو چَئِي، ڦَريبَ جا آهيون ساڏَ صَحِي
پِهرِين باتِ بَهِي، پُڇُون پوءِ پانڌِيَنِ کي.

١١

نَڪِين آهِيُون چُوهَڙا، نَڪِين آهِيُون چورَ
هاگَاما ۽ هور، ڪُتا ڪَريين ڪَنِ تي.

١٢

ڪُهِين تان آپ ڪُهُ، ڏَسِ مَ چوهَڙِيان
سَندا آهيڙِيان، آن نَه سَهنڊِي هَتڙا.

١٣

وِيئو آهي واڻ تي، ڪُتو ڪُتِيءَ وَٽ
پوتيون پانڌيڙَنِ جون، چيرئو ڪري چَٽ
جا گلَرَ ۾ گهٽِ، سا پُونڇِي ٿي پوريون ڪَري.

١٤

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي ڦَريبَنِ جي
بَهي بَهُڪي اُٿيو، گهڏِي منجهان گهُورَ
سَپُ لاٿائين سُورَ، گَري هِنَ غَريبَ جا.

١٥

ماٺِ ڪَئِو مارِينس، ڪُڄُ ڪُتي سِين ڪِينَ ڪِين
پائي پَٽُ پَچِيءَ ۾، دَرِ دوستَنِ ڪارِيَنسِ
سا پَرِ سيڪارِينسِ، جِئَن بَهَڻَ کان بَسِ ڪَري.

Marfat.com

۵۹

جَالِي جَالِي مٿن جَلُون، ڦهِري لَگا گهاءُ
جا لِکِ ساسُ سَرِيرَ ۾، تا لَکِ بيني بِين بجاءِ.

## وائي-۱

اَنند پِيو گُر کِرپا کَرِي هُو چاه سَرِي
بُڌ آئِي سُڌ کِيا پُر کاسا
صِقلي من کَليان نُواسا
گَئِي نِرمَنا، سَنکِسا بِسري
اَنا حَد وانِي واچن لاڳي
سَهج سَياه پِيو اَنا راڳي
جا هو ما ساهو ما ناه جوَهوءِ ماسا هوءِ بسري
اَچَر جو اَچر ما هوءِ سَمانا
پَياوي سَنتوگ گووَند پَهچانا
جَن لطيف ميرا مَن مانئا سُنن مَندل ۾ سُرت پَري.

## وائي-۲

ايڪ هِي رَين رَهو، بابو!
دوُجــي رات رهــو
نِهوڙي نَيٺن سِين، مُئيءِ کي مَ مُهو
جوڳِي جادوگر، وٺان مون مَ وَهو

## وائي-۳

کِنه سين ڳهوڻ،
ما جِي کِي پِيَ بن بات
هو موري جِي کي
جوڳِي هُوا سو چَل گيا،
بِيني سُول سهُون.

## وائي-۴

عَجب نَينِ تيري، سُرسَ نَينِ تيري
جَل وِچ کَنوَل، کَنوَل وچ مَدُئا،
جُون چاند کُون بادل گهيري
چُن پُن کَليان، سيج وِڇاوان،
آؤ پِيَا گهر ميري.

## وائي-۵

انا نين کهن نہ پان کهوائيي
هو رات ري
کر مايا پياون کن جي کانکن پوت لڳائي
هو رات ري
شاھ بهادر تم هي جانو، انگ انگ بهوت لڳائي
هو رات ري.

Marfat.com

٤

رَمهون ناهه نِسنگ، رَمَ اَرَوَرَ پاسي ڪَنتَ
گوشي ٿري ڪَمان جيون ڪَيُو نہ ٺوٺي انگ.

٥

رَمهون ناهه نِسنگ، رَمَ اَرسين اَرلگاءِ
ڦُلان پَري ٺارڙي، پَٺونرا پَڳي نہ جاءِ.

٦

اُپي سُورج سامُهِين مَٿو پَري ميٽ
تَأس نہ پِني پيٽ، هِيم وَرنِي مارُئي.

٧

ساچي ٿيان سيگڙي، رَٺمل هاٿ ڪَري
وِڙهندي سِر ويريين ڪوڏ ڪسيسان ڏي.

٨

مَنُ چَٽي ميري چَڙهان پَڳ ڏي پاوَٽيان
ڏولي سِين وَاَتان ڪَران، ڳَل ڏي بانهڙيان.

٩

هَٿان ڪَريان ڏيوَڙا، آنڪليان ڪِي واٽ
ڏول پِروَڻ آئيو، جَمڪَ وِڇايان ڪاٿ.

١٠

ڏولا پير سُپير ڪَر، اَر اَر سِين لاءِ
ڦُلان جَيسي ڪامني، هاٿ لڳي مَرجاءِ.

١١

مُنهه ميٺِي ڳَن ڪَري، ڏِيبُوءِ لَڪَڙيان
انڌارِي ۾ ڏيکِجي وِجُلِي سانوٽِيان.

## وائي

مِلِئو مارو مونکي، حيلن چالن سان مليئو
چَوکِي چارِي ڪيترا، بيئا وائُون جهَلِئو
ساري سُپيرين کي جيرو منهنجو جَلِئو
گهر جو محرم منگتو، عرض اُنهين اَلئو
ڪوڙين بانيَڻَ ڪيترا، وِجهَن ڳُڏنِ ڳِلِئو
سوئِي آيَمِ سُپرين، جِيءُ جنهين لئي جَلِئو
نِڳئو نِرورَ سيرئين، راجا رِٺمل مِلِئو.

❖

Marfat.com

جوڳي هِنَ جَهان ۾ سامِي سي سُئا
ٿنِي جا پُٺا، مَڃَ مانائي نہ ٿئا.

٤٠

مَڃَ مانا ٿي نہ ٿِيا جي جَلايا جوڳين
جٺن عمر گُذري اُنِ ڪي تنئن ٿپي تيزُ ڳَنِ
ڏُونهان تا ڏُکنِ، ٿنِي جا ٽَمَرُ چٽي.

٤١

ٿنِي جا ٽمر چَٽي ڏُکن تا ڏُونهان
جَنِي چوري ڏِنا چِتَ کي لاهُوتِينِ لُوهان
سامِي ٿئا سُونهان، آوائان واٽ ڳَنِهين.

٤٢

آوائان واٽ ڳَنهين، سامِين لَڌو سيرُ
پُرِئا پَري پيرُ، سيئي سونهان ٿئا.

٤٣

سَيئي سُنهان ٿيا واقفُ ٿي وينا
پاٽِيءَ جٺن پينا، پَسو سيڪنهن شيءِ ۾.

٤٤

پَسو سَيڪنهن شيءِ ۾، ڪَنهن هنڌ نہ چَٽبو هاڻِ
”بِڪُلِ شيءِ مُحيطٌ“ اِي اُنِهين جو اُهڃاڻُ
ڳَنِي ساجارِن ساڻُ، تو ڳالهيون ڪري ڳُجهِيُون.

٤٥

ڳالهيون ڪَري ڳُجهيون پَسو سِين پَنهنجَنِ
سُڄاتائون سُپرينِ مُحُبُ ڪِئائون مَنُ
ٻِي نہ ڪِئائون ڳَنِ، آهِينِ اُوءِ اُنهِين سِين.

٤٦

آهِينِ اُوءِ اُنهِين ۾، ٿئا نہ ويسَلا وِيرَ
ٿَسا ڏيئي ٿَنَ . کي ساڙيائون سَرِيرَ
تيلاهَ ٿئا فقير، جوڳي هِنَ جَهان ۾.

٤٧

ڪالِهوڪو ڪاڏي ڳيو سندو جوڳين جوش
پُڇي ٿهين پَٽَ کي، هَڏَ نہ رهيو هوش
آسَڻِ منجهہ افسوس، آءٌ نہ جيندي ان ري.

دست را مَسپارِ جُزِ در دستِ پیرَ
حق شدست آن دست اُو را دستگیر
دستُ تو از اهلِ آن بیعت شود
که 'یدُ الله فوق ایدِیهِم' بُود
مثنوي ما دُکانِ وحدتست
غیر واحد هرچه بیني آن بُتست
مثنوي ما دُکانِ وحدت است
وحدت اندر وحدت اندر وحدت است
مثنوي مولوي معنوي
هستِ قرآن در زبان پهلوي
خود غَرضُ زین آبُ جان اولیاست
گـو غُـسُولِ تِیر گیهاي شـمـاسـت
آبِ خضر از جُويِ نُطقِ اولیا
مِي خُوریم اي تشنه غافِلِ بِیا
آيِ فَلان ما را بَهمت یاد دار
تا شویم اَز اولیا پایانِ کار
آن خیالاتي کلامِ اولیاست
عکس مَهرُویانِ بُستان خداست
ابلَهان تعظیم مسجِد میکند
در جفايُ اهل دل جِدِ میکُند
مسجدي کِه اندر درونِ اولیاسِت
سجده گاه جمله آنـجـايِ خـداسـت
اولیا اطفالُ حقُ اند این اي پسر
در حضور و غیب آگه با خبر
گفت اطفال مَن اند این اولیا
دَر غریبِي فرد اَز کارِ و کِیا
جانها اِین دُلق پوشان مَن اَند
صد هزار اَندر هزارِ و یَک تَنَ اند
مرتبهء اِنسان بدَستِ اولیا
سُفیهٔ خُون حیوان شناسش اي کِیا
عقلُ عقل اند اولیاء عقلها
بر مِثالِ اُشتران تا اِنتها

آن کِه گویند اولیا دَر کُه بُونَدَ
تاز چشم مرد ما غائبُ شُوَند
اولیا اهلِ دعا خود دیگرند
گه هَمِي دُوزنَدَ گاهِي مَیدَ رند
قوم دیگر مي شناسم ز اولیا
کِه دهنِ شان بسته باشد از دعا
تیغ در زِرادُ خانه اولیا
دِید آن ایشان شما را کِیمیا
هرکه خواهد هم نشیني با خدا
گه نِشینَد در حضورِ اولیا
چون شَوي دُور از حضورِ اولیا
در حقیقت گشتهء دور از خدا
یک زمانه صحبتِ با اولیا
بهتر از صد سال بودن در تُقيٰ
از حدیثِ اولیا نرم و دُرشت
تن مَپوشان زانکهِ دِینَت راست پُشت
نار خندان باغ را خندان کُند
صحبت مردانت از مردان کند
گر تو سنگِ صخره مرمر شوي
چون بصاحب دل رسي، گوهرُ شوي
مهر پاکان درمیان جانشان
دل مده اِلا بَمِهرِ دِل خُوشان
رو غذايِ دل بَده از همدلي
رَو بَجُو اقبالَ را از مُقبِلِي
دست زن در ذَیل صاحب دولتي
تا زِ انعامش بیابي رفعتي
آن وَلي- حق چو پیدا شد ز دور
از سَرو پایَش همي مي ریخت نور
نورِ حق ظاهر بُودَ اندر ولي
نیک بین باشي، اگر اهل ولي
گر ولي زهري خورد، نوشي شود
ور خورد طالب، سِیه هوشي شود

Marfat.com

ناقهء چسمِ ولي را بنده باش
تا شوي با روُح صالح خواجه تاش
همسري با انبيا بَر داشتند
اوليا را همچون خود پنداشتند
اوليا را داشتي در انتظار
انتظارِ رُستخيزت گشتِ يار
چونکه بيرنگي آسير رنگ شد
مُوسي با مُوسيٰ که اندر جنگ شد
چون به بيرنگي رسي کان داشتي
موسيٰ و فرعون دارد آشتي
علمِ اهلِ دل نه از مکتب بود
بلکه از تلقين خاصه رب بود
بي کتاب و بي حساب و بي اديب
اوليا را حق کند علمي نصيب
گر شکال آرد کَسي بر گفت ما
از براي‌ء انبيا و اوليا
اين نمي بيني که قربِ اوليا
صد کرامت دارد و کار و کَيا.

—

رحمة الله بر جنازهء مولوي
داد قرآن را لباسِ پهلوي.

## غزل

بي حجابانه در آ از دَرِ کاشانهء ما
که کِسي نيست بجز دردِ تو درخانهء ما
گر بيائي بَسر تُربتِ ويرانهء ما
بيني از خونِ جگر آب شده خانهء ما
فتِنه انگيز مشو کاکِل مشکين بکشا
تابِ زنجير ندارد دلِ ديوانهء ما
مرغ باغ مَلکوتيم دَرين دَيرِ خراب
مي شود نُور تجلاي خدا دانهء ما
با احد در لحد تنگ بگوئيم که دوست
آشنائيم توئي غير تو بيگانهء ما
گر نکير آيد و پُرسد که بگو ربِ تو کيست؟
گويم آن کس که ربود اين دلِ ديوانهء ما
منکرِ نعره ما گو که بما عربده کرد
تا به محشر شنود نعره مستانهء ما
شکر لله که به مرديم و رسيديم بدوست
آفرين باد برين همتِ مردانهء ما
"محي" بر شمعِ تجلي جمالش مي سوخت
دوست مي گفت زهي هَمتِ مردانهء ما.

## ادبيات

هزار بار بشويم دهن ز مُشک و گلاب
هُنوز نامِ تو گفتن کمال بي ادبيست.

عاشقان را روز محشر تا قيامت کار نيست
کار عاشق جُز تماشا اين جمالِ يار نيست.

ابر گريد گاه گاهي چشم من مگريد مدام
از فراق يار جاني چشم را خانم حرام.

دل بدست آوَر که حج اکبر ست
از هزاران کعبه يک دل بهتر ست
کعبه بُنگاهِ خليل آذر ست
دل گُذر گاهِ جليلِ اکبرست.

بنالد بلبلِ مسکين که از گلزار دور أفتد
قيامت آن زمان باشد که يار از يار دور أفتد.

چُنان سودائي ليليٰ در سرم بُود
کجا پرواي کارِ ديگرم بود.

صُنفَ الکُتبُ الکثير المعنويٰ
ليس فيها کا الکتاب المثنوي.

إنني أبصرتُ في النوم الرسولُ
في يَديهِ المثنوي وهو يقولُ...

Marfat.com

Marfat.com

# سنڌيڪا لطيفيات سيريز




Sindhica
سنڌيڪا

سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Marfat.com